**ڪاھوڙي خيال**

# سنڌ جي ماحوليات سان ھٿ چراند ۽ محڪومن مٿان چين جا تجربا

سنڌ ھونئن تہ شديد غلامي ۾ گھيريل ديس آھي جنھن جي واھر ڪرڻ وارا واھرو بہ بي موت ماريا پيا وڃن، پر ڪو بہ پڇڻ وارو ناھي.

انھيءَ سنڌ کي ھن وقت وسيلن جي ڦرلٽ، استحصال، ڌاري آبادڪاري سان گڏ اھم مسئلو ماحولياتي آلودگي جو بہ آھي. ھن وقت ڪوٽڙي کان ھيٺ سمنڊ ۾ پاڻي نہ وڃڻ ڪري لکين ايڪڙن تي مشتمل تمر جا ٻيلا تباھ ٿي چڪا آھن. سينيٽ ۾ پيش ڪيل رپورٽ موجب تيرنھن لک ايڪڙ يعني 350 ڪلوميٽر ايراضي سمنڊ دوز ٿي چڪي آھي، پر حقيقت انجي ابتڙ آھي.

اڄ ماحولياتي آلودگي تي تحقيق ڪندڙ يا وري پاڻي ماھر چون ٿا تہ سنڌ جي ويھہ لک ايراضي سمنڊ حوالي ٿي چڪي آھي، روزانو 80 ايڪڙ سمنڊ زرعي زمين ڳيھندو پيو وڃي، پر گھربل پاڻي جو مقدار ڪوٽڙيءَ کان ھيٺ وڃڻ محال آھي.

ارسا چيئرمين جو چوڻ آھي تہ چوڏنھن ارب ڪيوسڪ پاڻي ضايع ڪيو آھي ان لاءِ وڌيڪ پاڻي سمنڊ ۾ ضايع نہ ڪنداسين. انھيءَ چرٻ زبان کي ڪير سمجھائي تہ ويھہ لک زرعي زمين جو سمنڊ ۾ ھليو وڃڻ ۽ روزانو اسي ايڪڙ جيڪا سمنڊ ڳڙڪائيندي وڃي پئي، انھن کي في ايڪڙ پنج لک سان بہ ضرب ڪر تہ مٺت ڪٿيو پئي..... !!!

پر ڪير چئي لوھار کي سون جي کھڙي پرک؟؟ ھونئن بہ جن جو ديس پورو غلام ھجي اتي ويھہ لک ايڪڙ ۽ تمر جي ٻيلن جو کھڙو حساب ڪتاب؟؟ ٻئي طرف اڍائي ڪروڙ آبادي جي گنجان شھر ڪراچيءَ جي ڪڇ ۾ نيوڪليئر پاور پلانٽ جيڪو پنھجي ٽيھہ سالا طبعي عمر پوري ڪري چڪو آھي، اھو بہ ھلي پيو!! نہ ڄاڻ عزرائيل جو ڪم آسان ڪندڙ مالڪان ملڪ ڪجھہ تہ سوچين تہ نيوڪليئر پاور پلانٽ جي خارج ٿيندڙ ڦوڳ کي بہ پنج ھزار سال تائي ٽيڻ لاءِ گھربا آھن، چو تہ گاما ريز جي شيلف لائيف پنج ھزار سال آھي. ان جو پنج سئو گرام ھڪ اسڪوئر ڪلوميٽر آبادي جي موت جو سبب بڻجي سگھي ٿو. اھو سنڌ ۽ ايشيا جي گنجان آبادي واري ڪراچيءَ ۾ سالن کان ھلي پيو ۽ ان جو ڦوڳ ٽنل پائيپ ھجڻ ڪري ڪئنيڊا وارن اڳتي لائسينس کان جواب ڏنو اٿن تہ جڳاڙ ابن جڳاڙ جي پئدائش پاڪستان وارن چائنا کان بہ وڌيڪ پاور پلانٽ ڪراچيءَ ۾ لڳائڻ جي اجازت ڏني آھي.

حالانڪ آمريڪا ڪئينيڊا فرانس ۽ جاپان وٽ اھي آلات و اوزار آھن، جن تي ڀاڙي سگھجي ٿو پر چائنا کي عالمي ائٽمي اداري آءِ اي اي وارن اجازت ئي ناھي ڏني، اھي بہ ھليا آھن ڪراچيءَ ۾ تجربي طور ائٽمي نيوڪليئر گھر ٺاھڻ سي بہ ٻن جي تعداد ۾، ھڪ پھرين ئي جڳاڙ جي آڌار تي ھلي پيو.

ڪاھوڙي جي خيال ۾ انھيءَ انساني الميي ۽ ماس ڪلنگ جو سبب نيو ڪليئر پاور پلانٽ صرف ڪراچي ۾ تباھي جو باعث نہ بڻبا پر پرپاسي جي ملڪن ۽ ايشيا جي موت جو سامان بڻبا. انڪري عالمي ادارن ۽ گڏيل قومن سميت سڀن کي انھيءَ موت گھر جي روڪرائڻ جو بندوبست ڪرڻ گھرجي.


# جسمم چيئرمين شفيع محمد برفت جو موجوده سياسي ۽ عالمي صورتحال بابت انٽرويو

**اسان انهيءَ ڪري ڪمزور آهيون جو اسان جو دشمن پنجاب سامراج منظم آهي ۽ اسان جي قومي صفن ۾ انتشار پکڙيل آهي. پر جڏهن اسان پنهنجي قومي انقلابي صفن جي انتشار تي قابو پائي ورتو ۽ منظم ٿيڻ شروع ٿينداسين ته اسان جو قومي دشمن پنجاب سامراج ۽ ان جون مقامي ديش دروهي دلال قوتون منتشر ٿيڻ لڳنديون. اسان جي وسيع تر قومي انقلابي عوامي اتحاد ۽ ان جي گڏيل جدوجهد ۾ پنجاب سامراج جي سامراجيت جي موت جو پروانو موجود آهي**

انٽرويو: ڪاهوڙي پينل

**ڪاهوڙي**: سنڌ جي تاريخي تهذيبي شاندار سفر ڪي ڪيئن ٿا ڏسو ان ڪي سامهون رکندي ڇا سنڌ جي آزادي ممڪن آهي جي ممڪن آهي ته اها ڪيئن؟

**جسمم چيئرمين**: دوستو سڀ کان پهرين اسان ڪي تهذيب جي حقيقي سائنسي ماديتي تصور ڪي سمجهڻو پوندو ته تهذيب آخرڪار آهي ڇا؟ دوستو تهذيب انسان جي ڪارآمد محنت (Useful Labor) جي اهڙي سماجي تخليقي عمل جي تنظيم ڪي چئجي ٿو جيڪا پنهنجي دور جي مجموعي تخليقي عمل ڪي يا تخليقي سرگرمين ڪي پنهنجي تاريخ جي تخليقي عمل جي جوڙجڪ مان ظاهر ڪري ٿي، مطلب ته تهذيب پنهنجي دور جي پيداواري عمل جي منصوبا بند سٽاءَ مان ظاهر ٿيندي آهي انهيءَ ڪري جيڪڏهن تهذيب معاشري جي تخليقي سرگرمين جي مجموعي سٽاءَ جو تنظيمي وچور هوندي آهي ته ثقافت تهذيب جي يعني تخليقي ايجادن جي فني ڄاڻ ڪي چئجي ٿو. جيڪڏهن تهذيب انسان جي تخليقي سرگرمين جو مادي ثمر هجي ٿي ته ثقافت تهذيب جي استعمال جو روحاني يا ذهني سافٽويئر آهي ان ڪانسواءِ ان ڪي چرپر ۾ نه آڻي سگهبو آهي. مطلب ته جي تهذيب تهذيب پنهنجي تاريخي دور جي فني تخليقي سرگرمين جي هارڊويئر جي تنظيم آهي ته ثقافت انهيءَ تهذيب جي هارڊويئر ڪي متعارف ڪندڙ سافٽويئر آهي. آرڪيالاجيڪل رڪارڊ موجب مهر ڳڙهه جي کوٽائيءَ کان پوءِ اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته دنيا جي سڀ کان پهرين زرعي تهذيب جا بنياد سنڌو ماٿر کان پيا هئا. اهڙيءَ ريت دنيا جي پهرين شهري تهذيب جو آغاز موهن جي دڙي جي پڪ سِري ۽ اعليٰ منصوبا بند شهري اڏاوت کان ٿيو هو. پروفيسر ائن مورا جي تحقيق موجب سنڌ ڌرتي مڙني مذهبن جي ماءُ آهي. ڇاڪاڻ ته شوَ ۽ شڪتيءَ جو تصور مڙني مذهبن کان قديم تر آهي.



جيڪو تصور ٻڌائي ٿو ته هيءَ دنيا يعني پوري ڪائنات تضادن جي وحدت ۽ ڇڪتاڻ جي تخليقي تصور جي مثان بيٺل آهي، ڇاڪاڻ ته تضاد ئي نشونما ۽ واڌ ويجهه جو ضابطو طئي ڪن ٿا ۽ تبديلي ۽ تخليقين جو نئين کان نئون سرشسمو بڻجن ٿا تنهن ڪري اُهي حيات جي اعليٰ صورت ۾ عورت ۽ مرد جي جنسي عضون يوني ۽ لنگر جي تخليقي شڪل ۾ ظاهر ٿيا آهن. پر آئون ائن مورا جي ان تصور ڪي اڳتي وڌائيندي سنڌو ماٿر ڪي انسانيت ۽ ماڻهپي جي آغاز جي سرزمين چوان ٿو، ڇاڪاڻ ته پهرين تهذيبي ثقافتي انسان (Socio Cultured Human)جو ظهور سنڌو ماٿر مان ٿيو هو. جيڪو انساني عهدِ وحشت ۽ بربريت جون سرحدون اُڪرڻ کان فوري طور تي پوءِ سنڌو ماٿر مان سگلائپ ۽ شائستگي جي خوبين جي مالڪ پهرين انساني تهذيبي ثقافتي خوبين جي شڪل ۾ اڀير آيو. جنهن ڪري ئي سنڌ جو معاشرو ائن مورا جو مذهبن جي بُن بٽياد بڻجڻ کان اڳ ۾ انسانيت ۽ ماڻهپي جي پهرين تهذيبي سورج جي اُڀرڻ جي پهرين سرزمين آهي. هن پوري سنڌو ماٿر جي ڏکڻ ايشيائي خطي جو جيڪا سرزمين هن پوري سنڌو ماٿر جي ڏکڻ ايشيائي خطي جو محور ۽ مرڪز پئي رهي آهي پر تاريخ جي المناڪ لاهين چاڙهين مان گذرندي ايترو ته ٻاهرين حملا آورن جي زدِ ۾ رهي آهي جو تاريخ جي تخليقي عمل کان بار بار وڇڙندي ۽ اُن سان ڳنڍجندي رهي آهي. ڪيترائي حملاآور نسل هن امن،پيار، محبت ۽ آشتيءَ جي سرزمين ڪي پنهنجي وحشي بربريت پسند استحصالي ڪروڌ سبب هن ڌرتيءَ

ماتا ڪي پنهنجي اولاد جي رت سان وهنجاريندا آهن ۽ آخر ڪار انهن ٻاهرين حملا آوارن ڦورن لٽيرن، بدمعاشن، رهزنن به هتي سڪونت اختيار ڪري مڪاني ماڻهن سان ملي جُلي رواداري سهپ جي شوَ ۽ شڪتيءَ واري رويي ۾ رڱجندا رهيا آهن. ته ڪڏهن ٻاهرين حملاآورن جي ڪنورتا هتي انسانيت ۽ ماٽيهي جي شوَ ۽ شڪتيءَ جي مت جي خلاف پنهنجي نا انصافين سماجي استحصال تي مبني ذاتي ملڪيت جي تحفظ جي لاءِ رياست جي پُرتشدد تنظيمن جا بنياد وڌا، جيڪا تنظيم مذهب ڪي پنهنجو نظرياتي هٿيار بڻائيندي انساني حقن جي لتاڙ ڪري، انسانذات ڪي رنگ، نسل، ذات پات جي مت پيد ۾ ورهائي انسانن ڪي غلام بڻائي انهن غلامن جا انساني ۽ سماجي حق ۽ رتبا ڪسي انهن ڪي جانورن جيان زندگي گذارڻ تي مجبور ڪندي رهي. اها غلامي آرين جي ذريعي هتان ڪان پوري دنيا ۾ هڪ عالمگير غلامداراڻي نظام جي طور تي پڪڙي جنهن مصر ۽ ميسوپوٽاميا ۾ فرعونن ۽ حمورابي جهڙن حڪمرانن جهڙا بنياد رکيا. آرين دراوڙن جي ماٽهيي جي درسن تي مشتمل دراوڙن جي ناد ۽ نغد جهڙن ڪوڙ سارن اهم ڪتابن ڪي ساڙي رک ڪري ڇڏيو، جنهن تي سنتو ماٿر جي تهذيب صدين ڪان وڻي نوحا ڪنا آهي ته آرين پنهنجي دور جي دنيا جي بامِ عروج تي پهتل دنيا جي تهذيب ڪي تحس نحس ڪري ڇڏيو هو. ساڳيءَ طرح يونان ۾ مڪاني مايوسين مادري تهذيب جنهن جو ذڪر هومر جي شاعراڻي تحرير "اوڊيسي" ۾ هڪ جنت نما ماحول جي جهلڪ جي طور تي ملي ٿو، انهيءَ جو خاتمو به انهيءَ برپٽن ۽ سحرا مان نڪري آيل وحشي نسل جي ذريعي ٿيو. چون ٿا ته يوناني تهذيب جي علم فهم، فلسفي ۽ فراست جا پهريان چراغ "فونيشيا" ڪان روشن ٿيا هئا. جنهن فونيشيا جو اصل نالو پٽي ديشيا هئو، جنهن پٽي ديشيا جي نالي ڪي عربن وٽ "پ" جي اڻ هود سبب جيئن "پلاٽون" ڪي انهن "الفلاٽون" بڻائي ڇڏيو تيئن پٽي ديشيا ڪي انهن "فونيشيا" بڻائي ڇڏيو. يوناني فلسفي جو پهريون فلسفي فوجي انجنيئر "ٿيليس" جو تعلق "فونيشيا" سان يعني "پٽي ديشيا" هو. اهي پٽي ئي هيا جيڪي دنيا جا پهريان وٽج واپار ڪندڙ وڻجارا هئا. لوهاڻن جو تعلق پڻ انهيءَ پٽي نسل سان آهي. انهن مان ڪجهه عبدالله شاهه اصحابيءَ جي دور ۾ اسلام جي دائري ۾ شامل ٿيا، تنهنڪري مومن سڏجڻ لڳا. ۽ ان مومن مان ڦري آخرڪار ميمڻ بڻجي ويا. سنڌ ۾ ان قبائلي سماج ڪان پوءِ سماجي ارتقا جو عمل ڪلهوڙن جي دور ۾ ساڍا پنج سؤ واهه کوٽرائڻ ڪانپوءِ غلامداراڻي سماج ڪان جاگيرداراڻي سماج ۾ داخل ٿيو. اهڙي طريقي سان سنڌ ۾ هڪ نئونزرعي پيداواري طريقو يعني (Mode of Production) ايري آيو جو واهن جي ٻنهي ڪنڌين سان نوان زرعي ڳوٺ آباد ٿيڻ شروع ٿي ويا، جتي هر قسم جا دستڪار موجود هئا ۽ تقسيم محنت جي زرعي دور جون شڪليون نروار ٿيڻ لڳيون. جنهن سان زرعي دور جي تهذيب نڪري نروار ٿي آئي، جنهن جو اعليٰ ثقافتي اظهار شاهه لطيف جي شاعري ۽ ان دور جو ادب آهي جنهن ڪي سنڌ جي علم ۽ ادب جو سونهري دور چيو وڃي ٿو، انهيءَ دور ڪان اڳ ۾ سنڌ جي زرعي آبادي اڪثر طور تي باغبان يعني درياهه جي ٻنهي ڪچن تي آباد ٿيندي هئي ۽ اڪثر جنگيون به باغبان واري علائقي ۾ لڳنديون هيون. پهريون دفعو سنڌ جي زرعي تهذيب جو دفاعي مرڪز ڪاڇو بڻيو جنهن جا بنياد ميان نصير محمد ڪلهوڙي رکيا هيا، تنهن ڪان پوءِ صنعتي دور ۾ سنڌ داخل ٿيڻ ڪان اڳ ۾ ئي انگريزن 1843ع ۾ چارلس نيپئر جي اڳواڻيءَ ۾ ٽالپرن ڪان سنڌ پنهنجي قبضي ۾ ورتي ۽ سنڌ هڪ نئين صنعتي دور جي سرحد تي اچي بيٺي انهيءَ دور ۾ جيتوڻيڪ جاگيرداري مضبوط هئي پر سرمائيداري جو ٻج ڇٽجي چڪو هئو، يعني ريلوي ٽريڪس وڇائجي چڪا هئا ۽ جديد واپار جا ذريعا آهستي آهستي منظر تي رهيا هئا ۽ سنڌي سينيو هندو واپاري شهرن ۾ پنهنجي ڪاروبار ڪي منظم ڪرڻ لڳو هئو. مطلب ته سنڌ عالمي صنعتي تهذيب ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ انگريز سامراج جي قبضي هيٺ رهي ۽ انگريز سامراج جي وڃڻ ڪانپوءِ 1947ع ۾ پاڪستاني رياست نهڻ شرط ئي 1940ع جي قرارداد جي انحرافي هيٺ پاڪستان نالي گهڻ قومي سامراجي رياست وجود ۾ آئي ۽ سنڌ هڪ دفعو ٻيهر مغل سامراج ڪانپوءِ پنجاب سامراج جي به قومي ٿيوڪريٽڪ نظريي جي تحت انگريز پاران پاڪستان نالي حوالي ڪيل قومن جي قيدخاني ۾ جڪڙجي وئي. 1940ع جي پيراگراف ۾ لکيل آهي ته اسان 1940ع جي ڪالونيل ايڪٽ ڪي مجيو ئي نٿا ۽ نه ئي برصغير جي آزاد رياستن ڪي صوبن جي طور تي تسليم ڪيون ٿا پر پنجاب سامراج (States) جي جڳهه تي (Single State) جي تصور ڪي اپاري آيو اهو سنگل اسٽيٽ جو تصور دراصل سامراجي تصور آهي، جيڪو ٻين مظلوم قومن جي سرحدن جي انڪار جو پاڪستان نالي رياست آهي. پاڪستان جهڙي گهڻ قومي بدمعاش بنياد پرست

رياست انتهائي مڪاري ۽ عياريءَ سان اصطلاحن جي هيرا ڦيريءَ جي ذريعي مختلف آئيني جواز گهڙي مظلوم ۽ محڪوم قومن جي قومي حقن تي ڌاڙا هڻندي رهي آهي. 1948ع ڌاران جيئن ئي پهرين عالمي سامراجي جنگ جي نتيجي ۾ پاڪستان ۽ ڀارت برطاوي قبضي کان ٻاهر آيا تڏهن هڪ آسٽريلوي نزاد جنرل آرڪوٽرن جي ذريعي پاڪستاني فوجي کي انٽيليجنس ادارو آءِ ايس آءِ ناهڻ ۾ مدد ڪئي وئي. آءِ ايس آءِ سڀ کان پهريان جناح کي پڪل ايمبولينس ۾ دم ٽوڙائي 1948ع ۾ بلوچستان تي چڙهائي ڪري انهيءَ کي زوري پاڪستان ۾ شامل ڪيو، ساڳئي ئي سال ۾ بنگال جي اندر ٻوليءَ وارا تضاد اڀري آيا. 1947ع کان 1949ع تائين هٽرادو سياسي عدم استحڪام واري سياسي صورتحال پيدا ڪئي وئي. ڇاڪاڻ جو پنجاب سامراج کي اهو خوف هيو ته شفاف اليڪشن ڪرائڻ جي نتيجي ۾ سندن سياسي سامراجيت اسيمبلين جي ايوانن ۾ دم ٽوڙي ويندي. انهيءَ جو واضح ثبوت اهو آهي ته 1956ع تائين پوري بنگال مان پنجاب نواز قائد اعظم مسلم ليگ جو خاتمو اچي چڪو هئو. 1947ع کان 1958ع تائين 11 سالن ۾ پاڪستان جا 8 حڪمرانن تبديل ٿي چڪا هئا جنهن سياسي عدم استحڪام تي تبصرو ڪندي جواهر لعل نهرو چيو هئو ته ايترن سالن ۾ مون پنهنجون ايتريون ڌوتيون به تبديل ناهن ڪيون جيترا پاڪستان جا حڪمران تبديل ٿي چڪا آهن. وڌيڪ تفصيل سان انهيءَ موضوع تي مان ٻئي ڪنهن هنڌ تي وضاحت پيش ڪندس پر هتي هاڻي سنڌ جي تهذيبي ۽ ثقافتي موضوع تي ڳالهائڻ گهران ٿو. مثال اسان جڏهن موجوده دور ۾ سنڌ تهذيب جي پيداواري طريقي جو جائزو وٺون ٿا تڏهن اسان کي ٽتنڌڙ جاگيرداري ۽ چائنجنڌڙ سرمائيداري نظر اچي رهي آهي. مثال جي طور تي هڪ ٽريڪٽر جي اچڻ سان سوين هارين پراڻي زرعي تهذيب جي پيداواري عمل کان بيدخل ٿي ويا. صرف ايترو ئي نه پر لوهر، ڊکڻ، ڪنير ۽ طرحين طرحين جا دستڪار جيڪي پراڻي جاگيرداراڻي دور جي تقسيمي محنت جي باقيات هيا ان جو سڄو شيرازو ئي وکري چڪو آهي. يعني اُهي پراڻي تهذيب جي پيداواري عمل کان مڪمل ڇڏي چڪا آهن ۽ نئين سرمائيداراڻي تهذيب ۾ داخل نه ٿي سگهيا آهن ڇاڪاڻ جو ڪارخانن ۽ صنعتن جي مٿان پنجابي ۽ پناڻ مزدور سنڌي مزدور جي پيداواري عمل جي مٿان لٽ رکيون وينو آهي جنهن جي ڪري سنڌي (پورهيت) معاشرو سرمائيداراڻي تهذيب جي نئين تاريخ جي تخيلقي عمل ۾ داخل ٿي نه سگهيو آهي. پر تاريخ جي تخليقي عمل کان ڇڏي ارتقائي عبوري دور جي صليب تي ٽنگيل آهي. جيڪو هڪ حامله عورت جيان سورن جي طوالت ۾ ورتل آهي ۽ نئين دور جي ارتقائي عمل سان ڳنڍجڻ کان عاجز ٻٽيل آهي جنهنجي ڪري بيروزگاري جو هڪ طوفان برپا آهي. جتي به بيروزگاري جا ديرا هوندا آهن ۽ جڏهن انهن جو حل نه نڪرندو آهي ته سماجي ڏوهه ۽ سماجي بيمارينءِ نفسياتي مرض ڪنيين جيان ڦٽي پوندا آهن. جنهنجي ڪري سڄي معاشري ۾ پيچ ڏاهه سبب خودڪشين جو رجحان، ٻارن وڪڻ کان ويندي نسلي لساني فساد ۽ طرحين طرحين جا ذاتي جهيڙا هٽرادو طور تي رياست طرفان پيدا ڪري معاشري کي تباهي ۽ تنزل جو آماجگاهه بڻايو ويو آهي، هاڻي جيستائين سنڌي معاشرو پنهنجي سياسي اقتصادي ۽ جاگرافيائي آزادي حاصل ڪري تاريخ جي تخليقي عمل سان جيستائين نٿو ڳنڍجي تيستائين نئين سرمائيداراڻي تهذيبي دور ۾ داخل نٿي سگهندو. ۽ پنهنجي قومي تشڪيل ۽ تڪميل تائين رسائي حاصل ڪري نه سگهندو. جيستائين سوال آهي سنڌ جي قومي آزاديءَ جو ته عالمي تاريخي حالتون سنڌي قومي جي قومي ٻڌيءَ جي اظهارجي طرف واجهائي رهيون آهن، جيڪڏهن سنڌي قوم متحد ۽ منظم ٿي ڪري هڪ آواز ٿي غلاميءَ جي خلاف اُٿي ٿي ته هن جي آزاديءَ جي عمل کي هن دور جي اندردنيا جي ڪابه طاقت روڪي نٿي سگهي ۽ سنڌي قومي کي پنهنجي تاريخ جي عظيم تاريخي ورثي سان ڳنڍجڻ کان دنيا جي ڪابه طاقت روڪي نه سگهندي، ان لاءِ اچو ته منظم ٿي ڪري هن پاپي پاڪستان جي پنهنجي قوم جي نفيءَ جي مٿان بينل بنيادن کي ڍاهي پنهنجي قوم جي تاريخي تسلسل کي بحال ڪري جديد سرمائيداراڻي تهذيب جي اندر داخل ٿيون.

**ڪاهوڙي**: پنجابي سامراج پاڪ چين اقتصادي راهداري جو سازشي منصوبو ٻن سالن ۾ مڪمل ڪرڻ جو سمجهوتو ڪيو آهي اهو منصوبو پنجابي سامراج چين سان گڏجي مڪمل ڪرڻ چاهي ٿو. سنڌ ۽ بلوچستان جي قومي تحريڪن کي ان سازش کي ناڪام بنائڻ لاءِ سياسي حوالي سان ڪهڙي گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي ؟

> **گهٽائي هميشه بزدل ماڻهن جي ٿيندي آهي ۽**
> **همت وارا ڪي ٿورا انسان هوندا آهن.**
> **سائين جي ايم سيد**

**جسمر چيئرمين**: سڀ کان پهرين اسان کي اهو سمجهڻو پوندو ته اهو پاڪ چين اقتصادي راهداري منصوبو آهي ڇو ۽ ڇالاءِ آهي؟ درحقيقت آمريڪا ۽ سوويت يونين جي ٻن سپر پاور بلاڪن واري سياسي، اقتصادي قوت ۽ فوجي حيثيت جنهن ڏينهن کان ٻه بلاڪي دنيا مان هڪ بلاڪي دنيا ۾ تبديل ٿي وئي آهي، سوويت روس جي منتشر ٿيڻ کانپوءِ عالمي قوتن جي وچ ۾ اُها پراڻي سياسي،فوجي، اقتصادي توازن واري ساڳي صورتحال نه رهي آهي. تڏهن کان عالمي طاقتن ۽ علائقائي طاقتن وچ ۾ نئين طاقت جي توازن جي ٻڪ ٻوڙ شروع ٿي وئي آهي ۽ عالمي قوتن سان سلهاڙيل ملڪ هاڻي پاڻ کي ان ڊور ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي ڏسڻ چاهن ٿا. تاريخ جي منظر نامي تي ٿوري نظر ڦيرائيندا سين ته خبر پوندي ته عالمي سرمايو ٽين دنيا جي پر امن منڊين جي حاصلات لاءِ نڪري پيو آهي، جنهن ۾ عالمي طور تي دنيا جون ٻه وڏيون ايشيائي معاشي طاقتون تيزيءَ سان ابري رهيون آهن، جنهن مان هڪ طاقت هندستان جو اتحادي آمريڪا ۽ نيٽو فورسز وارا اتحادي ملڪ آهن ٻي طاقت چائنا جا حمايتي شنگهائي فائيو اتحاد جا ملڪ آهن جن ۾ روس پڻ شامل آهي. ان کان علاوه پنجاب سامراج هندي مها ساگر ۾ فوج تعاون جي معاملي ۾ چين جو اسٽريٽجڪ پارٽنر بڻيل آهي، ٻنهي عالمي قوتن مان هر هڪ جو ان ڳالهه تي زور آهي ته هندي مهاساگر جي واپاري لنگهه تي اُن جي اجاراداري قائم رهي ته جيئن وچ ايشيا جي اڳوڻين سوويت رياستن تائين زميني، سامونڊي اقتصادي رستن "Economic Corridors" ذريعي پنهنجي انهن رياستن جي منڊين تائين رسائي حاصل ڪري سگهن ۽ انهن کي پنهنجي اقتصادي تصرف ۾ آڻي سگهن. ان لاءِ چين ۽ هندستان جيڪي ٻئي مستقبل جون ابرندڙ عالمي معاشي قوتون آهن 2002 کان مصروفِ عمل آهن. هڪ طرف ايران ۽ ڀارت 2002ع ذاران هڪ دفاعي معاهدي تي صحيحون ڪري چڪا آهن جنهن ۾ ٻنهي ملڪن آءِ ايس آءِ جي پشت پناهيءَ هيٺ وڙهندڙ طالبانن جي خلاف طالبان مخالف ڪرزئي حڪومت جي حمايت ڪري چڪا آهن (بقايا نمبر 1 صفحو 3) ٻئي طرف ساڳئي ئي سال چين پنجاب سامراج سان گڏجي گوادر پورٽ تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو. هڪ سال بعد 2003 ۾ ڀارت گوادر جي متبادل طور اومان جي پرسان ايران جي چابهار بندر جي منصوبي تي صحيحون ڪيون پر ايران تي لڳل عالمي معاشي ۽ ايٽمي پابندين جي ڪري ڀارت جو منصوبو معطل ٿي طعطل جو شڪار بڻجي ويو 2005ع ذاران بلوچ آزادي پسندن جي پاران گوادر پورٽ منصوبي تي ڪم ڪندڙ چيني انجنيئرن جي اغوا کانپوءِ 2007 ۾ گوادر جو منصوبو به رولهڙي جو شڪار بڻجي ويو. اهڙي ريت ڀارت ۽ ايران وچ ۾ ايشيا جي منڊين تائين پنهنجي مال جي رسائيءَ لاءِ ترجيحي بنيادن تي ٽيرف جي گهٽائڻ وارن سمجهوتن تي به صحيحون ڪري چڪا آهن. 1997ع کان پوءِ 2013 ذاران چيني وزيرِاعظم لِي ڪي چانگ پنجابي



وزيراعظم سان گڏجي پنهنجي سامراجي منصوبن کي پايہ تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ هڪ ڀيرو ٻيهر سرگرمِ عمل نظر اچن ٿا. فيبروري 2014ع ڌاران ٻئي پنجابي ۽ چيني سامراجي وزيراعظم ملي ڀڳت جي تحت هڪ طرف چيني بينڪيت سنڪيانگ جي مظلوم قوم کي تہ ٻي پاسي بلوچ قومي تحريڪ جي آزادي پسندن ۽ سنڌ جي آزادي پسند ڌر جسمم خلاف پنهنجي رياستي دهشتگردي ۽ سامراجي ڏاڍ کي استعمال ڪندي انهن مٿان پنهنجو سامراجي تسلط قائم ڪرڻ چاهين ٿا تہ ٻئي طرف مظلوم قومن جي وچ ۾ ٿيندڙ امڪاني اتحاد تي بہ پنهنجي سامراجي نظر رکيون اچن پيا. مان سمجهان ٿو تہ پنجاب سامراج جي ننگي جارحيت بلوچستان ۾ ايف 16 جهازن جو استعمال، رينجرز کي مليل طاغوتي اختيارن جي مدي ۾ واڌ، در حقيقت پنجاب سامراج جي راهداري واري سوال جي سامراجي حرث ۽ حوث سان ڳنڍيل آهي. جيڪا سنڌي ۽ بلوچ مظلوم قومن جي سياسي جدوجهد کي ڪچلڻ جي هڪڙي سازش آهي. ٻئي طرف هيءَ بہ هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ اقتصادي راهداريءَ وارو سوال صرف سنڌي بلوچ مظلوم قومن ۽ پنجاب سامراج جي وچ ۾ سامراجي ۽ قومي بقا جي جنگ تائين محدود ناهي پر هيءَ جنگ عالمي اقتصادي قوتن جي مفادن جي جيت هار جو ميدان بڻجي وئي آهي. هن وقت عالمي سرمايو پهرين دنيا کان ٽين دنيا جي نين منڊين جي قيامِ عمل لاءِ منتقل ٿي رهيو آهي. عالمي اقتصادي طاقتون جا توازن ۽ اقتصادي محور تبديل ٿي رهيا آهن. يعني عالمي سرمايو دنيا جو سياسي ۽ اقتصادي توازن پنهنجي عالمي گردش جي پسمنظر ۾ دنيا جي وڏين آباديءَ وارين ايٽمي طاقتن ڏانهن منتقل ٿي رهيو آهي. ان مان هڪ منفي پنجاب سامراج جي اتحادي قوت چائنا آهي ٻي مظلوم قومن جي فطري اتحادي قوت ڀارت آهي. يورپ ۽ آمريڪا جون اتحادي قوتون يعني نيٽو فورس چين جي منفي ڪردار جي ڪري هندستان کي چين جي مقابلي ۾ وڌيڪ طاقتور ڏسڻ چاهين ٿيون. تنهنڪري هندي مهاساگر ۾ موجوده دور ۾ فوجي بالادستي رکندڙ آمريڪا ۽ نيٽو فورسز انهيءَ اقتصادي مها راند (Great Game) ۾ هندستان جون اسٽريٽجڪ پارٽنر بڻيل آهن. مطلب تہ هڪ طرف چين سنگ ڪيانگ جي مظلوم قوم جي علائقي کي پنهنجي سامراجي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ چاهي ٿو تہ ٻئي پاسي پنجاب سامراج سنڌ ۽ بلوچستان جي علائقن کي پنهنجي سامراجي مفادن جي حرث ۽ حوس لاءِ استعمال ڪرڻ چاهي ٿو. هوڏانهن هندستان پنهنجي اتحادين جي مدد سان چابهار منصوبي کي آمريڪي اسپانسر اقتصادي تنهائي کي ختم ڪرڻ لاءِ پايہ تڪميل تائين وٺي وڃڻ چاهي ٿو. اهو منصوبو ايران لاءِ هندستاني معيشت مان فائدي حاصل ڪرڻ جو ذريعو پڻ آهي. بندرعباس سان گڏوگڏ چابهار ڏکڻ اتر ڪوريڊور ايراني (Enter pot) مطلب تہ ڀارت ۽ ايران هڪ اسٽريٽجڪ پارٽنر جي طور تي نيٽو فورسز سان ملي وچ ايشيائي رياستن تائين رسائي حاصل ڪرڻ گهرن ٿا. مطلب تہ ٻئي اڀرندڙ عالمي قوتون ويجهو سولو ۽ محفوظ رستو حاصل ڪري سينٽرل ايشيا جي منڊين کي بہ پنهنجي تصرف ۾ وٺڻ جي ڊڪ ڊوڙ ڪري رهيون آهن. ٻئي پاسي چين گوادر پورٽ جي هوائي روڊ ۽ ريل جي رستن جي ذريعي اقتصادي راهداري جو منصوبو پنجاب سامراج سان گڏجي جلد کان جلد تعمير ڪرڻ چاهي ٿو تہ جيئن چين عالمي سرمائيداري جي حصي مان وڌ کان وڌ لاڀ حاصل ڪري سگهي. ڪارل مارڪس ڏاڍي ڀلي ڳالهہ ڪئي آهي تہ "اهي مفاد ئي اهڙا ٻنڌڻ هجن ٿا جيڪي اقتصادي قوتن، قومن ۽ طبقن جي وچ ۾ دوستين ۽ دشمنين ۽ رشتن جي جڙڻ ۽ ٽٽڻ جو ڪارڻ بڻجن ٿا". اهو ئي سبب آهي جو هن وقت جڏهن پاڪ چين راهداريءَ جو منصوبو جڙي رهيو آهي، اُتي هڪ طرف پنجاب سامراج ۽ چين جا مفاد تہ هڪ ٻئي سان جڙي رهيا آهن پر انهن جا مفاد ٻئي طرف سنڌي بلوچ ۽ سنگڪيانگ مظلوم قومن ۽ نيٽو اتحادين ۽ ڀارت جي مفادن سان ٽڪراءَ ۾ اچي رهيا آهن. انهيءَ لاءِ اوهان ان ڳالهہ مان بخوبي اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ دشمن جو دوست دشمن ٿيندو آهي ۽ دشمن جو دشمن دوست ٿيندو آهي. اها هڪ آفاقي فطري ۽ آلجبرائي حقيقت آهي. جنهن کان ڪو بہ منهن نٽو موڙي سگهي. هن وقت جڏهن پاڪ چين راهداريءَ جو منصوبو جڙي رهيو آهي تہ اُن تي سنڌ ۽ بلوچستان جا مفاد پڻ خطري ۾ پئجي رهيا آهن چاڪاڻ تہ ان منصوبي جي ڪاميابيءَ سان نہ صرف سنڌي بلوچ ۽ سنگ ڪيانگ قومن اقليت ۾ تبديل ٿي چيني ۽ پاڪستاني پنجابي سامراج ۽ استعماريت جي قبضي هيٺ هليون وينديون پر نيٽو فورسز ۽ ڀارت جا مفاد

پڻ متاثر ٿيندا. ان لاءِ پاڪ چين اقتصادي راھداريءَ جو منصوبو دراصل سنڌين، بلوچن ۽ پارت ۽ نيٽو فورسز جي نفيءَ تي مشتمل آھي. يعني اھو منصوبو اسان سنڌي ۽ بلوچ قومن، نيٽو اتحادين ۽ پارت جي لاءِ زندگي ۽ موت جي جنگ جو سوال بڻجي اڀريو آھي. لازمي طور تي عالمي قوتون پنجاب سامراج ۽ چين جي مشترڪ مظلوم قومن جي قومي جمھوريت جي لتاڙ جو نوٽيس وٺندي سنڌي ۽ بلوچ مظلوم قومن جي تحريڪن ڏانھن ھٿ وڌائيندا. ھاڻي سنڌ ۽ بلوچستان جي قومي تحريڪن جي سياسي بصيرت ڏاھپ سياسي سگھہ ۽ سياسي حڪمت عملي تي دارومدار آھي تہ اُھي قومي مزاحمتي عملن ڪي عالمي ڊپلوميسي جي تحت پنھنجي احتجاجي سگھہ ۽ مزاحمت ڪي ڪيتري قدر مؤثر بڻائي سگھن ٿيون ۽ انھي عالمي حالتن جي پيچ ڊاھہ مان ڪيترو لاڀ حاصل ڪن ٿيون ۽ پنھنجي عالمي اتحادين سان ڪيتري قدر ويجھڙائي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿيون، انھيءَ جو دارومدار سنڌ ۽ بلوچستان جي قومي تحريڪن جي سياسي ۽ مزاحمتي حڪمت عملين تي آھي تہ اُھي ڇاتا ڪن ۽ سنڌن قومي قيادتون ان تضاد مان ڪھڙو لاڀ حاصل ڪرڻ جي پاڻ ۾ صلاحيت پيدا ڪن ٿيون. ان حوالي سان سنڌ جي قومي تحريڪ اھم ترين مکيہ ڌر جيئي سنڌ متحدا محاذ جو اھو پھرين ڏينھن کان ئي سياسي مؤقف ۽ پاليسي رھي آھي تہ اسان بلوچ قوم کي پنھنجي برادر قوم سمجھون ٿا اسان ٻنھي مظلوم قومن جي قومي تحريڪن جي وچ ۾ پنھنجي مشترڪ دشمن جي خلاف سياسي اتحاد فطري حيثيت رکي ٿو خاص ڪري اسان انھن بلوچ تنظيمن ڏانھن پاڻ ڪي ويجھو سمجھون ٿا جيڪي بلوچستان جي محبِ وطن حقيقي ۽ سچي اڳواڻ محترم خيربخش خان مريءَ جي فڪري نقطئہ نظر تي ھلندي، بلوچستان جي مڪمل قومي آزاديءَ ۾ ويساھہ رکن ٿيون. اسان ڪنھن بہ موقعي پرست، ترميم پسند ۽ آزادي جي جدوجھد ۾ انقلابي تخفيفيت پسند، انسداد پسند بلوچ سياسي ڌرين ۽ پارٽين ڪي پنھنجو اتحادي تصور نٿا ڪري سگھون. پر ان جي برعڪس اسانجي ڪوشش آھي تہ اسان حربيا مري، مھراڻ مري، ڊاڪٽر الله نظر، سميت ھر اُن بلوچ قومي پارٽيءَ سان ويجھا ٿيون جيڪا بلوچستان جي مڪمل آزاديءَ ۾ يقين رکندي ھجي ۽ ان جي آزاديءَ لاءِ جدوجھد ڪندي ھجي. انھيءَ سان گڏوگڏ اسان جي مٿان اِھا ذميواري پڻ عائد ٿئي ٿي تہ اسان سنڌ جي حقيقي قومي آزادي پسند پارٽين ڪي پڻ سياسي قومي جدوجھد جي حوالي سان اڄ جي تاريخي ضرورت قومي مزاحمت جو قائل ڪري سنڌ جي سياسي فڪري سگھہ ڪي ھڪ ھنڌ گڏ ڪري سنڌ جي قومي آزادي پسند نظرياتي انقلابي ڪريم ڪي منظم ۽ متحرڪ ڪري سنڌي عوام سان مضبوط رشتو قائم ڪريون ڇاڪاڻ تہ عوامي ئي حقيقي انقلابي سگھہ جو سياسي سرچشمو ھوندو آھي. سو جيستائين اسان سنڌ ۽ بلوچستان جو قومي تحريڪون پاڻ ۾ مظلوم قومن جو مضبوط اتحاد قائم ڪري سياسي جدوجھد ڪي تيز نہ ڪنداسين تيستائين خاطرخواہ نتيجا حاصل نہ ٿيندا. سنڌ ۽ بلوچستان جون قومي تحريڪون جڏھن ڀرپور سياسي جدوجھد ۽ قومي مزاحمت ڪي منظم ڪري پنجاب سامراج ڪي عوامي قوتن جي حمايت جي ذريعي شڪست نہ ڏينداسين تيستائين عالمي قوتون اسانجو ڀرپور ساٿ نہ ڏينديون. پر جنھن ڏينھن اسين عوامي قوت جي ذريعي اھڙن سازشي منصوبن ڪي ناڪام بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين، تہ نہ صرف عالمي قوتون اسان جي مدد جي لاءِ لھي ايندي ون پر سنڌي ۽ بلوچ مظلوم قومون پنجاب سامراج جي غلاميءَ جي ذلت مان پڻ ھميشہ جي لاءِ پڻ آزاد ٿي وينديون سين.

**ڪاھوڙي**: پنجاب سامراج پاران سنڌي قوم ڪي مستقل غلام رکڻ ۽ اقليت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ زوالفقارآباد، ڊي ايڇ اي ۽ بحريا ٽائون جھڙا سازشي منصوبا تيار ڪيا پيا وڃن . سنڌ جي قومي تحريڪ ڪي انھن سنڌ دشمن سازشي منصوبن ڪي ناڪا م ڪرڻ لاءِ ڪھڙي حڪمت عملي ۽ جدوجھد اختيار ڪرڻ گھرجي ؟

**جسمر چيئرمين**: ھن وقت مجموعي قومي تحريڪ ڪي ٻن بنيادي نقطن ھڪ ڌاري آبادڪاري جي سازشي منصوبن ذوالفقارآباد، ڊي ايڇ اي ۽ بحريا ٽائون تي ۽ ٻيو معدني وسيلن تي سنڌ دوست ڌرين ڪي جسمر جي طرفان گڏيل جدوجھد جي دعوت ڏجي ٿي تہ ڪو PLOجي نوعيت جو اتحاد جوڙي ڪنھن ڀرپور جدوجھد جو آغاز ڪجي تہ جيئن سنڌي قوم ڪي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ کان بچائي سگھجي. جسمر دنيا جي مڙني انقلابي تنظيمن جيان آزادي ۽ انقلاب ۽ قومي جدوجھد جو سرچشمو سنڌي عوام ڪي سمجھي ٿي. ڇاڪاڻ تہ عوام جي شموليت ۽ وسيع تر قومي اتحاد جي جذبي ۽ انقلابي ولولي ڪانسواءِ دنيا جي

ڪا بہ آزادي پسند انقلابي ۽ قومي جمھوري جدوجھد ڪامياب نہ ٿي سگھندي آھي. جيئن تہ ذوالفقار آباد، بحريا ٽائون،ڊي ايڇ اي سٽي ۽ سنڌ جي معدني وسيلن ڪي ڦرڪائڻ جا سامراجي منصوبا سنڌي قوم ڪي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ ۽ پنھنجي وطن ۾ ٽين درجي جا شھري بنائڻ جي سازش آھي ان لاءِ جسمر پنھنجي وطن ۽ قوم جي حفاظت ۽ بقا جي لاءِ ھر طرح جي قرباني ڏيڻ جي لاءِ ميدان عمل ۾ بيٺي آھي. پر ھر سياسي ڌر ڪان اڳي ڪان اڳري آھي جو رياست جسمر جي وطن جي آزادي ۽ انقلاب قومي انقلابي جان نثاري جي بي بھا قومي جذبي ڪان بوڪلائجي مٿس رياستي پابندي مڙھي ڇڏي آھي. سنڌي قوم جي جان نثارن ۽ قومي جانبازن جي تنظيم جسمر اھڙن ذوالفقارآباد بحريہ ٽائون ۽ ڊي ايڇ اي جي سازشي سامراجي منصوبن جي خلاف سر ڌڙ جي بازي لڳائڻ لاءِ ھر وقت وڙھندي آئي آھي ۽ اڳتي بہ پنھنجي وطن جي لاءِ ھر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رھندي. عنقريب اسان انھن سنڌ دشمن منصوبن جي خلاف پرپور سگھاري جدوجھد ھلائينداسين. ان لاءِ آئون سنڌي قوم جي پوري ذھن ضمير ڪي اپيل ٿو ڪريان تہ اھو قوم جي اندر پنھنجي قومي بقا جي جنگ سان سلھاڙجڻ جو روح ڦوڪي سنڌي عوام انھيءَ جدوجھد ۾ اسان جو ساٿ ڏئي تہ جسمر سنڌي قوم جي مٿان ڇانيل غلاميءَ سببان اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جي امڪانن ڪي پنھنجي اڻ ڪٽ انقلابي حوصلي ۽ سائنسي حڪمت عملين سان ٽاري سگھي ٿي ۽ عوام جي وسيع طر قومي اتحاد سان قومي غلاميءَ جي ڪاري ڪُن مان نڪري سگھي ٿي. اسان انھيءَ ڪري ڪمزور آھيون جو اسان جو دشمن پنجاب سامراج منظم آھي ۽ اسان جي قومي صفن ۾ انتشار پکڙيل آھي. پر جڏھن اسان پنھنجي قومي انقلابي صفن جي انتشار تي قابو پائي ورتو ۽ منظم ٿيڻ شروع ٿينداسين تہ اسان جو قومي دشمن پنجاب سامراج ۽ ان جون مقامي ديش دروھي دلال قوتون منتشر ٿيڻ لڳنديون. اسان جي وسيع تر قومي انقلابي عوامي اتحاد ۽ ان جي گڏيل جدوجھد ۾ پنجاب سامراج جي سامراجيت جي موت جو پروانو موجود آھي ڇاڪاڻ تہ عوام جو آواز خدا جو نگارو ھوندو آھي. اسان ٽا ڇئون تہ سنڌي عوام جيئي سنڌ متحدا محاذ ڪي ڀيو ڪجھ بہ نہ صرف پنھنجي قومي بقا ۽ پنھنجي ايندڙ نسلن جي تابناڪ روشن مستقبل جي خاطر پنھنجي حمايت ڏئي تہ موٽ ۾ جيئي سنڌ متحدا محاذ سنڌي قوم ڪي قومي آزاديءَ سان سرشار خوشحال قومي مستقبل ڏيندي. اسان سنڌي قوم ڪان نہ تہ ڪو ووٽ گھرون ٿا نہ ئي ڪنھن ردِ انقلاب جي جعلساز سياسي سوداگرن وانگر ڏٽا پوزي ڏيون ٿا پر اسان ڪين قومي غلاميءَ جي پيانڪ اونداھن پاڇن مان نڪرڻ لاءِ ۽ پنھنجي ايندڙ پيڙھين جي قومي مستقبل ڪي غلاميءَ جي ڪاري ڪُن ۾ غرق ٿيڻ ڪان بچائڻ لاءِ، قومي آزادي جي روشن مستقبل جي لاءِ وسيع تر قومي جدوجھد جي انقلابي شاھراھ تي مڙي مٺ ٿيڻ، مربوط ۽ منظم ٿيڻ لاءِ سڏيون پيا. جنھن جي ذريعي ئي اسان آزاديءَ جي روشن صبح سان ھمڪنار ٿي سگھون ٿا. جيئن اسان جي قومي انقلابي شاعر شاھ آدم جو شعر آھي جيڪو پوري قوم جي قومي جزن ڪي وحدت فڪر ۽ وحدتِ عمل جي حق سچ جي صراطِ مستقيم واري رستي تي اچڻ جي قومي انقلابي دعوتِ تفھيم ڏيندي چوي ٿو تہ:

اڄو اڄو مانجھيا، ويريءَ ڪان ونو وير،
ڌرتي ماتا تي ڌريو ٿوَ، رھزن ڦوروءَ پير،
پئي جيجل پسيوَ سنڌڙي، ھر مانجھي مرد مٿير،
اپاريو سج سوير، مٿان اونداھيءَ اڙجي پئو.

**ڪاھوڙي**: ڪجھ ماڻھن جو خيال آھي تہ 2015 وارين بلدياتي چونڊن ۾ قومي تحريڪ ڪي ماڻھن جي موٽ ناھي ملي ان متعلق توھان جو ڇا چوڻ آھي؟

**جسمر چيئرمين**: جنابِ من پاڪستاني رياست جي اندر مظلوم قومن جون اھي پارلياماني سياسي جماعتون جيڪي پاڪستاني رياست جي نام نھاد ڪوڙي سامراجي جمھوريت ۾ وڏي چڙھي حصو ونن ٿيون اھي در حقيقت رياست نواز ڌريون پنجاب سامراج جون سڌي اڻ سڌي طور تي پڻُو تنظيمون آھن. انھن تنظيمن جو نہ ئي ڪو قومي انقلاب سان واسطو آھي نہ ئي سنڌ جي آزاديءَ جي جدوجھد سان انھن جو ڪو سروڪار آھي، ڇاڪاڻ تہ دنيا جي ڪابہ حقيقي انقلابي تنظيم نہ ئي رياست نواز ٿيندي آھي، نہ ئي اُھا ڪنھن سامراجي رياست جي اسٽيٽسڪو(Status Quo) جو حصو بڻجي سامراجي آئين ڪي قبول ڪندي سامراجي آئين جي تحت پاڻ ڪي اقليتي مينڊيٽ طور تسليم ڪري اليڪشن ۾ بھرو وننڊي آھي، جيڪڏھن ڪا تنظيم ڄاڻي ٻجھي پنھنجي قومي اقليتي طور غلاماڻي آئيني حيثيت قبول ڪري ٿي تہ ان مان صاف ظاھر آھي تہ اھا مظلوم قوم جي اندر موجود تنظيم سامراج نواز سياست ڪري رھي ھوندي آھي. اھڙيون جعلي قومپرست تنظيمون جيڪي وطن جي آزاديءَ جي جدوجھد جي خلاف

استعمال ٿي قومي آزاديءَ جي جدوجهد جي اڳيان رڪاوٽ بڻجن ٿيون، اهي نہ فقط سامراج نواز رياست نواز ردِ انقلابي سياست ڪن ٿيون پر پنهنجي سنڌي قوم ۽ عوام سان ويساهہ گهاتي ڪن ٿيون اهڙي طرح اُهي قومي تحريڪ جو مسخ شده تاثر پيدا ڪن ٿيون. اهي جعلساز قومپرست تنظيمون آهن جيڪي ردِ انقلاب هجڻ سان گڏوگڏ پنجاب سامراج جي مراعتن جي اڇلايل هڏين تي پلجندڙ چاڙتي تنظمون آهن. جيڪي سامراج طرفان جوڙايل جعلساز قومپرست تنظيمون نہ صرف مظلوم سنڌي قوم جي عوام کي سياسي طور گمراهہ ڪن ٿيون پر عالمي طور تي قومي تحريڪ جي آزادي ۽ انقلابي تاثر کي بگاڙي پيش ڪن ٿيون. تنهنڪري اهي قومي طور تي قابلِ مذمت تنظيمون آهن. ان لاءِ مهرباني ڪري حقيقي قومي جدوجهد ڪندڙ آزادي پسند قومپرست سياسي تنظيمن ۽ رياست جي پشت پناهي ڪندڙ جاگيرداراڻي، لساني فرقي پرست وطن فروش آزاديءَ کان بيگانين پارٽين ۾ فرق ڪرڻو پوندو جن سان حقيقي قومي آزادي پسند تنظين جو ڪو بہ پري پري جو تعلق ۽ تال ميل ڪونهي پر درحقيقت قومي انقلابي جدوجهد ڪندڙ پارٽيون ردِ انقلابي جعلي قومپرست تنظيمن جو ضد آهن، جيڪي پنجاب سامراج جون هٿ سان پيدا ڪرايل سازشي ردِ انقلابي پارٽيون آهن. انهن ردِ انقلاب پارٽين جي شڪست حقيقي قومپرست پارٽين جي نہ بلڪہ انهيءَ ردِ انقلاب نقطئہ نظر جي شڪست آهي. ٻيو تہ جيڪي ماڻهو ۽ دانشور انقلابي ۽ ردِ انقلابي جي حدِ سرحد کي مٽائي حق ۽ ناحق، سچ ۽ ڪوڙ، صحيح ۽ غلط کي خلط ملط ڪري حقيقتن کي بگاڙي قومي تحريڪ تي اهڙي چسي تنقيد ڪن ٿا اهي پنجاب سامراج جي سڌي اڻ سڌي طرح نظرياتي دلالي ڪري رهيا آهن بلڪہ ان جو ٽائوٽن ۽ حوارين وارو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن حقيقي طور تي هن چونڊن جي عمل کي ڏٺو وڃي تہ انهن چونڊن ۾ 20 سيڪڙو ماڻهو بہ مشڪل سان حصو وٺندا آهن. ۽ 80 سيڪڙو ماڻهو ووٽ ڪاسٽ نہ ڪندا آهن. تنهن ڪري اهي نتيجا ئي پنجاب سامراج جا انجنيئرڊ طئي ٿيل اليڪشنري نتيجا هوندا آهن.

**ڪاهوڙي**: ڇا پارلياماني اليڪشنري محاذ تان سنڌ جا قومي جمهوري حق نٽا وٺي سگهجن؟ اوهان پارلياماني سياست ۾ بهرو چو نٽا وٺو؟ ڇا توهان جمهوريت پسند ناهيو؟

**جسمر چيئرمين**: دوستو اها اسان تي رياست نواز سازشي قوتن طرفان سراسر بهتان بازي آهي تہ اسين جمهوريت پسند ناهيون. اهو سڀ سامراج نواز ترميم پسند مراعت يافتہ ٽولا ڪري رهيا آهن، جيڪي انسداد پسند ٽولا، پنهنجي انسداد پسندي ۽ موقعي پرستي ترميم پسنديءَ کي جمهوريت پسنديءَ جي ڪاڪڙي ڦاڙ دعوائن جي طور تي پيش ڪن ٿا. ڪين پنهنجي بيضميري وطن فروشي تي ڪنهن بہ قسم جي لڄ ۽ ليهہ نٿي اچي. اسان جو چوڻ آهي تہ جمهوريت جا جديد جمهوري قدر در حقيقت سرمائيداراڻي رياست جي پيداوار آهن. رياست جي تاريخي نشونما تي جڏهن اسان نظرڦيرائيندا سين تہ تاريخي طور تي رياست جو وجود اسان کي ذاتي ملڪيت جي تحفظ لاءِ هڪ استحصالي طبقي جي پاران پيڙهيل استحصال جو شڪار طبقي جي مٿان هڪ پُر تشدد مشينريءَ جي طور تي نظر ايندو. موجوده بورجوا رياست کان اڳ ۾ غلامداراڻي ۽ جاگيرداراڻي دور جي مذهبي ۽ مطلق العنان ٿيوڪريٽڪ رياستون قائم هيون. جمهوريت درحقيقت بورجوا رياست جو مظهر آهي جهڙيءَ ريت هڪ قومي بورجوا رياست ۾ جمهوريت جي ذريعي حڪمران طبقو ٻئي محڪوم طبقي جي مٿان پنهنجو اقتدارِ اعليٰ قائم ڪندو آهي تهڙيءَ ريت هڪ گهڻ قومي سامراجي رياست ۾ حڪمران قوم ٻين مظلوم قومن، محڪوم ۽ ستم رسيده قومن جي مٿان جمهوريت جي آخري نتيجي ۾ پنهنجي سامراجي بالادستي ۽ آمريت قائم ڪندي آهي. غير قومي سامراجي رياست جي اندر سامراجي قوم ٻين محڪوم قومن جي مٿان پنهنجي سامراجي تشدد جي ذريعي سڌي ۽ اڻ سڌيءَ طرح حڪومت ڪندي آهي. مثال جي طور تي جهڙي ريت جمهوريت آخرڪار پنهنجي حتمي نتيجي ۾ بالادست حڪمران طبقي جي پارليامينٽ جي ذريعي محڪوم طبقي جي مٿان ووٽ جي مينڊيٽ جي نالي ۾ قائم ٿيل بالادستي هوندي آهي ڇاڪاڻ تہ رياست هر هميشہ ڪنهن نہ ڪنهن هڪ طبقي جي ٻئي طبقي جي مٿان حڪمراني ڪرڻ جي مشنري يا نظام هوندي آهي ساڳيءَ طرح گهڻ قومي غيرفطري، غيرقومي سامراجي رياست جاگيرداراڻي دور جي باقياتي سلطنت شاهين جو اهڃاڻ هجي ٿي. گهڻ قومي رياستن ۾ جمهوريت سامراجي قوم جي مظلوم ۽ محڪوم قومن جي مٿان سامراجي حڪمران بالادست، ظالم قوم جي محڪوم قومن جي مٿان سياسي بالادستي هوندي آهي. مثال جي طور تي اسين پاڪستاني جمهوريت جا پيرا کڻي جڏهن ماضيءَ جي جهروڪن ۾ جهاتي

پائي ڏسنداسين تڏهن اسان آڏو 1971ع جي چونڊن جا نتيجا سامهون بيٺا آهن تہ ان ڪان اڳ واري صورتحال اسان آڏو پنهنجو بدنما چهرو ڪنيون بيٺي آهي. اهو هن ريت تہ سڀ ڪان پهرين تہ پاڪستان نهيو ئي قومن سان سياسي دوکا دهي جي بنياد تي هو يعني 1940ع جي قراردادِ پاڪستان جي (States) جي اصطلاح کي استعمال ڪيو ويو هو جنهن قراردادِ ۾ (Single Muslim State) جو اصطلاح ڪٿي بہ استعمال ٿيل ڪونہ هيو. پر 1947ع کان 1954ع تائين هن غير فطري غير قومي سامراجي رياست پنجاب سامراج جي سازشن جي پيشِ نظر سازشي عدم استحڪام جو شڪار رهي ۽ 1935ع جي ڪالونيل ايڪٽ کي جيئن جو تيئن قومن جي مٿان زبردستي ٿڦيو ويو، جنهن سببان بنگال ۾ 1948ع ۾ ٻوليءَ جا تضاد اڀري آيا هئا ۽ 1954ع تائين بنگال مان قائد اعظم مسلم ليگ جو صفايو ٿي چڪو هو ۽ شيخ مجيب الرحمان بنگلاديش جي نئين دور جو جديد جمهوري "سراج الدولا" ٿي اڀريو.

ايستائين جو پنجابي جنرل طرفان شيخ مجيب الرحمان جي جمهوري مينڊيٽ جي طاقت کي ڏسي سندن پٽلونو آليون ٿي ويون مجيب الرحمان جي 6 نقاتي اليڪشن جو پروگرام پنجاب جي سامراجيت جو پارلياماني موت ثابت ٿي رهيو هو. تنهن ڪري پنجاب سامراج 1954ع ۾ مجيب جي طاقتور مينڊيٽ کي ڪائونٽر ڪرڻ جي لاءِ "ون يونٽ" جو سامراجي منصوبو گهڙيو. ۽ پنجابين اهو سمجهي ورتو تہ جيڪڏهن شفاف اليڪشن ٿي تہ پنجابين جي سياسي سامراجيت اسيمبلين جي ايوانن ۾ دم ٽوڙي ويهندي. انهيءَ لاءِ اڳتي هلي ملڪ جي مٿان مارشل جو جهنگلي قانون مسلط ڪري جمهوريت جو گلو گهٽيو ويو. ۽ ملڪ جي مٿان فوجي آمريت قائم ڪئي وئي. ايوب جي فوجي افسرشاهي جي پارليامينٽ ۾ مسٽر ذوالفقار علي ڀٽي کي مجيب الرحمان جي خلاف خاص مهري جي طور تي جاگيردار طبقي مان ذهين پرزي جي صورت ۾ دريافت ڪري ورتو. مسٽر ڀٽو جيڪو جنرل ايوب کي ڊيڊي چوندو هيو، اهو فوج جي ڪلهن تي سوار ٿي سياست جي اندر داخل ٿيو هو. پنجابي فوج جي اهم نمائندي جي طور تي مسٽر ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن بہ شيخ مجيب الرحمان سان ملندو هو تہ ان جي آڏو پنجابي فوج جي پاران مليل ڊڪٽيشن کي رکندو هو. مسٽر ڀٽو شيخ مجيب الرحمان جي آڏو پنجابي فوج جو اهو مطالبو بہ رکيو تہ اليڪشن ڪانپوءِ نام نهاد مغربي پاڪستان عرف گريٽر پنجاب کي يا تہ صدارت جو عهدو ڏنو وڃي يا نائب وزيراعظم جو عهدو تخليق ڪري اُن سان گڏوگڏ وزيرِ خارجہ ۽ دفاع جي وزارت بہ ڏني وڃي. مجيب الرحمان مسٽر ڀٽو کي چيو تہ اوهان کي يعني تنهنجي آقا پنجاب کي صدارت ڏيڻ جو نتيجو اهو نڪرندو تہ "هڪ غير جمهوري صدر جي قلم جي ڪاري نوڪ سان اسان پنهنجي ڀاري جمهوري پارليامينٽري مينڊيٽ کي معطل ڪرائڻ جو اوهان کي هٿ سان جواز ڏيون." مجيب ڀٽي کي پنجاب جي پاران ڏنل ڊڪٽيشن جو هڪ بہ نقطو نہ مڃيو. هڪ هنڌ تہ ذوالفقار علي ڀٽي پريس ڪانفرنس ۾ چيو تہ "مان ۽ مجيب اداڪار آهيون" جنهن تي شيخ مجيب سندس ڳالهہ جي ترديد ڪندي چيو تہ "تون ضرور اداڪار هوندين، ڇو جو تون فوج جي ڪلهن تي چڙهي سياست ڪري رهيو آهين پر مان پنهنجي ڪروڙها عوام جو نمائندو آهيان" جڏهن اليڪشن ٿي تہ مجيب الرحمان 169 سيٽون ڪنيون جڏهن تہ ذوالفقار علي ڀٽو انتهائي ڌانڌلين جي باوجود ڇڪي تاڻي 85 سيٽون مس ڪٽيون. جڏهن اقتدار جي منتقلي جو سوال اٿيو تہ پنجاب سامراج ڀٽي کان اشتعال انگيز تقريرون ڪرائي جنرل يحيٰ ۽ جنرل نيازي جي ذريعي 30 لک بنگالين کي چند ڏينهن ۾ موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو. بنگال جي سرزمين کي معصوم بنگالي قوم جي رت سان وهنجاريو ويو.

پنجاب سامراج شيخ مجيب الرحمان جي آڏو هٿ گهڙيا سامراجي بهانا ناهي پيش ڪيا، پنجابين ڀٽي جي ذريعي اهو نقطئہ نظر لاٿو تہ آباديءَ جي لحاظ کان جيتوڻيڪ بنگال مغربي پاڪستان عرف مظلوم قومن جي قيد خاني گريٽر پنجاب کان وڏيڪ آهي پر قومن جو قيدخانو مغربي پاڪستان رقبي جي لحاظ کان وڏو آهي. ان لاءِ اسان کي صدارت يا نائب وزيراعظم ۽ وزير دفاع ۽ خارجہ ٻنهي مان هڪ شيءِ ملڻ گهرجي. ٻئي طرف مغربي پاڪستان ۾ بلوچستان رقبي لحاظ کان سڀني صوبن کان وڏو صوبو هو جنهن کي مغربي پاڪستان جي نالي ۾ پنجاب سامراج بنگلاديش جي خلاف استعمال ڪري رهيو هو. اهو ئي ون يونٽ جي منصوبي جو سازشي پس منظر هيو. شيخ مجيب پاران پنجاب سامراج جي سامراجي منشائن جي مٿان پاڻي ڦيرڻ جي ڪري بنگلاديش جي مقدس سرزمين کي معصوم جمهوريت پسند قوم جي رت سان وهنجاريو ويو اهڙيءَ طرح بنگالي قوم کي علحدگيءَ تي مجبور ڪري پنجاب سامراج هارايل اقليتي پنجاب سامراج جي دلال ميمبر جي اسيمبليءَ مان پنهنجي دلالِ اعظم

ذوالفقار علي ڀٽي جي ذريعي 73ع جو مظلوم قومن جو جمهوريت ڪش آئين پاس ڪرائي پنجاب جي مينڊيٽ جو تناسب ٺهي مظلوم قومن کان وڌيڪ رکي پنجاب جي سامراجي جمهوري بالادستي کي آئيني طور ڪاري قانون جي شڪل ڏني وئي جيڪا پنجاب جي سامراجي جمهوريت مظلوم قومن جي قومي جمهوري حقن تي پنجاب پاران ڀٽي کان نهرايل ڪاري 73ع جي سامراجي آئين ذريعي تاريخ جي سڀ کان وڏي سياسي ڌوڪا ڌهي ۽ سياسي ڌاڙو هو. مطلب ته پنجاب سامراج 73ع جي نام نهاد جمهوري آئين جي ذريعي مظلوم قومن جي سياءِ جمهوري مستقبل کي اونداهون ڪري ڇڏيو. ۽ پنجاب سامراج جمهوريت جي نالي ۾ پنهنجي سياسي آمريت جو دائمي ماحول جوڙي ورتو جنهن مظلوم قومن جي قومي حقن جي قاتل جمهوريت جي ذريعي مظلوم قومن جي قومي وجود ۽ تاريخي تشخص کي ميسارڻ جي لاءِ ذوالفقارآباد، ڊي ايچ ۽ بحريا ٽائون جهڙن سازشي منصوبن تي عمل پيرا آهي. صرف ايترو ئي نه پر پاڪستاني اسيمبلين مان سامراج نواز بل پاس ڪرائي مظلوم قومن جي قومي وسيلن جي جي ڦرلٽ تي پنجاب سامراج نام نهاد قانوني شڪل ۾ پنهنجا هٿ صاف ڪري رهيو آهي. ۽ پنجاب سامراج روز روز ڪارا قانون پاس ڪرائي مظلوم قومن جي وسيلن تي سامراجي ڌاڙا هڻڻ لاءِ وڏي ديده دليريءَ سان پيرا ملٽري فورسز جي اختيارن ۾ مدي ۾ واڌارو ڪري پنهنجي سامراجي رياستي دهشتگردي ۽ فاشي تشدد ۽ ڏاڍ جو استعمال ڪري رهيو آهي ۽ رياستي دهشتگرديءَ جي دائري ڪار کي ڪارن قانونن جي ڇانوَ ۾ ڏينهون ڏينهن وڌائي رهيو آهي. تنهنڪري اسين رياست نواز دهلاري دانشورن کي چئون ٿا جيڪي پنجاب سامراج جي سامراجي جمهوريت جا دهل ۽ راڳ آلاپيندي نٿا ٿڪجن ڪين چئون ٿا ته اهو جيڪو راڳ اوهين ڳايو پيا اهو درحقيقت مظلوم سنڌي بلوچ ۽ سرائيڪي قومن جي قومن جمهوري حقن تي ڌاڙن هڻڻ جو سامراجي راڳ پيا آلاپيو ۽ رياستي دلاليءَ جي مسلسل وڄت پيا ڪريو، اوهان جي اهڙي غليظ وڄت قابلِ مذمت ۽ سنڌ دشمن ۽ مظلوم قومن جي قومي جمهوريت حقن جي خلاف وڄت آهي. تنهنڪري اسين چئون ٿا ته اسان جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد در حقيقت قومي جمهوري حقن جي جدوجهد آهي قومي جمهوري حقن کان ٻاهر جمهوريت جو تصور سامراجي ڦرلٽ جي حمايت ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ به ناهي. تنهنڪري اسان جي اها دعويٰ آهي ته اسين آزادي پسند جڏهن پنهنجي قومي آزاديءَ جي ڳالھ ٿا ڪريون تڏهن پنهنجي قومي جمهوري حقن جي ڳالھ ٿا ڪريون ۽ قومي جمهوري حقن جي ڳالھ ڪرڻ ئي حقيقي جمهوريت پسندي آهي. ٻيون نام نهاد جمهوريت جون دعويدار قوتون پنجاب سامراج جون ايجنٽ، دلال ۽ مظلوم قومن جي قومي جمهوريت جون منڪر ۽ پنجاب جي هڏين تي پلجندڙ مراعت يافته قوتون آهن. جيڪي پنجاب جي سامراجي مفادن جي پورائي جون مشينريون بڻيل آهن.

مٿين سڄي تاريخي صورتحال کي نظر ۾ رکندي جڏهن اسان جمهوريت جي نام نهاد ترميم پسند نظرياتي موقعي پرست ٽولن، جعلي ردِ انقلاب دانشورن ۽ رياست نواز ڏاهن کي ڏسون ٿا ته جمهوريت جي نام نهاد کوڙي وڄت ڪندڙ اهي دهلاري دانشور اسان جي نظرياتي نقطئہ نظر کي مڏو، جڏو ۽ ناڪاره ڪري رياستي نقطئہ نظر سان هم آهنگ ڪرڻ چاهين ٿا. هونئن به هر حڪمران قوم محڪوم قومن کي پنهنجو سامراجي فڪر هضم ڪرائڻ لاءِ دهلاري دانشورن کي ڪانئرن واري ڪوڙي پروپيگنڊا تي ڇڏي ڏيندا آهن. انهن سازشي رياست نواز دانشورن جي ۽ ڏاهن جي اها ڪوشش آهي ته ڪنهن به طرح سان قومي تحريڪ کي ريڙهي رنيي ان جي حقيقي انقلابي دڳ کان هٽائي ڇڏين ته جيئن اها پنهنجا پيچرا گم ڪري تاريخ جي گمراھ ڪن رستي تي هلي غلاميءَ جي دز ۾ هميشہ لاءِ دفن ٿي وڃي. هتي هڪ بنيادي سوال آهي جيڪو هر قومي ڪارڪن جي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته ڪنهن به قوم جو "قومي جمهوري حق" اُن جي قومي آزادي ئي هوندو آهي. ان کان سواءِ قومي جمهوري حق جي ٻي ڪا به معنيٰ ناهي هوندي پاڪستان هڪ غيرفطري مذهبي (Theocratic) رياست آهي جيڪا ان وقت جي عالمي سامراج پنهنجي دلال پنجابي استعمار کي ان ڪري ناهي ڏني هئي ته جيئن ايندڙ وقت ۾ پنجاب سامراج کي پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪري سگهي. هن وقت سڀ کان وڏو بنيادي سوال قومي غلامي آهي. اسان سمجهون ٿا جيستائين اسان هن رياست کي ختم ڪري پنهنجي هزارن سالن جي وڃايل قومي آزادي وقار ۽ عظمت کي بحال نٿا ڪرايون تيستائين هن رياست جي اندر جمهوريت جي اميد رکڻ ڪدڙي مان اولاد جي توقع ڪرڻ آهي. هن رياستي اليڪشن يا پارليامينٽ ۾ وڃڻ جو مقصد ٿيندو اُن رياست جو ٻانهن ٻيلي ٿيڻ، جيڪا اسان کي غلام بڻايو ويني آهي. گذريل ستن ڏهاڪن ۾ پاڪستاني

رياست جي اندر جمهوريت جي دوکي ۽ دولاب جي ڪڍ سنڌي، بلوچ ۽ سرائيڪي مظلوم قومن جيڪو ڪجهه وڃايو آهي اهو اليڪشن جي هڪ دفعي بائيڪاٽ سان اسان پنهنجا قومي جمهوري حق عالمي ادارن کان طلبي سگهون ٿا.

**ڪاهوڙي**: توهان ٻڌايو ته توهان جي پارٽي جسمم جي خلاف اڄڪلهه رياستي آپريشن ڪيو پيو وڃي ته ٻئي طرف جسمم خلاف مختلف محاذن تان پروپيگنڊا جو سلسلو جاري آهي، انهيءَ جا ڪهڙا سبب آهن؟

**جسمم چيئرمين**: ادا دنيا جي مظلوم محڪوم ۽ پيڙهيل قومن جي آزادي پسند جدوجهدن جي پوري جو پوري تاريخ اوهان کي انهيءَ ڳالهه جي شاهدي ڏيندي نظر ايندي ته هر حاڪم، ظالم، ڦورو ۽ لٽيري قوم مظلوم، محڪوم ۽ ستم رسيده قومن کي پنهنجي سامراجي حاڪماڻو فڪر هضم ڪرائڻ لاءِ انهن کي اهڙي تعليم، تربيت ۽ طاقت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، ته جيئن مظلوم قومن جي اڪثريت سندن سامراجي استحصالي فڪر کي هضم ڪري انهيءَ جابر ظالم قوم جي نفسياتي غلاميءَ کي قبول ڪري وٺي. تنهنڪري هر حاڪم ۽ جابر قوم نفسياتي جنگ (Psycho Warfare) جي محلق ترين هٿيار اطلاعاتي بد ديانتي (Disinformation) جي ذريعي پروپيگنڊا جو طوفان برپا ڪندي آهي. جنهن سان هو سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ، حق کي ناحق ۽ ناحق کي حق دوست کي دشمن ۽ دشمن کي دوست بڻائي پيش ڪندي آهي. يعني هر حاڪم، جابر ظالم قوم مظلوم، محڪوم ستم رسيده قوم جي حقيقي قومي هيرن کي منفي روپ ۾ پيش ڪندي آهي يا انهن کي گمناميءَ جي غار ۾ غرق ڪرڻ چاهيندي آهي، جيئن شهيد مهاراجا ڏاهر کي محب وطن قومي شهيد پيش ڪرڻ بجاءِ، ڦورو، لٽيرن ڌاڙيلن جي پاٽاري دار جي طور تي مٿس ٻيا الزام هڻي سنڌس عظيم محبِ وطن ڪردار کي مسخ ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. يا سنڌ جي گڏريل آزادي پسند ميان وال تحريڪ جنهن سنڌ کي ارغونن، ترخانن ۽ مغلن کان آزادي ڏياري هڪ خودمختيار رياست ۾ تبديل ڪيو ان کي رياست نواز درباري تاريخ نويسن جي ذريعي ابترو ته بغاوڙي ۽ نظر انداز ڪري پيش ڪيو ويو آهي، جو عام ته عام پڙهيو ڳڙهيو ماڻهو رهيو پري پر وڏا وڏا جديد دؤر جا اڪابر ۽ تاريخ نويس به روايتي تعصب پرستي ۽ نفسياتي حملي جو شڪار ٿي سنڌ کي آزادي ڏياريندڙ ميان وال تحريڪ ۽ ان جي زرعي انقلاب کي انڌن، ٻوڙن ۽ گونگن وانگر نظرانداز ڪري تاريخي ماديت جي سائنسي سماجياتي نقطئہ نگاهه کان ڏسڻ جي صلاحيت وڃائي وينا آهن. اهي اڌ پڙهيا اڌ ڪڙهيا نام نهاد قومي عالم جيڪي سنڌ جي قومي ارتقا جي تاريخي حقيقت کان بي خبر اڻ ڄاڻ ۽ سطحي چسائپ جي خاڪ چاٽيندي پنهنجي ڪوپڙين ۾ ويهاريل روايتي تاريخ نويسن جي تعصب پسندي ۽ ڪم علميءَ کي سَنَد سمجهي ملن جيان فتوائون ڏيڻ لڳن ٿا. سواءِ هڪ اڌ تاريخ نويس جي جهڙوڪ پروفيسر عبدالله مگسي، غلام محمد لاکو، يوسف شاهين، ۽ ابراهيم جويو جي اڄ جي تاريخ نويسن جي اڪثريت جهالت آميزي جي دف ۾ لنيون هڻندي نظر اچي ٿي. اهڙيءَ ريت ظالم جابر حڪمران سامراجي قوم پروپيگنڊا جي مختلف هٿيارن کي استعمال ڪندي دانائن کي به ديوانو بڻائي ڇڏيندي آهي. ۽ مظلوم قومن جي عوام کي روايتي دانشمندي سميت خودغرضيءَ، گمراهيءَ، بيراهه رويءَ، ڇڙواڳي، چسائپ، هلڪڙائپ، انتشار پسندي، سطحيت پسندي، گروهه پسندي، تاريخ ڏانهن تقليدي ۽ انڌي عقيدي پسندي، ذات پات ۽ نسل پرست ۽ جاگيرداريائي لساني فرقي پرست قومپرستي، نفسياتي بي حسي جي اونداهين غلامي پسند غار ۾ غرق ڪندي آهي ۽ پنهنجي ڪرائي تي وڄت ڪندڙ دهلاري دانشورن جي اهڙي کيپ تيار ڪندي آهي. جيڪا محبِ وطن ماڻهن ۽ مظلوم قومن جي حريت پسند جذي جي خلاف پوُنڪ باهوڙ ۽ منفي پروپيگنڊا جي وڄت ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيندي آهي. جنهن وڄت جي ساڙ ۾ چڱا ڀلا ڏسٽا وائسٽا اڪابر ۽ ڏاهي به وهي ويندا آهن ۽ أهي به انهن سان شاملِ حال ٿي ان وڄت جو حصو بڻجي ويندا آهن. انهيءَ جو مثال وتائي فقير جي ان ڳالهه وانگر آهي ته وتايو ڪنهن چوراهي تان گذريو پئي ويو ڏٺائين ته چار پنج ڪُتا هڪڙي ڪُتي جي مٿان چڙهيا پيا آهن، أهي دسيل ڪُتي کي چڪ پائي مٿس پونڪي باهوڙي ۽ گري رهيا هيا وتائي ڇا ڪيو جو وڃي پاڻ به لٺ وڃي هينين ڪُتي کي وهائي ڪيڍائين جنهن تي ٻيا ڪُتا هينين ڪُتي کي ڇڏي ڀڄي ويا. ماڻهن وتائي کان پڇيو وتايا اهو ڇا ڪيئي؟ وتائي وراڻيو ادا جيڪا چئن چڱن جي مرضي هُئي أهي ئي ڪيم. سو اسان وٽ به مها اڪابرن جي اڪابري اتي ٿي وڃي دنگ ڪري ته جتي ٿو ڍانيورو پڄجي، ته أن ۾ وڃي ٿا نروار ٿين. يعني دهل وڃي ۽ دوسو نه نچي ته ڳالهه ڪڏان نهندي!؟ نتا معاملي جو اڳ پٺ ڏسن نه ٿا ڳالهين تي غور سان سوچڻ ۽ ويچارڻ جي زحمت گوارا ڪن، بس رڍن جي ڌڻ

وانگر رش ڪلچر جو حصو بڻجي جيڏانهن ڪنڌ تيڏانهن پنڌ ڪن ٿا ۽ پنهنجي قومي غلاميءَ سان مليل سمورين محرومين جو اڳيون پويون ڪروڌ دف ۾ لنيون هٿي پورو ڪن ٿا اهڙيءَ روش کي انگريزيءَ ۾ (Crowed) ڪلچر چئبو آهي. غلاميءَ جي ڪري اسان جو معاشرو ڌاڍا ويسارو ۽ معاملا فهميءَ ۾ ابهرو ۽ هلڪڙو آهي. جيڪو شيخ چليءَ جيان اچانڪ رات جو خواب ڏسندو آهي ۽ صبح جو انهيءَ ديواني خواب جي تلاش ۾ نڪري رياستي پروپيگنڊا جو شڪار ٿي ٻڪرن ڪان ٻه ٽپائي ٻه قدم اڳتي وڌيڪ سياسي ڪاسائين جي ڪڍ نچڻ، ڪُڏڻ، نينگ ۽ ٽپا ڏيڻ جي احمق پڻي جو مظاهرو ڪندو آهي. ۽ پاڻ کي ايوانن جي اندر وڪٽي ايندڙ دلالن جي ڪڍ ڪنهن قربانيءَ جي عياٽي ٻڪر جيان همبوشيون هڻندو وتندو آهي. پر سائين جي ايم سيد جهڙي مسيحا جي مشن کان ائين ٿهندو آهي جيئن عياڻو مريض نجات ڏيندڙ سُئيءَ کان گهبرائيندو آهي پر منو زهر پيڻ لاءِ تيار هوندو آهي. چوڻ جو مطلب ته ماڻهو حڪمران قوم جي گهڻ طرفي ميڊيا جي رولهڙي جو شڪار بڻجي چڱي مَني، بُري پلي، سچي ڪوڙي، چور ۽ ياڳي، ايماندار ۽ بي ايمان ماڻهن ڪي سڃاڻپ جي تميز دهلاري دانشورن جي وڄت جي سحر ۾ اچي وڃائي ويهن ٿا. ايستائين جو ويتنام جي حريت پسند انقلابين کي ان دور جي سامراج ياران ويٽ ڪانگ سڏڻ لڳا هئا ۽ ان وهڪري ۾ چڱا پلا پڙهيل ڳڙهيل انٽليڪچوئل عرف دانشور به وهي انهن آزادي پسند گوريلن جي لاءِ ويٽ ڪانگي يعني ڌاڙيل ۽ دهشتگرد جو اصطلاح استعمال ڪرڻ لڳا هئا. اهڙيءَ طرح مظلوم قومن جا ڪافي اڏ اکري دانشور، اڏ پڙهيا سڌڙيا ماڻهو سامراجي پروپيگنڊا جي اثر هيٺ اچي پنهنجي ئي قوم جي حريت پسندن خلاف شيطان جي آنڊي جيڏيون ڊگهيون تحريرون لکڻ لڳا. پر تاريخ ثابت ڪيو ته ويٽ ڪانگ دهشتگرد ڌاڙيل نه پر حريت پسند وطن جي آزاديءَ جا سچا سپاهي هيا. ساڳيءَ طرح جسمم جي مٿان پاڪستاني رياست پابندي مڙهي مٿس منفي ۽ نفرت آميز الزام لڳائي اُن جي خلاف تقريبن ڏيڍ ڏهاڪي کان آپريشن ڪري رهي آهي جنهن ۾ ڪيترين ئي محبِ وطن ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جا چچريل لاش ڏيڻ کان پوءِ ڪيترن ئي جسمم جي حريت پسند ڪارڪنن کي رياستي ٽارچر سيلن ۾ واڙي اذيتناڪ سزائون ڏئي رهي آهي. رياست پنهنجي انهيءَ تشدد کي جائز ثابت ڪرڻ لاءِ نفسياتي پروپيگنڊا جو ماحول جوڙيو آهي جنهن ۾ ڪي رياست نواز دهلاري دانشور رياست کان گهور وٺڻ لاءِ شعوري طور تي ملوث آهن ته ڪي وري لاشعوري طور تي انهيءَ وڄت جي وهڪري ۾ وهي وڃن ٿا. ساڳيءَ طرح جڏهن 1992ع ۾ سنڌ ۾ فوجي آپريشن شروع ڪيو ويو ان وقت پڻ پاڪستاني رياست اها پروپيگنڊا هلائي هئي ته سنڌي سڀ ڌاڙيل آهن اها دنيا جي مليل عالمِ آشڪار حقيقت آهي ته حڪمران، ظالم ۽ جابر قوم مظلوم، مفتوح ۽ ستم رسيده قوم جي حريت کي منفي انداز ۾ پيش ڪري انهن کي عوامي حمايت کان پري رکندي آهي، انهيءَ جا مثال دنيا جي ڪوڙ سارين قومي انقلابي تحريڪن کان علاوه سنڌ معاشري جي اندر مسلسل تاريخي مزاحمت مان به اسين ڏسي سگهون ٿا. تاريخ شاهد آهي ته مخدوم بلاول کي مذهب جي بيحرمتيءَ جي نالي ۾ مٿس ڪوڙو الزام هڻي شهيد ڪيو ويو، ميان وال تحريڪ جي لکين محبِ وطن سنڌي قوم جي مزاحمتڪارن کي سرڪش ۽ باغي قرار ڏئي انهن جي مٿان چڙهايون ڪري انهن کي شهيد ڪيو ويو انهن محبِ وطن باغين کي طرحين طرحين جي نفرت آميز خطابن سان نوازيو ويو. اهو مظلوم قومن جي حريت کي پنهنجي عوام کان پري رکڻ جي سامراجي سازش جا حربا تاريخ جي هر دور ۾ استعمال ڪيا ويا آهن ته جيئن مظلوم قومن جي عوام کي گمراهه ڪري انهن جي قومي مدافعت کي ختم ڪري انهن کي قومي غلاميءَ جي بلڊ ڪينسر ۽ ايڊز ۾ مبتلا ڪري لاعلاج بڻائي مظلوم قومن جي قومي معاشرن جو خاتمو آڻڻ لاءِ انهن کي قوتِ مدافعت جي خاتمي سان بيشمار قومي بيمارين جو آماجگاهه بڻائي انهن جو انت آڻدو ويندو آهي. جنهن ۾ عام ماڻهو ته عام ماڻهو پر قومن جا مسيحا قومي دانشور به انڌا اونڌا ويچ بڻجي قومي (Immunity) جي خاتمي ۾ ٻهرو وٺڻ لڳن ته انهيءَ کي تاريخ جو قومي الميو سڏبو آهي. پنجاب سامراج لاءِ هڪڙا دانشور سرڪاري گهور تي دهلاري ٻٽيل آهن ته ٻيا انهن دهلن جي وڄت جي سحر ۾ اچي وڄڻ شروع ڪن ٿا جنهن جو نتيجو اهو ٿو نڪري ته انهن جي دماغن تي رياستي وڄت جو جادو ايترو ته چڙهي وڃي ٿو جو اهو واڄت سندن من جي درن، هٿن ۽ زبانن مان ڌمال ٿي وڃي ٿو، جنهن ڌمال تي سامريءَ جا ڳابا پوڄڻ شروع ٿي وڃن ٿا ۽ ڪين هارون جيان پوءِ ٿي خبر پئي جڏهن تاريخ ڪين ڪنهن موسيٰ جي واتان خدائي الهام بڻجي مخاطب ٿئي ٿي.

**ڪاهوڙي:** عالمي سياسي تناظر ۾ سنڌ جو قومي مستقبل ڇا آهي؟

**جسمر چيئرمين**: اوهان جي انهي سوال جو جواب آئون اڳ ۾ پهرين سوال جي جواب ڏيڻ وقت ڏيئي چڪو آهيان، تنهن هوندي به اوهان کي بيهر مختصر ۽ مفصل جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو. تاريخ جي موجوده دورني phase ۾ عالمي قوتون جي وچ ۾ پرامن مندين تائين پنهنجي پنهنجي جنس، تجارت جي رسائي جي لاءِ سرزمين هموار ڪرڻ جي جنگ جاري آهي يعني دنيا مٿان مندين جي ولار جي ڪشمڪش جي ڪري اينمي روايتي ۽ اقتصادي جنگ جا بادل ڇانيل آهن. جنهنڪري ٽين عالمي جنگ جي ڇڙڻ جي امڪانن کي به نظر انداز نٿو ڪري سگهجي ڇاڪاڻ پهرين ۽ ٻي عالمگير جنگيون مندين جي تقسيم جي ڪري لڳيون هيون. سرماريو پهرين دنيا جي مندين جي پوڙهي ۽ سوڙهي ٿيڻ جي پيش نظر ٽين دنيا جي اندر نئين مندين جي بحالي لاءِ عالمگير جديد سرمائيداري جي دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي. هڪ طرف پهرين دنيا جون سرمائيدار قوتون نيٽو فورسز جي شڪل ۾ پارٽ سان سياسي اقتصادي ۽ دفاعي ٻڌٽن ۾ ٻڌجي ويون آهن. ته ٻي پاسي چين شنگهائي 5 جي اتحاد جي ذريعي پنجاب سامراج سان ميلي ڀڳت ڪري بلوچستان جي اندر گرم پاڻي جو دنيا جو سڀ کان وڏو گوادار سي پورٽ جوڙڻ جو فيصلو ڪري چڪو آ. چين جي اقتصادي راهداري پلان ۽ رٿابندي ان سموري خطي ۾ سياسي بيچيني نفرت غيريقيني ۽ نه ڪٽندڙ جنگين جو بنياد وجهي رهي آهي. ان اقتصادي راهداري جي پلان سان چين نه صرف هندي مها ساگر ۾ بحري فوجي طاقت ۾ اضافو ڪري رهيو آهي بلڪ پنهنجو اقتصادي تصرف قائم ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ لڳو پيو آهي. جنهن سان هن ڏکڻ ايشيا جي خطي کان ويندي عالمي سياست پڻ گرم ۽ سرد جنگ جو ميدان بڻجندي پئي وڃي. اقتصادي رهداري، ميگا سٽي پراجيڪٽ ۽ مظلوم سنڌي ۽ بلوچ قوم جي وسيلن کي چئينا کي نڪي ۾ ڏيڻ جا مهادا ٿي چڪا آهن جنهن سان سنڌي، سرائڪي ۽ بلوچ مظلوم قومن جا قومي وجود ۽ سياسي اقتصادي مفاد سڀ جو سڀ داءُ تي لڳي چڪا آهن. پنجاب سامراج مظلوم قومن سنڌي، بلوچ ۽ سرائڪين جي قومي وجود کي تحس نحس ڪري انهن مٿان پنهنجي دائمي غلامي مڙهي انهن مظلوم قومن جي هزارن سالن جي تاريخي حيثيت جو انڪار ڪندي ٽين درجي جو شهري بڻائي انهن کي مستقل قومي غلامي جي غار طرف ڌڪڻ چاهين ٿو تنهنڪري پنجاب سامراج روز بروز پنهنجي ڪٺ پتلي اسمبلين جي واهيات سامراج نواز ايوانن مان ڪارا قانون پاس ڪرائي مظلوم قومن جي لاءِ پنهنجي سازشي پاليسين جي ذريعي رياستي دهشتگردي ۽ سامراجي فاشي درندگي تي لهي آيو آهي. جنهن ڪري مظلوم سنڌي ۽ بلوچ قومن جي مٿان رياستي ڏاڍ جي ذريعي انهن جي حريت پسند آزادي پسند ڪردار ۽ روح جي رتوچاڻ ڪرڻ جو غليظ سامراجي ادارو رکي ٿو. تاريخي حالتون پنهنجي فيصلا ڪن مرحلي ۾ داخل ٿي چڪيون آهن تاريخ مظلوم قومن کي پنهنجي تاريخي به واٽي تي آڻي بيهاري ڇڏيو آهي. اتي هڪ طرف انهن لاءِ عدم مزاحمت قومي غلامي سان سمجهوتي ۽ قومي غلامي ۾ رهڻ ۽ پنهنجي قومي فنايت جي انتظار ڪرڻ جو رستو ڇڏيو آهي ته ٻي طرف پنهنجي وجود جي بقا جي جنگ جي لاءِ قومي قربانين ڏيڻ جي لاءِ قومي مزاحمت جي عظيم قومي حوصلي جي مظاهرو ڪرڻ جو رستو ڇڏيو آهي. پنجاب سامراج جي سامراجيت جو انت آڻڻ لاءِ انهي جي غليظ سازشي سامراجي ادارن کي خاڪ ۾ ملائڻ جو رستو ڇڏيو آهي. جيڪو رستو آزادي ۽ انقلاب جو رستو آهي. تاريخ کي مظلوم قومن جي صالح ۽ غير صالحپڻي جو فيصلو ڪرڻو آهي اڇو ته پنهنجي وطن جي حريت، بهادري، جرئت لوئين لڄن، ننگن ۽ دنگن جي حفاظت لاءِ هن پاپي پاڪستان جي بدبودار سري ورتل ديوارن کي پنهنجي نسلن کي آزاد ڪرائڻ ۽ کين روشن تابناڪ مستقبل سان ڳنڍڻ لاءِ جسمر جو ساٿ ڏيو ۽ پنهنجي قومي ٻڌي جو مظاهرو هڪ زوردار تاريخي ڌڪو ڏيئي قومن جي قيد خاني پاپي پاڪستان عرف گريٽر پنجاب جي سامراجي در و ديورا کي ڍاهي پٽ ڪري قومي آزادي جو سورج اڀاريون. تاريخ سنڌي قوم جي قومي ٻڌي جي آزادي پسند جوش ولولي ڏانهن واجهائي رهي آهي آئون جسمر جي چيئرمين جي حيثيت ۾ عالمي ۽ علاقائي خطرن کان دنيا کي آگاهه ڪندي آمريڪا، برطانيه، يورپي يونين، فرانس، جرمني ۽ هندوستان کي اپيل ٿو ڪريان ته چين ۽ پنجاب سامراج جي عالمي امن جي لاءِ دهشتگرد بنياد پرست ڪرادار جو جائزو وننددي مظلوم سنڌي ۽ بلوچ سرائڪي قومن کي نسل ڪشي کان بچائڻ ۽ سندس جائز قومي جمهوري قومي آزادي جي حق جي اقوام متحده جي چارٽر موجب حمايت ڪن. پاڪستان نالي قومن جي قيد خاني کي ٽوڙي تحليل ڪري مظلوم قومن کي آزادي ڏيارڻ ۾ مدد ڪن. چيني سامراج جي

اپرنڌڙ منفي عالمي ڪردار جي رستا روڪ ڪري عالمي امن جي سرزمين هموار ڪري دنيا جي عالمي واپار جي لاءِ سازگار انسان دوست ماحول جوڙي نئين عالمي اقتصادي ۽ اخلاقي نظام ڪي بحال ڪيو وڃي.

**ڪاهوڙي**: خطي ۽ عالمي صورتحال جي مدِنظر دنيا جي مهذب ملڪن لاءِ توهان جو ڪو پيغام يا تجويز؟

**جسمر چيئرمين**: اتر ڪوريا جي هيڊروجن بمر ڌماڪن جي تجربي ڪان دنيا هڪ سنگين ترين اسٽريٽجڪ توازن واري صورتحال ۾ داخل ٿي وئي آهي ۽ خطرو آهي ته ٽين عالمي جنگ نه ڪنهن ڳالهه تان ڇڙي پئي. ڇاڪاڻ ته هن ڪان اڳ ۾ ٻه عالمي جنگيون منڊين جي تقسيم تان ڇڙي چڪيون آهن ۽ هاڻي پڻ عالمي سامراجي مفادن جي منڊين جي تقسيم تان ڇڪتاڻ واري صورتحال موجود آهي. جيڪڏهن ٽين عالمگير جنگ ڇڙي ته پوءِ آئين اسٽائين جي ڪيل پيشنگوئي وانگر دنيا پٿر جي دور ۾ داخل ٿي ويندي.

هن وقت شام افغانستان ۽ پاڪستان جي اندر جيڪا انتهاپسندي جي لهر اپري آهي ان جي پنيان به اڄ جي تاريخ جي منفي قوتن جي مفادن جا راڪاس لڪل آهن. شام، عراق، ترڪي ۽ ايران جي وچ ۾ ڪردن جي قومي آزادي جي جدوجهد تي جيسيتائين عالمي قوتون ڌيان نه ڏينديون ۽ دهشتگردي جي عالمي اڏي پاڪستان جي طرفان دنيا ۾ ايٽمي ڦهلاءُ جي حرڪتن جي پسِ نظر ۽ سندس دنيا جي سڀ ڪان وڏيڪ ايٽمي اسلحي ناهڻ جي جنون تي نظر داري نه ڪئي ويندي ۽ مظلوم سنڌي ۽ بلوچ قومن جي جدوجهد ڪي جيسيتائين عالمي قوتون، اقوام متحده جي چارٽر جي موجوب حق خوداختياري جو حق نه ڏينديون، تيستائين عالمي دهشتگردي جي قعلو جنهن مان دهشتگردي جي عالمي نرسري تيار دنيا جي مختلف ملڪن ۾ دهشتگرد ڪاروايون ڪندي رهي ٿي ان ڪي ٻنجو نه ڏنو ويندو تيستائين عالمي امن داءُ تي لڳل هوندو. انهي جو وڏي ڪان وڏو ثبوت اهو آهي ته عالمي دهشتگردي جي سرواڻ اسامر بن لادن پاڪستان جي فوجي ڇاوڻيءَ جي نڪ هيٺيان برامد ٿيو هو. ٻي پاسي هڪ برطيانه جي بين القوامي تعلقاتن جي هڪ تحقيقي اداري آءِ آءِ ايس ايس دنيا ۾ ايٽمي ٽيڪنالاجي ۽ هٿيارن جي غيرقانوني ڦهلاءُ ۽ اسمگنگ جي باري ۾ هڪ رپورٽ 2 مئي 2007ع ۾ شايع ڪئي هئي ان رپورٽ ۾ پاڪستاني رياست جي ايٽمي سائنسدان قدير خان جي اسمگلنگ جي نيٽورڪ سان پاڪستاني حڪومت جو تعلق زِير بحث آيو هو. ان متعلق ڪيترائي سوال اٿاريا ويا هئا، رپورٽ موجوب قيدير خان جو نه ئي ملڪي نه ئي بين القوامي قانونن موجوب ڪنهن تحقيق سان واسطو پيو هو، سندس ڇوڻ موجب اجان به اها خبر نه پئي آهي ته اهي ايٽمي اوزار جيڪي ڊاڪٽر قدير خان وٽ هئا جن ڪي لبيا ۽ اتر ڪوريا اماڻڻ چاهي پيو اهي اماڻي سگهيو يا نه ۽ اهي ايٽمي اوزار ڪٿي آهن؟ رپورٽ ۾ ذڪر آهي ته ايٽمر بمر ناهڻ جو نقشو ڊاڪٽر قدير خان جنهن سي ڊي ۾ رڪارڊ ڪيو هو ان جو ڪاپيون ڪنهن ڪنهن تائين پهتيون آهن. عالمي ادارن ڪي اجان تائين اهو خدشو آهي ته اهي ڪاپيون دهشتگردن تائين نه پهچي وڃن. آءِ آءِ ايس ايس جي رپورٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو هو ته پاڪستان طرفان ڊاڪٽر قدير خان نٽورڪ جي ٻين ايٽمي سائنسدادنن اسامر بن لادن سان ملاقاتون ڪيون هيون. قدير خان جي طرفان جي سينٽريفيوجز ايران، لبيا ۽ اتر ڪوريا ڪي اسمگل ڪيا ويا هئا انهن نيٺ پنهنجو ڪم ڏيکاريو جو اتر ڪوريا هيڊروجن بمر جو تجربو ڪري نيٽو فورسز ڪي پريشير ۾ آڻڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. ٻي طرف هندي مها ساگر ۾ چائينا ۽ پاڪستان پنهنجي پنهنجي طاقت وڌائي رهيا آهن اها پڻ عالمي امن جي لاءِ خطرو بڻجندي پئي وڃي، مٿان وري اقتصادي راهداري جي پلان سنڌ ۽ بلوچستان جي اندر مظلوم قومن جي رتو چاڻ جي مٿان سازشي منصوبن جي اڏڻ جي پلاننگ ڪئي وئي آهي. جنهن ڪي فوري طور تي روڪڻ جي لاءِ عالمي قوتن ڪي سخت اپاءُ وٺڻا پوندا ڇا ڪاڻ ته اهڙا پلان نه صرف مظلوم قومن جي وجود ڪي تحس نحس ڪرڻ جي لاءِ جوڙيا پيا وڃن پر عالمي امن ڪي برباد ڪرڻ جي لاءِ پلان تيار ڪيا پيا وڃن. هي وقت آهي ته دنيا جون مهذب ۽ ترقي يافته قومون اقوام متحده ڪي قومن جو حقيقي ادارو بنائڻ لاءِ ڌرتي جي گولي تي سمورين غلام قومن ڪي آزاد ڪرائڻ لاءِ نيو مورل آرڊر جي پاليسي واضع ڪري. انهي اداري ڪي گهڻ قومي رياستن بجاءِ انهن قومي قيد خانن ۾ واڙيل حقيقي قومن جو نمائنده ادارو بڻايو وڃي. ڪيس چند رياستن ڪي ويٽو پاور بنائڻ بجاءِ ان قومن جي مفادن جو حقيقي ادارو بڻايو وڃي. قومن جي آزادين، جمهوري، معاشي استحڪام ڪي يقيني بنائڻ لاءِ دنيا جي سمورن قومن سان رجوع ڪندي انهن جي گڏيل راءِ سان اقوام متحده جي نئين سر جوڙجڪ ڪندي قومن جي مٿان مڙهيل سامراجيت جو خاتمو ڪيو وڃي. هٿيارن جو خاتمو آندو وڃي ۽ بين القوامي انصاف جي راهه هموار ڪئي وڃي ته جيئن دنيا جي اندر حقيقي امن ۽ انصاف قائم ٿي سگهي.

**قومون، عقيدن ۽ نظرين تي جنم ناهن وٺنديون، پر وطن، زبان، تهذيب، جاگرافي حدن ۽ اقتصادي بنيادن تي نهنديون آهن. سائين جي ايم سيد**

# سنڌ جي برک ڏاهي، اديب، تاريخدان سائين عطا محمد ڀنڀرو جو انٽرويو

ته اسان صرف قلم جا ڌڻي ناهيون پر اسان تلوار جا وارث پڻ رهيا آهيون. اسان لکي به ڄاڻو ته وڙهي به ڄاڻو ٿا. اسان دنيا جي پهريان ماڻهو آهيون جن انسان ذات کي علم جي نالي سان واقفيت ڪرائي، جنهن کي اندس اِسڪِرپٽ سڏيو ويندو آهي، جيڪا ڇهه هزار سال پراڻي آهي ۽ اسان جي وڏڙن جي نشاني آهي. جيڪا موهن جي دڙي ۽ ٻين ماڳن مان ملي آهي، جنهن کي مون سهيڙي ان کي ڪتابي شڪل آهي، جنهن مان پتو پوري ٿو ته اسان دنيا جا پهريان عالم آهيو جيڪي لکندا پڙهندا هئا. جن کي انسانيت جو شعور هئو، جيڪي انسانيت کي سمجهندا ها پر جيڪي جيوت جي حقن کي به تسليم ڪندا هئا ته جيوت کي به حق هوندا آهن

**انٽرويو: ڪاهوڙي پينل**

. **ڪاهوڙي**: سنڌ ۾ ٿيندڙ قومي سياست ۾ مزاحمت کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

سائين عطا محمد: ادا مزاحمت ٿئي پئي، پر اسان کي اهو سمجهڻو پوندو ته مزاحمت جا ڪيئي رُخ هوندا آهن، لفظن سان به مزاحمت ٿيندي، جيڪڏهن ڪير چئي ٿو اسان کي سنڌ جي آزدي کپي اها به ته مزاحمت آهي نه! يا وري ڪير چوي ته اسان کي وڙهي آزادي حاصل ڪرڻ گهرجي اهو پڻ هڪ مزاحمت جو قسم آهي. جيڪو وڙهي ٿو ۽ چئي ٿو منهنجو رت سنڌ لاءِ حاضر آهي اها به مزاحمت آهي. مزاحمت جو ٽيون رُخ اهو آهي جيڪو مقتل تي بينو آهي، سر ڏيئي ٿو ۽ سنڌ جي آزادي جا نعرا هڻي ٿو ۽ هڪڙو پيغام ڏيئي ٿو ۽ ماڻهن جي صفن کي مظبوط ڪري ٿو جيئن مظفر ڀٽو شيهد ٿيو ان به ماڻهن جي صفن کي مضبوط ڪيو، جيڪڏهن افضل پنهور، پريل شاهه، ضامن شاهه شهيد ٿيا آهن ته انهن به جڻ ماڻهن جي صفن کي وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي. ائين راجا جي شهادت به ماڻهن کي متحد ڪيو، هن به جڻ سنڌ جي سُتل روح جي اکين ۾ مرچ وڌا آهن ته بابا سنڌ ته هنيئن ٿي چوي توهان هيئن چو آهيو؟ تنهڪري مزاحمت جا ڪيئي روپ هوندا آهن.

هڪ ٻي ڳالهه ته ماڻهو به توهان سان گڏ آهن، جيڪي توهان جي سمجهه مطابق توهان سان گڏ ناهن. جيڪي ماڻهو ڀهراڙين ۾ وينا آهن ۽ جيڪي توهان جي تحريڪ کي سجاڻين ئي ڪو نه ٿا پر جڏهن توهان سرگرميون ڏيکاريندو ته ويڙهن جا ويڙها اچي توهان سان گڏ بيهندا پوءِ اوهان کي تعجب ٿيندو ته هي ايترا ماڻهو ڪٿان آيا آهن؟! ضروري ناهي ته اهي ماڻهو اوهان جيان ٻيهن پر انهن جا لڪل جذبا اوهان سان گڏ هوندا پر شرط اهو آهي ته اوهان عمل ڪري ڏيکاريو. اوهان ماڻهن کي اهو ته ٻڌايو ته اسان جڏهن پنجابين کي هتان ڪيندا سين ته اهي ملڪيتون سنڌين کي ملنديو، اهو پڻ هڪ وڏو پرچار آهي، هڪ قسم جو اشتهار آهي. تڏهن قوم جو ڪو به سڌريل ماڻهو جنهن کي سنڌ جي لاءِ ذري جيتري به محبت آهي، اهو توهان جا پير چمندو، توهان اهڙا عمل ڪري ته ڏسو، اڳتي وڌي ته ڏسو، توهان جي قدمن ۾ قيامت پئي آهي، اوهان جتي قدم رکندو اتي سامراج لاءِ قيامت هوندو. اوهان گهٽ آهيو، اوهان جا هٿ خالي آهن چوءِ به فوج اوهان کان ڊڄي ٿي، هاڻ اوهان سمجهي ويو نه ته اوهان ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهيو؟!

اسان ۾ اوهان تي صرف سنڌ جي آزادي جي ذميداري ناهي، اسان موهن جي دڙي جا ماڻهو سڄي دنيا کي امن جو گهوارو بڻائڻ چاهيون ٿا. باقي ادا ڳالهه سڌي سنئين آهي جيڪو سائين جي ايم سيد به چوندو هو، دنيا جا مشهور انٽراپالاجسٽ به چون ٿا، منهنجي هر ترجمي جي پويان جيڪي مقالا آهن انهن ۾ لکيل آهي ته سنڌ کي تمام وڏو ڪردار ادا ڪرڻو آهي.

**ڪاهوڙي**: توهان سڄي عمر قلم جو پورهيو ڪيو آهي ۽ ڪيئي ڪتابن جا مصنف ۽ ترجمه نگار پڻ آهيو. سڄي حياتي سنڌ جي قصده خواني ڪئي اٿو، ان سڄ پورهئي ڪانپوءِ توهان سائين جي ايم سيد جي مزاري تي بيهي قلم کي ڇڏي ڪلاشنڪوف جا فائر ڪيو ٿا ته سڄي بدلاءَ کي توهان ڪيئن بيان ڪندو؟

**سائين عطا محمد**: بلڪل ادا! اهو ائين آهي ته اسان صرف قلم جا ڌڻي ناهيون پر اسان تلوار جا وارث پڻ رهيا آهيون. اسان لکي به ڄاڻو ته وڙهي به ڄاڻو ٿا. اسان دنيا جي پهريان ماڻهو آهيون جن انسان ذات کي علم جي نالي سان واقفيت ڪرائي، جنهن کي اندس اِسڪِرپٽ سڏيو ويندو آهي، جيڪا ڇهه هزار سال پراڻي آهي ۽ اسان جي وڏڙن جي نشاني آهي. جيڪا موهن جي دڙي ۽ ٻين ماڳن مان ملي آهي، جنهن کي مون سهيڙي ان کي ڪتابي شڪل آهي، جنهن مان پتو پوري ٿو ته اسان دنيا جا پهريان عالم آهيو جيڪي لکندا پڙهندا هئا. جن

ڪي انسانيت جو شعور هئو، جيڪي انسانيت ڪي سمجهندا ها پر جيڪي جيوت جي حقن ڪي بہ تسليم ڪندا هئا تہ جيوت ڪي بہ حق هوندا آهن، ٻوٽن جا بہ حق آهن يعني اسان اهي ماڻهو آهيون جيڪي فطرت جي وڏيڪ ويجهو رهيا آهيون. اسان تہ وڻن، دريائين، ستارن جي پوڄا بہ ان لاءِ ڪندا هئاسين چو تہ اهي فطري شيون هيون .
يعني اسان ان دور ۾ فطرت ڪي وڌيڪ ويجهو هئاسين ۽ هينئر بہ اسان سمجهون ٿا تہ دنيا جي امن ۽ ترقيءَ جي ذميداري اسان مٿان آهي، سنڌ جي مٿان آهي ۽ اهو بہ مان محسوس ڪيو آهي تہ تاريخ ۾ اسان وڏا تلوارباز آهيون، تلوار جا ڏٽي رهيا آهيون ۽ دنيا سمجهي ٿي تہ علم جي ابتدا اسان ڪئي آهي جيئن هيراڪلابي مصر جي اسڪرپٽ آ جيڪا اسان کان 500 سال پوءِ جي آهي، ٿيونيفارما ميسوپوٽيميا، عراق جي آ، اها 1000 سال پوء جي آهي، چين جي لکت 2000 سال انڊس اسڪرپٽ کانپوء جي دور سان واسطو ٿي رکي يعني اسان اهي پهريان ماڻهو آهيون جن سڀني کي علم سيکاريو آهي، جيئڻ سيکاريو آهي تہ زندگي ڪيئن گذارجي يعني اسان علم جا بہ ڏٽي آهيون ۽ اسان پهريان ماڻهو آهيون جن تلواربازي ڪئي آهي. دنيا کي تلوار هلائڻ سيکاري آ، اسان پهريان ماڻهو آهيون جن دنيا کي پهرين سادي مشين ايجاد ڪري ڏني آ، جيڪي ڦيٿي جي شڪل ۾ آهي، ڪنڀارڪي چَڪَ جي شڪل ۾ آهي، اسان پهريان ماڻهو آهيون جن دنيا کي جمهوريت سان روشناس ڪرايو آهي، گريگوري الڪوسن ۽ فيئر سنس جو خيال آهي تہ دنيا ۾ پهرين ڊيموڪريسي سنڌ ۾ هئي، يعني اسان وٽ موهن جي دڙي جي دور ۾ بہ جمهوري حڪومتي نظام موجود هئو اسان دنيا کي هر شيءِ ڏني آ، هر شيءِ جا سبق ڏنا آهن تہ هيئن جيئبو آ، هيئن سماج هلائبو آ، جمهوريت هيئن هلندي آ، لوڪ راڄ هيئن هلندا آهن، انسان جا حق هيئن هوندا آهن ، پاڻيءَ جا، وڻن ٻوٽن جا، جيتن جانورن جا حق هي آهن.



ڪاهوڙي: توهان جي يادگيرين جي حوالي سان ٿورڙو پڇنداسين تہ ايڊووڪيسي ۾ توهان جو استاد شيخ اياز رهيو آهي ۽ سائين جي ايم سيد سان بہ توهانجي ويجهڙائي رهي آهي، ان دور جون ڪي ساروڻيون اسان سان ونڊينديئو؟!

مان شيخ اياز جو جونيئر هئس، اسان گڏجي وڪالت ڪئيسين، اسانجي ڪافي ڳالهين تي اختلاف راءِ بہ رهي ۽ ڪونہ بہ ٿهياسين، مونکي ياد ٿو اچي تہ 80 جي زماني ۾ هڪڙي دفعي اسان ، شيخ اياز ۽ مان ، ميررسول بخش جي دعوت تي خيرپور وياسين، رڪن الدين قاسم بہ گڏ هئو دعوت تان موٽندي جڏهن روهڙي ڪئنال تي پهتاسون تہ سائين جي ايم سيد جي ڪنهن ڳالهہ تي اسان پاڻ ۾ اٽڪي پياسون ۽ ڪار بيهاري لهي بيهي رهياسين، جتي روهڙي ڪئنال ۽ ميرواهہ گڏبا آهن ٿوڙهيءَ ۽ خيرپور جي وچ تي ڏاڍو تڪرار ڪيوسين پر هُو سائين کي تمام گهڻو پسند ڪندو هئو توڙي جو هن جي طبيعت ۽ مزاج ٻئي قسم جا هئا پر اسان کي بہ شاعريءَ جي واسطي ڪجهہ جاڳائي ويو. انهي ڪيڊر ۾ ان دور ۾ گهٽا ماڻهو نظر اچن ٿا جن ۾ استاد بخاري آ، ابراهيم منشي آ، نياز همايوني آ ، اهي جڏهن بيهي اسٽيج تي ڳائيندا هئا ، ڌرتيءَ جا قصيدا ڳائيندا هئا تہ ماڻهو ڏڪڻ شروع ڪندا هئا جذبات کان، اهو اُهو دور هئو جڏهن ون يونٽ برپا هئو يا ان کانپوءِ وارو دور هئو. سائينءَ سان منهنجيون ڪيئي ڪچهريون ٿيون ۽ شيخ اياز سان انهن معاملن تي، پَرپُٺ بہ ٿيون، يعني آفيس کان ٻاهر، سائينءَ سان بہ منهنجي زندگيء جو وڏو عرصو گذريو پر سائينء کان آئون ٿورڙو (ڪلندي) پري گذاريندو هُئس، آئون سياسي ذهن جو تہ هُئس پر منهنجو وري ادبي لاڙو هُوندو هئو پوء سائينءَ جي پرسان تہ وينا هُوندا هئاسين پر ٿورو ڄڻ پري هئاسين ، سائين جون ڳالهيون ٻڌندا هئاسين ، اصول ٻڌندا هئاسين ۽ سائين

ته روايتي سنڌي هئو جيئن هُن موهن جي دڙي وارا سنڌي هُوندا هُئا، اخلاقي طور تي ، جرئت جي حساب سان، اهي ڳالهيون اسان جي روبرو ٿينديون هُيون ، واقعي سائين پنهنجي رُوح ۾ ايئن ئي هُيو جيئن آئون پنهنجي رُوح ۾ عدم تشدد جو حامي آهيان پر جيستائين سنڌ جو تعلق آهي سنڌ لاءِ ته اسين وڙهي جان ڏيڻ جا قائل هئاسين پر سنڌ جي ڳالهه تي ته ايئن ڪرڻو ئي ڪونهي ڪو، سائينءَ ته اختر ڪاڪيپوٽي کي موڪليوءِ ان ڪانسواءِ بشير خان جو آفتاب ميئر کي گوليون هنيون، شاهه محمد شاهه هڪ زيدي وزير کي اغوا ڪيو، سائينءَ بشير ٽُنئي کي اجرڪ پارايو، جيڪڏهن آفتاب ميئر کي گوليون هڻڻ واري کي سائين پاڻ اجرڪ ٿو پارائي ته پوءِ ڪير ٿو چوي ته سائين عدم تشدد جو حامي هئو؟ 1973 ع ۾ جو سائين سنڌ جي دوري تي نڪتو هئو ته جڏهن اسان ظفر شاهه وٽ ترسيا هئاسين ته سائين جي جلسي مهل اتي فائر ڪيا ويا هُئا، وري خيرپور پهتاسين ته سائين جي آجيان لاءِ فائر ٿيا هئا ته اسان ڪيئن سمجهون ته سائين عدم تشدد جو قائل هئو، يا سائين ٽنڊي آدم ڪاليج جي پرنسپال محسن شاهه، جيڪو منهنجو ڪلاس فيلو هئو، ان ڏي ماڻهو موڪليو ته پنهنجي ڇهه پٽن مان ٻه پٽ ڏي ته انهن کي گوريلا ٽريننگ ڏياريان، اها ته منهنجي اکين ڏٺي ڳالهه آهي، ان جا پٽ اڄ ٻه موجود آهن توهان پڇي ڏسو ته اها ڳالهه آهي يا ڪونهي. اُن ڪانپوءِ ٻه ته سائين ڪيترائي ماڻهو موڪليا هئا ٻاهر ٽريننگ لاءِ ته پوءِ ڪيئن ٿا چئون ته عدم تشدد جو قائل هئو، زين شاهه مون وٽ آيو هئو، جلال شاهه جو پاءُ، مون ان کي ٻه چيو ته توهان ڪيئن ٿا چئو ته سائين عدم تشدد جو حامي هئو، مان چيومانس سائين ايئن ڪونه هئو جيئن توهان ٿا چئو ، جيئن شاهه محمد شاهه ٿو چوي، سائين ته جنگ جو حامي هئو جيڪڏهن نه ته پوءِ هيترن ماڻهن کي ٽريننگون ڏيارڻ جو ڪهڙو مقصد هئو.

**ڪاھوڙي**: سائين توهان موهن جي دڙي جي ٻولي کي سمجهڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيو، توهان ان جي پاڃ تي ڪتاب ٻه ترتيب ڏنو آهي؟! اسان کي ٻڌايو ته ان ٻوليءَ مان سنڌو تهذيب جا ڪهڙا اسرار عيان ٿيا آهن؟!

**سائين عطا محمد**: سنڌو لکت ۾ گهٽي قدر بادشاهن جا نالا لکيل آهن ۽ جيڪي وڏا رِشي ٿي گذريا آهن، انهن جا نالا آهن ۽ ٽيڪس پيئرز يعني ڍِل پيئاريندڙنجا نالا آهن، ڳائڻن جا نالا آهن پر ڪابه وڏي تحرير ڪانه ٿي مِلي ، فقط اهي ئي تحريرون آهن جن کي سرڪاري مهر يا ٺپي طور استعمال ڪيو ويو آهي، ٿي سگهي ٿو ته ڪا وڏي تحرير ٻه مِلي، اِمڪان آهي.

**ڪاھوڙي**: پوءِ ان پسمنظر ۾ توهان موهن جي دڙي جي تهذيب ڪيئن بيان ڪندئو ته ان جا اثر ڪيترا وسيع هئا دنيا تي ۽ ڪيترا پائيدار هئا؟

**سائين عطا محمد**: موهن جي دڙي جا اثر پهريان ته ٿانو آهن، اها هڪڙي ثقافت آهي، يا جيئن جمهوريت آ، اها موهن جي دڙي جي آ، اسان ڏسون ٿا ته نڪر جو ٿانءُ هڪ سمپل مشينري جي ابتدا آهي، ڪنپارڪي چڪ جي ايجاد آهي سابه اتان شروع ٿي آ، يا موهن جي دڙي ۾ ڦيٿو ايجاد ٿيو آ جيڪو گاڏي کي ٿو هلائي ، هاڻي جديد دور ۾ گاڏي، ڦيٿي کي ٿي ڦيرائي، ڪهڙو فرق آ؟! ڪو ٻه فرق ڪونهي معنيٰ اها تهذيب مسلسل هلي پئي، ٻيو آهي اسان جو علم، جنهن علم جا اسان بنياد رکيا اهو اڄ تائين ترقي ڪندو اچي پيو، پوءِ ان مان ڪيئي شعبا نڪتا جيئن فلاسافي، سائيڪالاجي ، ميڊيڪل جو علم يا ٻيا شعبا ، پر ابتدا ته اسان ڪئي آ نه ادا! يا اسان جي فلاسافي، جيئن هڪ ڪتاب آهي جارج گُبِ ورٿ جو "گِريڪس ان انڊيا" ، اُن ۾ هُو لکي ٿو ته سنڌ جي فلاسفرن جو هڪ ٽولو يونان وڃي نڪتو، اتي هنن سقراط کان پڇيو ته هي جيڪا تون فلاسافي ڪرين ٿو اها ڇا جي فلاسافي آ ته هُن چيو ته اها فلاسافي آهي ته جيئِجي ڪيئن؟! جيئن جو ڍنگ ڪهڙو هُجي؟! ته هنن چيس ته تو فطرت کي سمجهيو آهي ته فطرت يعني نيچر آهي ڇا؟ چيائين نه ، چيائونس ته تو فطرت کي ئي تو ڪونه سمجهيو آ ته هي سوال تو وٽ آيا ڪيئن؟! تون ته جاهل ٿو نظر اچين! سنڌين سقراط کي منجهائي ڦِٽو ڪيو ۽ اهو چيو ويندو آهي ته "ائٽم" ڊيموڪرائيٽس يوناني دريافت ڪيو، گُبورٿ لکي ٿو ته ايئن ڪونهي ڪو، پر ڊيموڪرائيٽس اهو نظريو ٻه سنڌين کان سکيو ، جڏهن هُو ايران ۾ هُئو چوٿين يا پنجين صدي قبل مسيح ۾، اتي سنڌي فلاسافر ٻه هئا، جن هن کي سيکاريو ته ائٽم ڇا ٿيندو آهي! سنڌي ان پائي جا ماڻهو آهن جو سائنس جي شروعات ٻه انهن ڪئي، فلاسافي اتان شروع ٿي، جڏهن هُو سُقراط کي منجهائي ٿا وڃهن، ڊيموڪرائٽس کي سيکارڻ وارا سنڌي هئا، اهي حوالا گُبورٿ جي ڪتاب ۾ موجود آهن ، 151 صفحي تي، مون اهي سڀ ترجما ڪري ڇڏيا آهن ته اسان آهيون ڪهڙي شيءِ ، علم اسانجو آ، حلم اسانجو آ، تلوار اسانجي آ، قلم ٻه اسانجو آ! انسانيت ٻه اسان جي آ، جڏهن انسانيت کي نقصان رسندو ته انسانيت کي بحال رکڻ لاءِ

وڙهنداسين ۽ اسان! اسان تي ذميواري آ اها موهن جي دڙي جي!

**ڪاهوڙي**: توهان جا ايندڙ ڪتاب ڪهڙا آهن؟!

**سائين عطا محمد**: ايندڙ ڪتابن ۾ هڪڙو آهي ، ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا، سنڌ جي تاريخ آهي، تمام وڏي آ، 800 صفحن جو ڪتاب آهي، جيڪا شروع ٿئي ٿي سڪندر اعظم جي دور کان اڳ سٽين جي دور کان، ٻيو ڪتاب ۽ تاريخ جو آهي ”اينشنٽ انڊيا“ جيڪا سٽين دور کان شروع ٿي ٿئي عرب دور تائين، جيڪو ۽ 800 صفحن جو آهي، اهي ئي ڪتاب آهن پوءِ ۽ جيڪڏهن عمر جو حصو مليو ويو ته مان سنڌ جي جاگرافيءَ تي ڪم ڪرڻ ٿو چاهيان، سنڌ جاگرافيءَ جا ٻه ڪتاب آهن هڪ تاريخدان ٽالميءَ جو آهي ۽ ٻيو آهي اسٽيپو جو، ٻئي رومي ليکڪ آهن ۽ متاثر آهن يونانين کان. اها ۽ سنڌ جي سڪندر واري دور جي جاگرافي آهي سو اهي ۽ ڪتاب آهن جيڪي ترجمو ڪرڻ جو ارادو اٿم.

**ڪاهوڙي**: ڊارون جي ٿيوري تي ۽ توهان ڪو ڪم ڪيو پيا؟

**سائين عطا محمد**: ها ڊارون جي ٿيوري تي مون ڪم مڪمل ڪري ڇڏيو آهي، ڊارون جا ٻه ڪتاب هئا جيڪي مون ست ، اٺ سال پهرين ترجمو ڪري ڇڏيا هئا، جن مان هڪ ”اوريجن آف اسپيشيز“ ۽ ٻيو آهي ”ڊيسينٽ آف مئن“ ، اهي ٻه ڪتاب آهن جنهن دنيا جي تخليق جي تصور کي تبديل ڪري ڇڏيو پر اهي گهانگهري وٽ پيل آهن، هاڻي جڏهن ڏٺي، اهي ڪمپوز ته ٿي ويا آهن پر انهن جي پروف ريڊنگ لاءِ ڪو ماڻهو ئي ڪونه ٿو لڀي.

**ڪاهوڙي**: سامراجي ڌر سدائين قومي مزاحمتي انقلابي ڌرين جي قيادت کي متنازعہ بڻائڻ لاءِ حتي الامڪان ڪوشش ڪندي آهي ته جيئن غلام قوم طرفان انهن کي ملندڙ سياسي ۽ اخلاقي مدد کان انقلابي ڌرين کي محروم ڪيو وڃي. اهڙي ئي پروپيگنڊا هن وقت ۽ سنڌ ۾ جسمم قيادت خلاف ڪئي پئي وڃي، توهان ان باري ۾ ڇا چوندئو؟!

سائين عطا محمد: اهڙا افواهه سامراجي ڌرين طرفان پکيڙيا ويندا رهيا آهن جيئن سورهيه بادشاهه لاءِ ۽ هلايا ويا هئا، پر اهي افواهه ئي هئا نه، توهان ۽ ساڳي ئي قسم جا افواهه پنجابين خلاف هلايو، اهو ناهي ته صرف جسمم پر دنيا جي اندر جتي ۽ سامراج رهيو آ ، نارٿ آفريڪا کان سائوٿ آفريڪا تائين، پوءِ موزمبيق هجي، روڊيشيا هجي، ڪمبوڊيا هجي، مشرق هجي يا مغرب هجي طريقو ساڳئو ئي رهيو آهي سامراجي قوتن جو، مذهبي ڌرين کي، مذهب کي استعمال ڪيو ويو آهي، پروپيگنڊا ڪندا آهن ته جيئن تفريق پيدا ٿئي، عوام ٽڪرا ٽڪرا ٿئي، هڪ هڪ کي اسانجي اها ڳالهه ٻڌايو ته جڏهن وهانءُ ۽ ٿيندو آ ته سامراج کي اهو پوءِ هوندو آهي ته اتي ۽ ڪا قومي ڳالهه نه ٿيندي هجي، ڪو مرندو آ ۽ اتي سنڌين جو ميڙ ٿيندو آ ته اتي ۽ متان ڪا انقلابي ڳالهه ٿئي، هو شڪ جو شڪار هوندا آهن، اهو جيڪو جسمم خلاف ڪيو پيو وڃي اهو جتي جتي سامراج رهيو آ نه اتي اها پروپيگنڊا ڪئي ويندي آ ته انقلابين کي تخريبڪار ڪري پيش ڪيو ويندو آهي، پير صاحب پاڳاري کي ۽ دهشتگرد چيو ويو نه ادا جيڪو اڄ اسان جو هيرو آ. اسان دهشتگرد آهيون ته هنن جي لاءِ آهيون! پر ڌرتيءَ جا ته هيرو آهيون . پوءِ سورهيه بادشاهه هجي، سڀاش چندر بوس هجي، يا ڀڳت سنگهه هجي ايئن اڄ ۽ جن کي پنجابي سامراج دهشتگرد ٿو چوي سي اسان جا هيرو آهن ۽ اها ڪا نئين ڳالهه ته ڪانهي توهان سامراج جي تاريخ کي پڙهي ته ڏسو نه! سامراج جي چال ئي اها هوندي آ ته ڪيئن قبضو برقرار رکجي هندستان تي، سائوٿ آفريڪا تي، روڊيشيا تي. ان تي ئي ته هن جي زندگي جو دارومدار آهي. هن وٽ ڪيئي نمونا هوندا آهن توهان ۽ اهي ئي نمونا اختيار ڪيو.

**ڪاهوڙي**: سائين سنڌ ۾ قومي تحريڪ جا سرگرم ڪردار ، دانشور جسمم چيئرمين تي الزام هڻي رهيا آهن، توهان جي ان معاملي تي ڪهڙي راءِ آهي؟!

**سائين عطا محمد**: اهو ته فطري آهي، اهي ته سرڪار جا مهرا آهن، توهان انهن کي ڇڏي ڏيو، انهن تي ميار نه ڪيو، جيڪو وٽين پلي پيا چون، ڪتو ڀونڪندو رهندو، فقير پنهنجو روزگار سان لڳل هوندو، ڪتن کي ڀئونڪڻ ڏيو. ڪتن تي اعتراض ئي نه ڪيو ته ڪتو ڇو پيو مون تي ڀئونڪي، ڪتن جو ڪم ئي ڀئونڪڻ هوندو آهي نه ادا، ڇو ته جيڪي پرائيءَ پچ تي ڪيڏندا آهن سي ڀئونڪندا آهن. رحمان پنهنجو ڪم ڪري ۽ شيطان پلي پنهنجو ڪم ڪري، بس... توهان سرڪار کي ۽ ڇڏي ڏيو جيئن وٽيس ٿيئن ڪم ڪري توهان پنهنجو ڪم ڪيو ادا. ۽ قوتون هونديون آهن هڪ صالح قوت آ، ٻي غير صالح قوت آ، انهن ۾ تضاد آ، اهي ٻئي گڏ گڏ هلنديون آهن ، جيئن اسان جي جسم ۾ بيڪٽيريا ۽ آهن ته مدافعتي جزا ۽ ، هڪڙو بيمار ڪندو آ ته ٻيا وري ٺيڪ ڪري ڇڏيندا آهن.

ڪاهوڙي: سائين سنڌ جو اديب يا پڙهيو لکيو ڪيڊر جيڪو دانشور ۽ سڏرائي ٿو ۽ سڀ ڳالهه جي ڄاڻ ۽ رکي ٿو پر ان جو ڪو خاص قومي ڪردار جڙندي نظر نه پيو اچي، ان جا ڪهڙا سبب آهن؟!

سائين عطا محمد: اهو ان ڪري آهي جو هڪ توازن هوندو آهي، جيڪڏهن قومپرست توازن ۾ مٿي اپري آيا نه ته ساڳيا اهي اديب اچي قومپرستن سان ملندا، اهي ويڪائو مڊل ڪلاس دانشور ٿيندا ئي ائين آهن، اهي وچٿرا هُوندا آهن، جڏهن ڪنهن ۽ سچي قومپرست ڌر جو پُڙ ڳرو ٿيندو محسوس ڪندا آهن ته سِرڪي اچي اتي ويهندا آهن، سو ۽ آهستي آهستي سرڪندا آهن ، هڪدم ڪونه سرڪندا آهن، متان ماڻهن کي شڪ پئي ۽ اهو ۽ جتي ڪٿي ٿيو اٿو، هر غلام قوم جنهن تي سامراج قابض

هوندو آهي ان جا اديب ۽ پڙهيا ڳڙهيا فرد ايئن ئي رهيا آهن، جيئن موجود دور جا وڪيل اديب آهن. تنهن جي ڪري توهان هنن تي ڪو بہ شڪ يا تنقيد نہ ڪريو، اهي تاريخ جي ڌوڙ منهن ۾ وجهي پنهنجو موت پاڻ مري ويندا.

**ڪاهوڙي**: انهن لاءِ توهان جي ڪا صلاح يا سمجهاڻي؟!

**سائين عطا محمد**: نہ، مان ڪهڙي صلاح ڏيان، بس چوان ٿو تہ اچو سنڌ لاءِ ڪجهہ تہ ڪيو، غلامي سدائين ڪانہ رهندي، هي غلاميءَ جا ڳٽ هڪ ڏينهن ڇِڇين تان لهي ويندا، پيرن مان بہ پئيند لهي نڪري ويندا. تہ ان دور ڪي سمجهو تہ جڏهن توهان جي هڏن جو بہ نہ پوسٽ مارٽم ٿئي، هر ڪنهن جي هڏن جو پوسٽ مارٽم ٿيندي ، تاريخ ۾ اسان جا ايندڙ نسل اسان سڀني جي هڏن جو پوسٽ مارٽم ڪندو تہ بچل پنيري ، عطا محمد ڪتي بدمعاشي ڪئي آ؟ جي ايم سيد ڪهڙي غلطي ڪئي؟! ڪير وڙهيا ڪير نہ وڙهيا؟! سو ادا ڏجو ان ڏينهن ڪان جڏهن ايندڙ نسل اسان جي ڪردارن جو پوسٽ مارٽم ڪندا. اهو تاريخ جو باب لکيو ويندو.

توهان سورهيہ بادشاهہ جي زندگي پڙهي هوندي، هو هڪ انتهائي بهادر انسان هئو، سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڙهيو، هن جو اهو نعرو تہ وطن يا ڪفن ، آزادي يا موت ، فلسطين وارن جو ڪونہ هئو، اهو سنڌ جو نعرو هئو ۽ واقعي هن ڪري ڏيکاريو، مان هن تي گهڻو ڪم ڪيو آهي، سائين جي ايم سيد جون بہ غلطيون تہ آهن پر اهي غلطيون آهن، غداري تہ ناهي، غلطيون تہ توهان چئي سگهو ٿا پر سنڌ جو غدار ، سيد ڪي نہ ٿا چئي سگهو، غلطيون اتس اهي پاڻ بہ تسليم ڪندو هئو، مان بہ تسليم ڪيان ٿو پر ، ڪيس سنڌ جو غدار چوڻ ، اهو غلط آ، ناممڪن آ.

**ڪاهوڙي**: ڪجهہ قومپرست ڌريون پارلياماني سياست ڏانهن لاڙو رکن ٿيون، ايستائين جو جيئي سنڌ جي بہ ڪجهہ ڌڙن مڪاني چونڊن ۾ بہ حصو ورتو، توهان پارلياماني سياست ڏانهن قومپرستن جي ان لاڙي ڪي ڪيئن ٿا ڏسو؟!

**سائين عطا محمد**: سائين ڳالهہ اها آهي تہ سائين امداد محمد شاهہ مونکي هڪ دفعي چيو تہ پارليامينٽ ۾ رهي اسان سنڌ لاءِ ڪجهہ نٿا ڪري سگهون ۽ اها سياست ئي اجائي آ. اهي سائين امداد محمد شاهہ جا لفظ هئا ۽ سائينءَ بہ ڏسو نہ تہ پارلياماني سياست بہ ڪئي آ. پنهنجي حساب سان ون يونٽ جي دور تائين اسيمبلي جو ميمبر رهيو، چونڊن ۾ حصو ورتائين. منهنجو تہ اهو نقط نظر آهي تہ پارلياماني سياست انگريزن جي دور ۾ اَجان ڪجهہ هئي، انهن ۾ ڪجهہ لڄ هئو، هن وقت موجودا پاريامينٽ ڪي تہ اسان جمهوريت بہ نٿا چئي سگهون. پارليامينٽ جو مقصد جمهوريت ڪونهي ڪو، جمهوريت جو مقصد اهو ڪونہ هوندو آ تہ رڳو ووٽ هجي، وزارت مِلي وغيره وغيره، اهو تہ انگريزن جي دور ۾ بہ هئو، خود سائين بہ وزير رهيو، وزير اعلىٰ بہ سنڌي هوندو هئو، ميمبر بہ سنڌي هئا پر جمهوريت تہ ڪانہ چئبي اها. ان ۾ تہ ماڻهن ڪي ريجهائين ٿا ٽُڪر تي، جڻ تہ ٽڪر هٿ ۾ ڏيئي هن ڪان سڀ ڪجهہ ڪسي ورتو. پيپلز پارٽي يا نواز ليگ جي جمهوريت ڪي توهان جمهوريت چئي ئي نٿا سگهو، چاڪاڻ تہ اسان ان جمهوريت ڪي ڊفائين ئي نہ ٿا ڪري سگهون تہ what is democracy? ڊيموڪريسي صرف ووٽ ۽ وزرتن جو تہ نالو ڪونهي، ڊيموڪريسي جي معنىٰ آهي تہ هڪ هڪ انسان جي هرهڪ حق جو تحفظ، جتي سنڌ جي ۽ سنڌي ماڻهن جي حقن جو تحفظ آهي ئي ڪونہ تہ پوءِ اسان ان ڪي ڊيموڪريسي ڪيئن سمجهون؟! پر جيڪڏهن توهان ان ڪي ڊيموڪريسي بہ سمجهو تہ بہ ان تي پنجاب جي بالادستي آ، جيڪڏهن مارشل لا آهي تہ بہ بالادستي پنجابين جي آ ، تنهن ڪري اسان ڪي تہ پنهنجو راڄ رکڻو آ نہ ادا، جمهوري هجي بہ ها تہ بہ اسان جو حق آ نہ آزادي ، جيئن انگليند ۾ سهي جمهوريت آ تڏهن بہ ڪوششون هلن پيون، حق بہ ملن ٿا پوءِ بہ اسڪاٽلئنڊ جا ماڻهو تہ آزادي گهرن ٿا نہ. اسان ڪي حق آ آزاد رهڻ جو پوءِ هُو پلي فرشتا هجن، آزادي ڪپي ٿي ۽ آزادي وٺنداسين، هينئر پنجابي گريٽر پنجاب جا حامي آهن. اسان لاءِ پارلياماني سياست جو نقط نظر مان سمجهان ٿو تہ غلط آ ۽ اسان ڪي پنهنجي حق لاءِ وڙهي حق وٺڻا آهن، پارليامينٽ مان اسان ڪي ڪابہ شيءِ ڪانہ ملندي.

**ڪاهوڙي**: توهان شهيد راجا ڏاهر پنيري جي لاءِ چوندا رهيا آهيو تہ "مان ٿيوري آهيان ۽ راجا منهنجو پرئڪٽيڪل آهي" ، تہ راجا جي شهادت تائين سندس جدوجهد ڪي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟!

**سائين عطا محمد**: آئون تہ ايئن ٿو سمجهان تہ هو ڊيموڪريٽڪ ماڻهو هئو ۽ ايئن ٿو سمجهان تہ جسمر ۾ جيڪڏهن هو نہ هجي ها ڪنهن ٻي تنظيم ۾ هجي ها تہ بہ هن جو ڪردار ايئن ئي هجي ها. جيئن لالا اسلم آ، ايئن ڪونهي تہ ڪو هي جسمر جي ڪري اهو ڪردار ٿو نڀائي پر سنڌ جي محبت جي لحاظ سان جتي بہ هجي ها اهو ئي ڪردار ادا ڪري ها پر جيڪڏهن هو جسمر ۾ آيو آ تہ اهو پلس پوائنٽ آ. مان ان نقطي نظر جو آهيان تہ جيڪو ماڻهو سنڌ لاءِ devoted آ ، اهو ڪنهن بہ پارٽي جو محتاج ناهي، هاڻي جيڪڏهن پارٽي سُني آ تہ بڻي پلائي آ پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو سائين جي ايم سيد کي نٿو مڃي پر سنڌوديش جو ڪٽر حامي آ تہ مان ان ڪي ڇڏي تہ نہ ڏيندس نہ! سائينءَ جو بہ تہ نقط نظر اهو هئو نہ! نقط نظر آهي ئي سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهہ ، سنڌ سان محبت، اها جيڪو بہ ڪندو ان ڪي گڏ ڪٽڻو آ، ان ڪي سلام ڪرڻو آ.

**ڪاهوڙي**: آخر ۾ قومي ڪارڪنن لاءِ ڪهڙو پيغام ڏيندا؟!

**سائين عطا محمد**: انهن ڪي اهو ئي چوندس تہ لڪي ڇپي نالي ڪيرائڻ ڪي ڇڏي، پريس رليزن ڪي ڇڏي، گمناميءَ جي حيثيت ۾، گمنام ٿي سنڌ لاءِ ڪم ڪيو پوءِ توهانجو نالو هتي نہ پر تاريخ ۾ لکيو ويندو، تنهن جي ڪري توهان ظاهرداري وارين ڳالهين ڪان پري رهي، devotonسان، سچائيءَ سان، ايمانداريءَ سان سنڌ جي مٽيءَ ذري ذري، پاڻيءَ جي قطري قطري، سنڌ جي وڻن ، سنڌ جي وڻن ، ٻوٽن ، سڀني جي حفاظت ڪريو. اها ئي توهان جي ذميواري آهي ۽ لڪ لڪوٽيءَ سان ڪم ڪريو، اها ئي اسان جي تاريخ آهي ۽ اسان جي تاريخ انهن تي ئي ٻڌل آ جيڪي گمنام رهيا آهن، جن جو اڄ تائين نالو ئي ڪونہ ورتو ويو آ تہ اهي ڪير هئا. هميشہ اسان جي سلطانن جو ذڪر ڪيو ويو آ پر انهن جا نالا شايد لکل آهن جن سنڌ ڪي اصلي طريقي سان بچايو تنهن ڪري اسان انهن ماڻهن ۾ شمار ٿيون جن گمناميءَ ۾ سنڌ جي خاطر سر ڏنو ۽ سنڌ جي عزت ۽ وقار ڪي بحال رکڻ لاءِ پنهنجا ڪنڌ ڪپايا ۽ سنڌ مٿان پنهنجي هر شيءِ قربان ڪري ڇڏي.

**سائين جي ايم سيد فرمايو**

**جيسين اسان جي ڪارڪنن جو اخلاق درست نہ ٿيندو تيسين هو ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندا**




# سنڌ ۽ سنڌيت جي شناخت ڏيندڙ سائين جي ايم سيد


سجاد شر

تاريخ جي ڄاڻ پنهنجي جڳهه تي پر جيالاجي يا زمين جي علم جا ماهر سنڌ جي موجوده شڪل يا ان جي خطي کي لکن سالن جي سفر بعد آسٽريليا کنڊ مان اتي پهتل پائين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو آسٽريليا پنهنجي کنڊ جنهن جي چوڌاري سمنڊ آهي انهيءَ کنڊ تي هن وقت هڪ ئي ملڪ موجود آهي جنهن کي ڪينگرو ڪنٽري سڏين ٿا اهو پنهنجي ٻيٽ جو اڪيلو ۽ وشال ملڪ آهي ويهه ڪروڙ سال پهرين جڏهن سمنڊ ۽ زمين جي ميلاپ ۽ ٽڪراءُ سبب زمين جدا ٿي نڪري خشڪيءَ جو وجود پيو ۽ ست کنڊ يا براعظم ٺهيا ان وقت سنڌ جنهن ليٽيٽيوڊ يا ميگنيٽيوڊ تي موجود آهي اها اتي ڪانه هئي پر آسٽريليا کان سرڪندي اتي پهتي آهي. جڏهن ته ڪجهه جيالاجي جي ماهرن جي راءِ آهي ته سنڌ اتي موجود هئي جنهن کي انڊس ويلي سڏين ٿا. پر هندوستان جهڙو اجگر ملڪ اتي موجود ڪو نه هو،اهو سامونڊي ويرن ذريعي رڙهي سرڪي اچي سنڌ سان ٻيٺو....!!!

انهيءَ ڪنفيڪون ڪان قائم سنڌ ڪروڙين سالن کان پوءِ به پنهنجو وجود قائم ۽ برقرار رکيو آهي اهو حيرت ۽ قدرت ٻنهي جو شاهڪار آهي. توڙي جو سنڌ ساري عالم جو وهنوار هلائيندڙ، زيرو يا ٻڙي ۽ ڦيٿي کي ايجاد ڪندڙ آهي.انهيءَ سنڌ وٽ انساني سائنسي سوچ جي انتها واري هن دور جون سڀ خاصيتون هزارين سال اڳ موجود هيون. آمريڪي ليکڪ جارج ڪرسٽوفر چئي ٿو ته نيويارڪ جيڪا هن وقت سائنس ٻيسڊ سٽي آهي انهيءَ جو موازنو اگر موهن جي دڙي سان ڪجي ته هوند موهن جو دڙو وڏيڪ آرڪيٽيڪٽڪ ۽ انجنيئرنگ جو شاهڪار آهي. ان جي سمورن پاسن جو جائزو وٺجي ته 20هين صدي جي پڄاڻي ۽ 21 صدي جي ابتدا وارو نيويارڪ به مات ڪائي وڃي ٿو.

هزارين سال اڳ جڏهن نوح ٻيڙيءَ کي سنڀايو پي ان وقت به سنڌ پنهنجي ترقي جي عروج تي هئي،هڪڙو خيال اهو به آهي نوح جو ٻيڙو ڪنهن ٻي هنڌ نه پر سنڌو ماٿريءَ مٿان آيل ٻوڏ سبب ٽڪرائجي ڪيرٿر جي چوٽي وٽ بيهي رهيو هو ان متعلق تاريخدانن جي پختي راءِ آهي ته منوح اصل ۾ سنڌي مهاڻن يا ملاحن جي قبيلي جو پيغمبر هو ۽ سندس نالي مان نوح مان نڪتل آهي.

اڄ ڪلهه سنڌ پنهنجي ڪروڙين سالن جي ڄمار جي بدترين دور مان گذري رهي آهي. اسان مٿان انهيءَ اسلام جي غلبي جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي جنهن جا جڏهن بنياد پيا هئا ته ان وقت اهي جاهليت جي اعلي درجي تي فائز هئا ۽ نياڻين کي پيدا ٿيندي ئي جيئرو پوري ڇڏيندا هئا،پر اسين سنڌي اسلام جي ابتدا کان ٿي هزار سال اڳ سنبارا کي پاروتيءَ جي ديڻ سمجهي ان جي پوڄا ۽ عبادت ڪندا هئاسين.

ڪروڙين سالن جي سفر ۽ ارتقا جي محرڪ سنڌ جي ماضي کي ڏسجي ته فرنگين جي ڦند مان ڦاسنڌڙ سنڌ انڊس ويلي ڪان ڪٽجي صرف ملتان جئہ پور گجرات ۽ راجستان جي صحرائي علاقن ڪان ويندي سبي ڊادر لس ٻيلي تي مشتمل هڪ لک 10 هزار چورس ميل تي مشتمل اهو سنڌ وطن هو جنهن کي جيڪڏهن چوڪنڊي پليٽ سان مشاهبت ڏجي ته ان جي هڪ حصي يعني اتر ڪان سنڌو درياءِ، اوڀر ڪان وارياسا پٽ، ڏکڻ ڪان سمنڊ ۽ اولهہ ڪان هندو ڪش جبلن جي قطار ،ڪير ٿر جهڙو جالاوان ۽ جوان پهاڙ هئا. انهي پليٽ جي وچ تي سرسبز ڪيت، ٻاجهريون، سرنهن، سٽي، ڪمند، ڪٽڪ، ڪپهہ ڪان ويندي پان ۽ تماڪ جا فضل هئا، انهي سنڌ وٽ چار مندون هيون بهار سنڌ کي وادي بڻائي سرسبز ڪري ڇڏيندو هو....!!!

سنڌ دنيا جو واحد ملڪ هئي جتي ماڻهو ته ماڻهو پر جانورن لاءِ بہ هزارين ايڪڙن تي ڪوچا هوندا هئا، انهن لاءِ چراگاهون هونديون هيون، انهن جي پاڻي پيئڻ لاءِ بہ سوين ايڪڙن تي مشتمل تلاءُ موجود هئا. ٻيو ته ٺهيو پر سنڌي بادشاهہ نياڻين کي بہ مال ملڪيت ڌن دولت مان برابر جو حصو ڏيندا هئا.انهيءِ جي شناخت اڄ واري نياڻي نماڻيءِ واري نہ هئي پر انهيءِ جي حيثيت ڀاڳهل واري هئي جنهن ڪان تخت نشين ڀائر بہ صلاح ۽ مشورا ڪندا هئا پر اسان تي زوري مذهب مڙهيندڙ اسلام جا ٺيڪيدار اڄ بہ عورت جي گواهي کي بہ اڌ تسليم ڪن ٿا. سندس ملڪيت ۾ چوٿون حصو آهي، جيڪو بہ شايد ڪنهن کي مليو هجي....!!! انهيءِ اسلام جي گرد غبار ۾ گهيريل سنڌ پوءِ بہ لطيف، اوڏيري لعل ۽ سامي جي سلوڪن، ماتا کي راضي ڪرڻ لاءِ مسلمان هوندي بہ پرساد لازمي ورهائيندا هئا. اهڙي آئيڊل سنڌ جيڪا نيوٽن جي ڪارنات انجڻ جيئن 100 سيڪڙو پرفيڪٽ هئي انهيءِ سنڌ تي ايلينز،سڪندر يوناني، تاتاري، ارغوني، عرب، خلجي مغل نہ ڄاڻ پورچوگيز، ڊچ الائي ڪيترن يارنهن هزار ڪان مٿي حملا ڪيا. پر پوءِ سنڌ سدا سهاڳڻ رهي....!!! ان جي سينڌ ڪجهہ وقت لاءِ اجڙي تہ بہ وري ڪو ڏاهر ڏهر سين سندس سندور ۾ رت جي مانگ پرڻ لاءِ جان تائين بہ واريندو رهيو. ڪو دولهہ دريا خان سبي ڊادر تائين دشمن کي ڊوڙائيندو رهيو اها ڊادر جيڏانهن هن جديد دور ۾ فور ويل ۽ لگزري گاڏيون بہ ٿڪائي وجهن ٿيون. ان پاسي ارغونن ۽ افغانين کي گهوڙي تي ڊوڙائيندڙ دريا خان سنڌ جو سپوت هو. مطلب تي هن سنڌ لاءِ ڪي مرد مجاهد ڀالا هٽي ڀاڪرين وڙهيا تہ ڪن مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت بڻجي گيان ڏنا تہ سنڌ اسان جي پالڻهار بہ آهي تہ سنڌ اسان جي ماءُ بہ آهي ان جي حفاظت عبادت مترادف آهي.

سڄڻ ۽ ساڻيهہ ڪنهن اٽاسي وسري
حيف تنين کي هوءِ وطن جن وساريو

پر افسوس فرنگين جي ڦند ۾هڪ لک 10 هزار چورس ميل تي ڦاٽل وطن سنڌ جي اياڳ جا ڏينهن ان وقت شروع ٿيا جنهن ڏينهن اڇن ۽ ڳاڙهين پٽين سان جهوليندڙ جهنڊو پڪي قلعي تان لاهي اتي برطانوي سامراج جي علامت بڻيل جهنڊو ڦڙڪايو ويو. خبر اٿو؟ اڄ انهيءِ قلعي تي جنهن کي ڪير ۽ گلاب سان ڌوتو ويندو هو اتي پڳڙي ۽ پاجامي جو راڄ آهي اتي ڪو نسواري بہ خان بڻيل آهن. جتي سنڌي ٺهڪ گونجندا هئا اتي ڌاري ٻولي ۽ ڊٻي ۾ نڪرين جي آوازن واري اڇار تي مير شير محمد ۽ هوشو شيدي اپ ڌانهن نهاري چوندا هوندا تہ اسان کي ڪهڙي گناهہ جي سزا ملي هئي جو مارئيءِ جي ملير تي پڳڙين نسوارين دنيا جي ڌڪاريل لوڌن ۽ پنجابي ڪٽڪن جو واسو ٿيو....!!!

شايد اهو ئي سبب آهي جو اڄ جيئن دنيا جي شيعا آبادي جيئنيزيد سان نفرت ڪري ٿي اسان سنڌين جي نفرت ان ڪان وڌيڪ آهي چارلس نيپئر سان، جنهن کي اياز ملامت ڪندي چيو هو.

ڪُتا نيپيئر! اٿي پنهنجا پـونئر ڏس
گورا توکي جس ڪارا ڄڻئي ڪيترا

100 سالن جي استحصال مال ملڪيت مڏي ميڙڻ جوڙن جون چاتيون چلني ڪرڻ بعد انگريزن سنڌ پنهجي پالتن پڳڙي ۽ نيم پڳڙي پاتل مسلم ليگ جي ڦرمار ۽ پرماريت مليشيا جي حوالي ڪري هتان پرلوڪ پڌاري ويا. جڏهن هتان هي ويا تہ سنڌ ريڊ ڪلف واري بچڙي پين جي لڪير سان اڌواڌ ٿي صرف هڪ لک 10 هزار چورس ميل مان صرف 57 هزار چورس ميل وڃي بچي....!!!!

هاءِ!سنڌڙي تنهجو نصيب سٺائو نہ ٿيو

انهيءِ سنڌ هن نام نهاد پاپي چولو پاڪستان نهڻ شرط 20 لک پڳوڙن مسلمانن جي نالي تي آئو ڀڳت ۽ بار برداشت ڪيو. سونهاري ۽ سهٽي سنڌ ڪليم جي پرچين سان ڌارين هٿان ڌارين ۾ ورهائجندي رهي ۽ اسين ايوب کهڙي جي مانند ماٺ رهياسين....!!!

هاءِ!سنڌڙي تنهجي سيني تي هي هاجا روز ٿين
پنهجا مرن ۽ ڌاريا عيش ڪن هي هاجا روز ٿين

انهن سمورن دردن سورن انيائن ۽ ايذائن جو ادارڪ ڪنهن کي هو تہ اهو هڪ ئي ماڻهو هو جيڪو پاڻ کي غلام مرتضي

شاھ نہ پر جي ايم سيد چوندو ھو. اسين سنڌي ڪيس نھايت عقيدت سان رھبرِ سنڌ سائين جي ايم سيد سڏيندا آھيون. سائين جي ايم سيد تي اگر ڪو مقرر ڳالھائي تہ بنا ساھي سالن تائين ڳالھائيندو رھي. پر ان جي ڪم ڪار ۽ ڪردار تي لکڻ چاھي تہ سوين شمارا ۽ پرچا لکندو رھي. ھونئن بہ ڪروڙين سالن جي تاريخي سنڌ ڪي سندس حقيقي تعارف سنڌوديش جي نانءُ سان وڏي زور شور شد مد سان اچاريو آھي تہ اھو صرف جي ايم سيد ئي آھي.

ڪي رھزن چون ٿا ھن سنڌ ڪي سنڌوديش
نہ چئو
اسين ديوانا ھن ڌرتيءَ جا دستور ٻڌائي
ھلياسين

اھيو سيد جنھن نہ صرف ڌارين جي يلغار پر پنھنجن جي اڻگين روين تي بہ قلم کنيو ۽ سنڌ کي ٻڌايو تہ جنت السنڌ جا اوھين وارث ۽ رھواسي ڌاڃيءَ جي مُٺ تي پلجندڙعربن کي ھيرو ڪيئن ٿا مڃو؟ دنيا جي تھذيبن، تمدن، ماھيت، رواداري ۽ ماڻھپي جو بڻ بُنياد سڀ کان پھرين سنڌ ۾ پيو. ھن سنڌين کي ٻڌايو تہ اوھان جو ھيرو واٽ ڳاڙھو بن قاسم نہ پر سورھيہ ۽ سرويچ راجا ڏاھر ڏھر سين آھي.

اھو سيد جيڪو اھلبيت جي خاندان مان ھجڻ باوجود بہ چيڪي مٽيءَ جي ڳوھيل راجا ڏاھر برھمڻ کي سنڌ جو ھيرو ئي نہ پر شھيد اعظم پڻ قرار ڏئي ٿو ۽ جديد تاريخ لکي ٿو نہ تہ اسين سڄي عمر ڇچ نامي جي ڪوڙن سان پرپور بنواس تي گذارو ڪندا رھون ھا ۽ سچ اسان جي سامھون ڪڏھن بہ نہ اچي ھا اھو سيد جو احسان سنڌيت مٿان لھڻ جوڳو ئي ناھي...!!! سائين جي ايم سيد تاريخ جو ڄاڻو ھن ڪي خبر ھئي تہ اسين پلي غلام ھجون پر مٽياداري ماڻھپو اسانجو مذھب آھي. اسان تھذيبن جي ماءُ طور سڃاتي ويندڙ سنڌ جا مالڪ ۽ وارث آھيون، جڏھن سنڌي ڪڏھن سومرا، سما، مغل، ارغون، ترخان، عباسي، ڪلھوڙا، مير، ٽالپر، ڪانگريسي ۽ ليگي رھندا پي آيا انھن وٽ سڀ ڪجھ ھو پر سنڌيت نہ ھئي. انھن ذاتين جي ڄار ۾ ڦاٿل اڀوجھ ماڻھن کي سيد نوجوانن ذريعي مخاطب ٿيو سنڌ يونيورسٽي جي آرٽس فيڪلٽي واري لان تي شاگردن سان ڪچھري ڪندي چيو ھو تہ سنڌ ھڪ ملڪ آھي، سنڌي ھڪ قوم آھي ۽ آزادي سندن حق آھي. ذاتين مذھبن مت پيدن ۽ حڪمراني ٽولن جي نالي کي پنھنجو شان سمجھندڙ اھي سڀ بت پڇي پور ٿي پيا ۽ طلسم اھڙو ٽٽو جو اھلِ شعور، باضمير ۽ باغيرت پنھنجي جاءِ تي پر ھڪ ديوانو جنھن کي مستانو سڏيندا ھئا اھو مستانو سنڌي سڏائڻ ۾ فخر محسوس ھو ۽ وردي پوش لُٽيرن مٿان اُلر ڪندي جامِ شھادت ماڻيائين.

ھونئن تہ مٽيءَ جي چپٽي آھيان
جيئي ديـــــس تہ ڌرتي آھيان

فڪر جي ايم سيد جي ابتدا تہ 1921ع کان سيد جي گانڌي سان ملڻ سان ئي شروع ٿي چڪي ھئي. اھو سيد جنھن کي سنڌ ئي لوڪل بورڊ جي صدارت لاءِ مائل ڪيو ۽ ھن ڪراچي وسندين کان ويندي دادو جي ڀھراڙين کي شھرن جھڙو ڪيو،سيد سنڌ ھاءِ ڪورٽ ھاٽوڪي ريڊيو پاڪستان جي نالي سان سڏي ويندڙ عمارت يا سنڌ اسيمبليءَ جي بلڊنگ کان ويندي روڊ رستا تعمير ڪرايا. سيد جڏھن سنڌ ڪجھ تڪن تي مشتمل ھئي تہ انھيءَ اسيمبليءَ ۾ بہ چوندجي ايندو رھيو ھو ڪڏھن اقتدار جي نشي مان مانوس نہ ٿيو بس ديار دل داستان محبت جي مانند رھيو ھن سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرائي ھڪ ڊويزن مان صوبي جو درجو ڏياريو پر سنڌ يونيورسٽي، سنڌ ادبي بورڊ کان ويندي ھاري ايڪٽ ۾ ترميمن تائين سنڌين لاءِ بھتري جا بنياد رکيا. ان سيد جنھن مسلم امت جي ڏوکي ۾ قرارداد پاس ڪرائي ھئي. اھو سيد جيڪو فرشتن کان بہ باڪردار ھو انھي نرڳ يعني پاڪستان مان سنڌين جي جند ڇڏائڻ ۽ پراڪشست طور قيد و بند سنا، تڪليفون عذاب سنا، 33 سال 10 ميھنا قيد ۾ پنھنجي زندگي گذاري، اھو سيد ئي ھو جنھن اسان کي سنڌيت سان متعارف ڪرايو ۽ سنڌ جو نقشو ڪائنات جي ڪينواس ۾ اھڙو تہ چٽيو جو دنيا جي دائميت تائين تاريخ جي شاگردن کان ويندي آمل ڦاپل جي پٽن پاڻ کي ڪنھن رنجيتي راڻي يا نسواري خان کان ھزارھا بار بھتر سمجھڻ شروع ڪيو آھي پر انھن وٽ اھو بہ نظريو سيد معرفت پھتو تہ اتحاد انساني امن عالم ترقي بني آدمواري واٽ جا مالڪ بہ اسين آھيون، توڙي جو تہ حق ۽ سچ جي آواز کي لُڙ ۾ ڪجھ دير لاءِ تہ لِٽي سگھجي ٿو پر انھي سچائي کي ختم ڪرڻ شايد سڪندر يوناني کان ويندي پنجابين تائين ڪنھن جي وس ۾ ناھي....!!!!

اسين اڄ غلام ضرور آھيون پر انھيءَ غلاميءَ خلاف سميع الله جو سر ڏيڻ، ممتاز ۽ ذولفقار جا بم سيني تي سھڻ، سرائي روپلي نورالله جو پتنگن جيان پچڻ، عامر ۽ سجاد جو موت، علي بلند، جبار ڪيھر جي قرباني، افضل ضامن جي ارھ زورائي، پريل شاھ جو پويتر رت، آصف پنھور، واجد لانگاھ، شڪيل ڪونھاري جي شھادت، وحيد لاشاري، ديوان پريم، سرويچ ۽ منير خان جو ڳاٽ

اوچو ڪرڻ ۽ آزادي جي وڻيءَ ماڻڻ لاءِ مري وڃڻ يا وري ڏاهر ڏهرسين عرف راجا ڏاهر پنيرو جو پرڀات ۽ پرهه ڦٽي لاءِ ڳاڳهائي ڳهڙڻ هجي يا مظفر ڀٽو جهڙو انمول اڻ موٽ گهوٽ سالن جا سال انڌوناڪ تشدد بعد ڏنل سيڪٽ مان بہ نہ سڪيو جنهن سيڪت مان ڪوڙ سڪي پويان پير ڪري ڀڳا پر هن جو اڏول ۽ اٽل بيهي رهڻ ثابت ڪري ٿو تہ اي منهنجا رهبر! تواسان ڪي سنڌ ۽ سنڌيت سان روشناس ڪرايو ۽ اسين توکي ڏنل وچن تہ سنڌ آزدي ڪرائيندا سين انهيءَ وچن جي پوراءُ لئہ ثابت قدمي سان جدوجهد ڪريون پيا اسان دوستن جا لاش ڪلهي تي کنيا آهن آڪاش،حنا ۽ انوشا جي يتيمي تي زوروقطار رنا بہ آهيون دربدريون در در جون ٺوڪرون گهرن کان پري هجڻ جا عذاب وطن مان بي وطني جو سفر روئاريندڙ ايذائيندڙ جيتوڻيڪ جو رهيو بہ آهي پر پوءِ بہ مقصد جي حاصلات لئہ ٽڪا ناهيون پير ناهن پساريا پراون کان ويندي پنهجن جا تير بہ سيني تي کاڌا آهن ڪن پنهجائپ،سڄڻائپ ۽ سنڌ دوستي جي نالي تي اسان ڪي پٺيءَ ۾ بہ پئي ڇرا هنيا آهن اهي بہ گهاءُ سهون پيا پر پوءِ بہ سرگردان سنڌ آهيون سنڌوديش جي آزاديءَ لئہ رت جي آخري ڦڙي تائين هردمر ۽ هر حال وڙهنداسين هيڻائي اسان جي ڪڙم قبيلي جسمر جو وڙ ناهي موت ڪجهه دير لئہ روڪيندو بہ تہ وري ڪو مرد مجاهد ۽ ڪاهوڙي اها جڳهہ پر ڪندي پختگيءَ سان بيهندو.....!!!!

اسين گذريل سٺيهن سالن جي جدوجهد جي باري ۾ نٿا ڄاڻون ڇو تہ اسان جون عمريون بہ انجي اڌ جيتريون آهن پر اسين ايترو لازمي ڄاڻون ٿا تہ جنهن ڪتاب ڪي تو پنهجي نانءُ سان جوڙيو هو جنهن کي رهبر ڪري لکيو هئي ۽ ڇپائي نہ سگهيوهئين...!!!!اسان تنهجي انهن اکرن سان پورو نياءُ ڪندي اکرن ۾ ساه ۽ سرير جي قرباني ڏئي رت جي ريج سان رنگ پريا آهن ممڪن آهي تہ ڪو تنز يا ٽيڪا ٽپڪڻي ڪندڙ انکي مهم جوئي يا ايڊوينچر ڪوٺيندو هجي پر اسين اکرن جي انهيءَ داءُ پيچ کان برتر ۽ بالاتر ٿي صرف برسات جي ڦهرين ڪٽين جيان ڪجهه ڪرڻ جي ساري هلائي پنهجو رت ۽ ست ڏنو آهي اسان ڦهريون پيرو قومي تحريڪ لئہ وضع ڪيل دائري مان نڪري پنهجي بلبوتي تي ڪجهه ڪيو آهي ۽ پنجاب سان انڪار جي ديوار تي اچل ڏئي چڙهيا آهيون اسين پنجاب کي صرف نہ ئي ناهي چئي پر نہ ڪي موچڙو ناهي بہ پنجاب جي سامراجيت جي منهن تي هنيو آهي....!!!!

اڄ بہ تنهجي پيرن ۾ اسان پنهجا دوست ساٿي پائر مظفر روپلو منير خان ديوان پريم افضل پنهور انيس سومرو پيرانديءَ ۽ پيرن ۾ ويهاريا آهن جيئن تنهجي کيرن ۽ کٽين تي پليل مجنن مان ڪو نظر نہ اچي مايوس نہ ٿجان ۽ ڪاوڙ نہ ڪجان بس پيرن ۾ ڏسجان تہ اهي وينل نظر ايندئي جن توکي ڪتابن ۾ ڏٺو،پرکيو ۽ پڙهيو سپت هوت حضور سمجهندي تنهجي فڪر تان جان واري ڇڏي....!!!!



جسم ڪمزور بيحد بدن چڇريل.
هر زخم مان سندس جي لهو پي ٽميو.
جنهن جي مهڪار ماحول واسيو پئي.
جرم پنهنجي بغاوت جو باسيو پئي.
تون بہ هن جي ارادن کان هئين با خبر.
هو بغاوت جو اعليٰ نمونو هيو.
موت جو ڪيس بلڪل نہ اونو هيو.
قيد تنهنجي اندر هن جي گجگوڙ سان.
تنهنجي دهشت کدن جون پٽيون ٿي ڏڪيون.
هن جا مظبوط بيحد ارادا ڏسي.
توکي انجام پنهنجو هو آيو نظر.
تنهنجون سختيون نہ هن کي جهڪائي سگهيون.
ڳالهہ پنهنجي نہ هن کان مڃائي سگهيون.
توکي غوري،حتف ،ائٽمن جو نشو.
هن کي سيّد ۽ سنڌ سان سچو عشق هو.
هو هو چيڪي مٽيءَ جو نهيل آدمي.
جنهن کي سنڌ جي امڙ اهڙي لولي ڏني.
هو بهادر بہ هو گهوٽ اڻموٽ هو.
شاهہ ڪاهوڙي سر پڻ انهيءَ لئہ لکيو.
هن جي حشمت،شجائت،دليري ڏسي.
عيسيٰ،منصور،سرمد بہ حيران ها.
هو لهوءَ سان اهڙي لاٽ ٻاري ويو.
قومي تحريڪ کي آ جياري ويو.
ها مظفر ڀٽو جي ڪجي ڳالهہ ڇا.
نوش جام شهادت ڪري دلربا.
سنڌ،سيّد اڳيان هو ٿيو سرخرو.
تنهنجي مڪّارين کي شڪستون ڏئي.
ورڪرن کي نيون ڪوڙ جوتون ڏئي.
سنڌ جي هنج ۾ آهي آرامي ٿيو.
ها مظفر ڀٽو جي ڪجي ڳالهہ ڇا.
ماءُجي هنج ۾ آهي آرامي ٿيو.

**شاعر آصف جوڻو**


# پر امن منڊين جي بحاليءَ جي ترجيحات تاريخ جي ضرورت بڻيل آهي

**قومي تحريڪ جي پهرين تجزياتي اخبار "آزادي" ايڊيٽوريل تان ورتل**

عالمي قوتن وٽ سرمائي جي عالمگيريت يعني سرمائي جي عالمگير گردش جو سوال اُن جي حل لاءِ پر امن منڊين جي بحاليءَ جي ترجيحات تاريخي ضرورت بڻيل آهي. تاريخي ضرورت ڪنهن قومي معاشري جي به هوندي آهي ته ڪنهن عالمگير سماجي نظام جي ارتقا جي معاملي ۾ به هوندي آهي. جڏهن به ڪي قومون يا عالمگير بين الاقوامي سياسي قوتون، تاريخي گهرجن جي پورائي جي معاملي ۾ نا اهل ثابت ٿينديون آهن ته تاريخ نه صرف انهن کان پنهنجو ترقي پسنديءَ جو تاريخي حق کسي وٺندي آهي پر انهن کي سوويت يونين جيان ترقي پسنديءَ مان فرسوده بڻائي رجعت پسنديءَ جي خاڪ چاٽائيندي آهي. ۽ انهن کي پنهنجي تاريخ جي اسٽيج تي نشانِ عبرت بڻائي ڇڏيندي آهي. اها معاشري جي سائنس ۽ تاريخ جي جدليات آهي. تنهنڪري ٿلهي ليڪي اڄ جي عالمي سياست جو ترقي پسند عمل ٽين دنيا ۾ پر امن منڊين جي بحاليءَ جو سوال آهي، جيڪو اڄ جي عالمي سرمائي جي اقتصادي گردش ۽ ان جي سياست جي تاريخي گهرج بڻيل آهي. چاڪاڻ جو پر امن منڊين جي بحاليءَ کانسواءِ سرمايو غير محفوظ تي ٻڏڻ لڳندو آهي. اهڙيءَ ريت پر امن منڊين جي بحاليءَ لاءِ قومن جي وچ ۾ تصفيه طلب نبيرا ضروري هوندا آهن جن نبيرن کانسواءِ قومن جي وچ ۾ موجود ڇڪتاڻ امن امان (Law and Order Situation) جي بحالي جي آڏو سڀ کان وڏي رڪاوٽ ثابت ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري اهڙا معاشرا قومي تضاد جي پريشان حالي سبب سرمائي جي سيڙپڪاريءَ جي لاءِ نا مناسب هجن ٿا. عالمي معاشيات جو معروضي منطق سياسي معاشيات جي عالمي تجزيه ڪارن جي آڏو انهن امڪانن کي عيان ڪيون بيٺو آهي ته خودڪار تهذيب جي شروعات جي هن دور ۾ پهرين دنيا جتي عالمي سرمائي جي 80 سيڪڙو سيڙپڪاري ٿيل آهي اُها مارڪيٽ ڏينهون ڏينهن سوشل ويلفيئر ۽ سبسڊيز (Subsidies) تي مشتمل سماجي سرشتن سبب معيارِ زندگي بلند ترين سطح تي پهچي چڪا آهن جنهنڪري ليبر پاور ۽ را مٽريل جي اُتي دستيابيءَ جي معاملي ۾ مهانگا ترين معاشرا بڻجي ويا آهن. جنهنڪري انهن ترقي يافته معاشرن جي جنسِ تجارت عالمي منڊين ۾ مقابلي ڪرڻ جي صلاحيت وڃائي چُڪي آهي. تنهنڪري سرمايو پهرين دنيا جي 20 سيڪڙو منڊين کان جتي 80 سيڪڙو سرمايو لڳايل آهي اتان کان 80 سيڪڙو رهيل ٽين دنيا جي منڊين ڏانهن جتي 20 سيڪڙو اڃا سرمايو لڳل آهي ڏانهن منتقل (Shift) ٿي رهيو آهي. تنهنڪري جيستائين سرمايو ٽين دنيا جي جديد پر امن منڊين جي تشڪيل نٿو ڪري، تيستائين عالمي مالياتي بحرانن جي ور چڙهيل رهندو. مطلب ته پهرين دنيا جنهنکي ترقي يافته دنيا جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، ان مارڪيٽ جي سوڙهي ۽ پوڙهي ٿيڻ جي پيشِ نظر نئين عالمي نظام جي مک ايجنڊائن ۾ سرمائي جي عالمگيريت ۽ نئين عالمي نظام جي نفاذ جي حوالي کان جمهوريتن جي بحالي، سيڪيولرازم جو نفاذ ۽ قومن جي وچ ۾ موجود تصفيه طلب نبيرا آمريتن جو خاتمو نظرياتي بنيادپرست (Theocratic) رياستن جي تحليل ڪاري پر امن منڊين جي بحاليءَ لاءِ سندن اولين ترجيحاتن ۾ شامل آهي. تنهنڪري پهرين دنيا پنهنجي عالمي سرمائي جي بقا ۽ عالمي سياست تي گرفت جي جنگ پر امن منڊين جي بحالي سرمائي جي عالمي گردش جي تڪميل ڪاري جي ضرورت هيٺ اينڊڙ توانائي جي وسيع تر ذريعن ۽ وچ ايشيا جي نئين آزاد ٿيل رياستن جي منڊين تائين سامونڊي ۽ زميني اقتصادي رستن يعني (Economic Corridors) کي پنهنجي پنهنجي دسترس ۾ رکڻ چاهين ٿيون. چاڪاڻ ته اهي اقتصادي رسائي جا ذريعا سندن وجودي بقا جو سوال بڻجي ايريا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو نئين رجعت پسند ايرنڊڙ عالمي سامراج چين پاران پنجاب سان تعاون جي ذريعي بلوچستان ۾ ايشيا جي سڀ کان وڏي بندرگاهه جوڙڻ جو خواب 2005 کان ڏسي رهيو آهي. جنهن لاءِ چين 2004 ۽ 2005 ڌاران گوادر پورٽ منصوبي تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو ته جيئن چائنا سينٽرل ايشيا جي منڊين تائين پنهنجي رسائي کي ممڪن بڻائي

سگھي. ٻئي پاسي انديا ايران سان چابهار (Chabhar) جي بندر کي گوادر پورٽ جي متبادل طور استعمال ڪرڻ جو 2005 ۾ ايران سان سمجھوتو ڪيو هو پر 2005 ۾ بلوچستان جي گوادر پروجيڪٽ تان چيني انجنيئرن جي اغوا واري واقعي چين کي تقريبن ڏهن سالن تائين پنتي ڌڪي ڇڏيو، جنهنجي نتيجي ۾ عالمي قوتن جي حمايت جي ڪري بلوچستان جي قومي مزاحمتي جنگ ٿوري وقت ۾ انتهائي تيزيءَ سان ابري آئي، جو انهيءَ عالمي قوتن طرفان بلوچستان جي اندر پنجاب سامراج جي رياستي دهشتگرديءَ جي خلاف حمايت حاصل ڪري ورتي. صرف ايترو ئي نہ پر ان جا اثر سنڌ جي اندر سالن کان هلندڙ قومي تحريڪ تي بہ پڻ پيا، جتي پڻ مزاحمتي تحريڪ ابري آئي. بلوچستان جي قومي مزاحمتي جدوجهد مان هڪ نئون اتساهہ وٺندي، سنڌ جي قومي مزاحمتي جدوجهد هڪ طرف پنجاب سامراج جي سياسي يرغماليت مان ۽ قومي تحريڪ اندر گھڙي آيل (ففٿ ڪالمسٽن) Columnists5th مان پنهنجي جند آجي ڪرائي ورتي ٻيو تہ عالمي فورمن تي سنڌ اندر هلندڙ قومي جدوجهد جي مرده تاثر کي ٻيهر زنده ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي. جيڪو جدوجهد جو قومي تاثر عالمي قوتن جي نظر ۾ تقريبن ختم ٿي چڪو هو جسمر پنهنجي بي پناهہ قربانين ۽ اڻ کٽ حوصلي تي ٻڌل جدوجهد جي ذريعي عالمي قوتن جو ڌيان سنڌ جي اندر هلندڙ قومي تحريڪ طرف ڇڪائڻ ۾ ڪاميابي ماڻي. جنهن سبب پاڪستاني رياست قومي تحريڪ جي دل ۽ دماغ جسمر کي سگھاري سياسي اظهار طور ابرندو ڏسي جسمر جي مٿان رياستي پابندي مڙهي ڇڏي ۽ سندس اڳواڻن جا نالا (Most wanted) ماڻهن جي لسٽ ۾ ڏئي اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو. رياست صرف ايترو ئي عمل نہ ڪيو پر جسمر جي ابرندڙ سياسي سگھہ کان خوفزده ٿي جسمر کي هڪ مليٽنٽ ونگ (SLA) جي ڪارروائين سان زوري ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ سندس ليدرشپ مان ڪافي اڳواڻن کي مسلسل آپريشنن جي ذريعي شهيد ڪيو ويو. پر جسمر 6 جولاءِ 2013 تي حيدرآباد ۾ پرپور فريڊم مارچ جو ڪامياب ميڙاڪو ڪري لکين ماڻهن کي گڏ ڪري عالمي قوتن آڏو پاڻ کي هڪ سياسي سگھہ ثابت ڪرڻ ۾ ڪاميابي ماڻي ۽ رياست جي بيجا ۽ غلط پابندين کي غلط ثابت ڪري ڏيکاريو تہ اسين ڪا ونگ ناهيون پر اسين هڪ سياسي قوت آهيون.

پاڪستاني رياست پنهنجي پوري سامراجي ڏاڍ ۽ غليظ سازشن سميت پنهنجي ڏيڍ ڏهاڪي جي رياستي تشدد جي ڪارروائين سميت ناڪام ٿڃي وئي آهي. پر جسمر باوجود رياستي ڏاڍ تشدد ۽ رياستي سازشن سان مقابلي جي تيزيءَ سان پنهنجي ايمانداراڻي جدوجهد، مستقل مزاجي، سچائي، ڏاهپ ۽ بهادرياڻين خوبين جي ڪري ڏينهون ڏينهن عوامي اعتماد ۾ پنهنجون جڙون پختيون ڪندي پئي وڃي. جنهنڪري رياست ان خوف ۾ مبتلا آهي تہ جيڪڏهن جسمر کي عالمي قوتن طرفان اخلاقي ۽ سياسي مدد ملي وڃي ٿي تہ پوءِ جسمر ڪين بلوچستان جي اندر هلندڙ مزاحمتي جدوجهد کان بہ وڌيڪ ڌڪيءَ طرح ڳچيءَ ۾ پئجي ويندي. جنهنجو انجام پنجاب سامراج جي سامراجي موت تي ٿيندو چاڪاڻ تہ پاڪستان هلي ئي سنڌ جي لٽيل دولت ۽ خزاني تي ٿو. پنجاب سامراج انهيءَ خوف جي ڪري پنهنجي غليظ منصوبن کي تيز ڪري ڇڏيو آهي ان لاءِ هڪ طرف پنجاب سامراج بحريا ٽائون، ڊي ايچ اي ۽ ذوالفقار آباد جي ذريعي سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ وارين سازشن ۾ مصروف آهي تہ جيئن سنڌ جي ڊيموگرافيءَ سان هٿ چراند ڪري سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪري ان کي گريٽر پنجاب جو مستقل حصو بڻائي مستقل غلاميءَ طرف ڌڪي سگھي ۽ سنڌي قوم کي ٽئين درجي جي شهرين ۾ تبديل ڪري سگھي تہ ٻئي



طرف چين سان 10 سالن ڪانپوءِ اقتصادي راهداريءَ واري منصوبي کي ٻن سالن اندر مڪمل ڪرڻ جو معاهدو ڪري چڪو آهي. جنهن ڪري هو (پنجاب) مظلوم قومن جي هر طرح جي رتوڇاڻ ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. مطلب ته هڪ طرف پنجاب سامراج مظلوم قومن جي وسيلن تي ڌاڙا هڻي رهيو آهي ۽ چوري ڪري رهيو آهي ته ٻئي طرف مظلوم قومن تي رياستي تشدد جي ذريعي سينا زوري ڪري رهيو آهي.

اهو ئي سبب آهي جو پنجاب سامراج سنڌ جي وسيلن تي پلجندڙ مفت خور رينجرز نالي رت پياڪ پيرا ملٽري فورس کي سنڌ اسيمبليءَ جي احتجاج ۽ ان جي معياد کي مسترد ڪرڻ جي باوجود به زبردستي مسلسل ان جي معياد کي وڌائيندو رهيو آهي پر وفاقي وزارت جي ذريعي انهيءَ رينجرز جي پيراملٽري فورس کي پنجاب سامراج ڪارن قانونن ذريعي بااختيار بڻائي ڇڏيو آهي. ته جيئن چين سان سندن ٿيل اقتصادي راه داري واري معاهدي جي خلاف هلندڙ سياسي جدو جهد کي ڪچلي سگهي هاڻي ڳالهه صرف سنڌي ۽ بلوچ مظلوم قومن جي ناهي پر مظلوم قومن جي سياسي اقتصادي ۽ جاگرافي وجود سان سلهاڙيل عالمي اقتصادي مفادن جي به آهي ،تنهنڪري هن جنگ جو دائري ڪار صرف پنجاب سامراج ۽ مظلوم قومن جي وچ تائين ئي محدود ناهي بلڪ اهوجنگ جو ميدان پنجاب سامراج ۽ ان جي زير تسلط مظلوم قومن سان گڏو گڏ عالمي اقتصادي قوتن جي مفادن جي جيت هار جو به ميدان بڻيل آهي بلڪ اها اقتصادي مفادن جي ڇڪتاڻ ۽ ڪشيدگي ٽين عالمي جنگ جي ڇڙڻ جا به پنهنجي اندر امڪان رکي ٿي جڏهن اسان ويجهي 1914ع کان 1943 ع جي ڇڙيل عالمي جنگين تي نظر ڦيرايون ٿا ته اسانکي انهن جنگين جي پنيان منڊين جي سامراجي تقسيم جو ئي معاملو نظر ايندو. هن وقت به تاريخ جي اندر معياري تبديلين جي سرزمين هموار ٿي رهي آهي اهو هن ريت ته سر مائي جي نشو نما يورپ جي منڊين مان پنهنجي تڪميل کي پهچي سر مائي جي عالمگير ارتقا جي پيشنظر پنهنجا اقتصادي محور تبديل ڪري رهي آهي يعني عالمي سر مايو دنيا جو سياسي ۽ اقتصادي توازن پنهنجي عالمي گردش جي پسمنظر ۾ ايشيا جي ٻن وڏين آبادين وارن اينٽمي ملڪن ڏانهن شفٽ يا منتقل ڪري رهيو آهي انهن مان هڪ عالمي اڀرندڙ معاشي قوت چائنا آهي ته ٻي عالمي معاشي قوت انڊيا سامهون اچي رهيا آهن جيڪي ايندر لڳ ڀڳ پنجاه سالن ۾ دنيان جون به وڏيون سپر پاور قوتون ٿي اڀرنديون موجوده عالمي قوتون چائنا جي منفي ڪردار جي ڪري هندستان کي چائنا جي پيٽ ۾ وڏيڪ طاقتور ڏسڻ چاهين ٿيون تنهنڪري آمريڪا هندي مها ساگر ۾ هڪ طرف هندستان جو پارٽنر بڻيل آهي ته ٻئي پاسي چائنا پنجاب سامراج جو هندي مها ساگر ۾ اسٽريٽجڪ پارٽنر بڻيل آهي ٻنهي هندستان ۽ چائنا مان هر هڪ قوت جو اهو زور آهي ته اها هندي مها ساگر ۾ پنهنجي ساموندي قوت ۾ واڌارو ڪن چا ڪاڻ ته جنهن قوت جو هندي مها ساگر تي وڌيڪ ڪنٽرول هوندو اها قوت ئي پنهنجي واپار کي وڌيڪ محفوظ بڻائي سگهندي.


جيئن ته پهرين دنيا پنهنجي ڪارخانن ۽ ٽيڪنالاجين کي پنهنجي سيڙپ ڪاري ڪرڻ واري سرزمين جي پرپاسي ۾ لڳائڻ چاهي ٿي جيڪا سرزمين هندستان آهي.پهرين دنيا جون 90 سي ملٽينيشنل ڪمپنيون پنهنجا سيڪڙو ڪارخانا آمريڪا مان منتقل ڪري ٻين ملڪن ڏانهن شفٽ ڪري چُڪا آهن.

هن وقت عالمي طور تي پيسي جي منتقلي جا خودڪار ذريعا سيٽلائيٽ ٽيڪنالاجي جي ذريعي مڪمل ٿي چُڪا آهن. سرمائي کي عالمي گردش جي لاءِ ٽين دنيا جي اندر پُر امن منڊيون درڪار آهن. جنهن کان سواءِ سرمائي جي عالمي گردش نامڪمل صورت ۾ عالمي مالياتي معاشي بحرانن جي ورچڙهيل هوندي. تنهنڪري پهرين دنيا کي ٽين دنيا ۾ پُر امن منڊين جي بحاليءَ جي لاءِ پهرين دنيا جتي جتي سرمائيڪاري ڪرڻ لاءِ وڃي رهي آهي. اُتي اُتي اُن کي مقامي قوتن جي وچ ۾ قومي جمهوري ۽ سيڪيولر سوالن کي حل ڪرڻ جي ضرورت پيش اچي رهي آهي. اِهو ئي سبب آهي جو عالمي قوتون سرد جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ پنهنجي بدليل مفادن جي ترجيحاتن جي تناظر ۾ گريٽ گيم جو حصو بڻجي ويون آهن. انهيءَ گريٽ گيم جو مقصد آهي رهيل کهيل دنيا ۾ نين منڊين جي قيام عمل کي پنهنجي قبضي هيٺ رکڻ آهي ۽ انهن منڊين ۾ ڪارخانن کي هلائڻ لاءِ ايترن ئي توانائي جي ذريعن جي به ڪين ضرورت درڪار آهي جنهن لاءِ هندي مها ساگر جي واپاري لنگهه جنهن تي آمريڪا جي بالادستي قائم آهي اتي چائنا هڪ طرف جنگي ٻيڙن جو تعداد مسلسل وڌائڻ جي خبط ۾ مبتلا آهي چين ايندڙ 20 سالن ۾ 135 بحري جهازن جي تعمير لاءِ 35 ارب ڊالر خرچ ڪري رهيو آهي ۽ هندستا ن ايندڙ ويهن سالن ۾ 103 بحري جنگي جهازن جي تياري لاءِ اربين ڊالر خرچ ڪرڻ وارو آهي جنهن ڪري هندي مهاساگر جو روٽ تي

پنهنجي بالادستي قائم رکڻ لاءِ هڪ طرف چين شنگهائي فائيو جي ملڪن جي تعاون سان پاڪستان جو اسٽريٽجڪ پارٽنر بڻيل آهي ته آمريڪا چين ۽ شنگهائي 5 جي مقابلي ۾ هندستان کي پنهنجو اقتصادي ۽ اسٽريٽجڪ پارٽنر بڻائي ڇڏيو آهي نئين عالمي نظام جي نفاذ جو مطلب آهي سرمائي جي عالمي گردش جي لاءِ پر امن منڊين جي سر زمين هموار ڪرڻ ترقي يافته دنيا جو لٽ سردار آمريڪا جنهن پنهنجي عالمي نظام جي نفاظ جي شرو عات ٽون ٽاورس جي واقعي ڪانپوءِ افغان وار ڪان شروع ڪري وچ اوپر جي عرب سلطنت شاهين جي خاتمي جي صورت ۾ ڪري چڪو آهي اهوئي ڪارڻ آهي جو پهرين دنيا ٽين دنيا جي اندر پنهنجي پراڻي وفادار سلطنت شاهين، بادشاهتن ۽ فوجي آمريتن کي مسمار ڪرڻ تي مجبور ٿي پئي آهي. انهيءَ لاءِ ئي پهرين دنيا نه فقط پنهنجي پراڻي رجعت پسنديءَ جي ڇڏيل فرسوده آمراڻين باقعاتن جو مسلسل خاتمو آڻي رهي آهي بلڪ هتي جي جمهوري ۽ سيڪيولر قوتن کي پذيرائي ڏئي رهي آهي ۽ بنياد پرست غير جمهوري سوشل شائونسٽ آمريتن جي حوصلا شڪني ڪري رهي آهي. بئي پاسي ڏانهن ڪالهوڪي بين دنيا جون ويٽو پاور رکندڙ قوتون پهرين دنيا جي برعڪس قومي جمهوري قوتن جي جاءِ تي فوجي آمريتن جي حمايت ڪري رهي آهي ۽ بنياد پرستي جي پُشت پناهي ڪري رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو چائنا سنڌ جي وزيراعليٰ سان پنهنجي ٺيڪن بابت سمجهوتا ڪرڻ جي بجاءِ فوج پاران مقرر ڪيل ايم ڊيءَ سان اقتصادي سمجهوتا ڪري رهيو آهي. جنهن مان اهو تاثر اُڀري اچي ٿو ته سنڌ جي گورنمينٽ ڪيتري قدر پاڪستان جي رياستي ڍانچي اندر بيوس ۽ مجبور بڻيل آهي جو پنهنجي ئي قومي وسيلن کي پنجاب جي سامراجي حرث ۽ حوث جو شڪار بڻائڻ لاءِ سنڌ جون زمينون ۽ قومي دولت تي پنجاب سامراج کي پنهنجي ٽڪي جي14 پرسينٽ جي پنجاب پاران اڇاليل هڏين جي اقتداري پيٽي مفادن جي عيوض نيلام ڪري رهيو آهي هيءَ سنڌ گورنميٽ ايتري آزاد آهي جو هو پنهنجي وسيلن ۽ ذريعن جي باهرين دنيا سان ڊيل ڪرڻ ۾ به خودمختيار نه آهي.پنجاب پنهنجي سامراجي تڪميل جي لاءِ چائنا سان پاڪستان جي يعني گريٽر پنجاب جي اقتصادي راهداري جو سمجهوتو طئي ڪري وينو آهي جنهن تي انديا ۽ اتحادي قوتن کي اعتراض آهن. ته ان منصوبي سان نه صرف سندن عالمي اقتصادي مفاد متاثر ٿيندا پر هن خطي ۾ سيڪيورٽي (Problems) وڌي ويندا. جنهنڪري عالمي قوتن جون مقامي نمائنده سيڪيولر ۽ جمهوري قوتن کي فوج جي خلاف استعمال ڪرڻ اڄ جي ضرورت بڻجي ويو آهي.

ان لاءِ هن خطي ۾ عالمي قوتن جون سابقه ترجيحاتون تبديل ٿي ويون آهن. جنهنڪري هو پاڪستاني فوج جي وڏيڪ مدد ڪرڻ جي بجاءِ جمهوري قوتن کي وڏيڪ مضبوط ۽ منظم ڪرڻ چاهن ٿيون.انلاءِ هن کي فوري طور تي هتي جيڪي قوتون پنجاب جي سامراجي آمريت کي چيلينج ڪرڻ لاءِ دستياب آهن اهي پ.پ.پ ايم ڪيو ايم ۽ سنڌ ۽ بلو چستان جون قومي تحريڪون آهن پنجاب سامراج پنهنجي عسڪري قوتن جي ذريعي هڪ طرف مظلوم قومن جي پنجاب جي سامراجيت جي خلاف هلندڙ سنجيده تحريڪن جي رتو ڇاڻ ڪري رهيو آهي ته بئي پاسي پنهنجي وفادار ڪتن کي جيڪي سندس رياست جي غلاظت آميز ڏنڊي پاور پاليٽڪس ۾ مهرا بڻيل آهن انهن جي پڇ تي ڪرپشن جي الزامن جي لت رکي بليڪ ميلنگ تحت سنڌ جي قومي وسيلن تي نه فقط پنهنجا هٿ صاف ڪري رهيو آهي بلڪ ميگا سٽيز جي غليظ ترين سامراجي منصوبن جي ذريعي سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي ڀيانڪ سازش تي عمل پيرا آهي بئي طرف پهرين دنيا پنجابي نازي ازم جي توسيع پسند سامراجي عمل کي عالمي سياسي اقتصادي ۽ اسٽريٽجڪ توازن جي آڏو رڪاوٽ تصور ڪري رهي آهي .تنهنڪري عالمي قوتن وٽان پاڪستان جي ريشيپ وارو آپشن دم ٽوڙي وينو آهي انلاءِ آمريڪا وٽ صرف هڪڙو ئي آپشن بچي ٿو ۽ اهو آهي پاڪستان کي يعني گريٽر پنجاب عالمي امن لاءِ ناسوري ڦٽ بڻيل دهشتگرد وجود جو هر حالت ۾ خاتمو آڻي ڊي شيپ بڻائي انلاءِ اٽٽر طور تي عا لمي قوتن جي اها مجبوري بڻجندي پئي وڃي ته اهي مقامي قومي تحريڪن کي اوپارڻ جي لاءِ هٿ پير هڻن ته جيئن پنجاب سامراج کي سوڙهي ڪرڻ لاءِ وٽن اخلاقي جواز جڙي سگهن نه ته پنجاب تي سڌي حملي جي نتيجي ۾ پاڪستان جي اسٽريٽجڪ پارٽنر شنگهائي 5 جي اڳواڻ چين ۽ نيٽو فورسز جي وچ ۾ ڇڙندڙ جنگ ٽين عالمي جنگ جي ڇڙڻ جو سبب بڻجي ويندي هاٽي گريٽ گيم تيزي سان پنهنجي انجام ڏانهن وڌي رهي آهي ايندڙ مستقبل قريب ۾ عالمي جنگي ڇڪتاڻ جو مرڪز ڏکڻ ايشيا ۽ چين بنجڻو آهي .

**جسماني عشق کي ڇڏي! ڌرتي جي عشق ۾ اچو!**
**جتي بيوفائي ۽ رسوائي جو تصور ئي نه آهي! توهان**
**جو عشق سچو هوندو ته توهان امر ٿي ويندا.. سيد**


رياستي ايجنسين هٿان شهيد ٿيندڙ
سنڌ جا اڳواڻ، شاگرد ۽ دانشور
پرين سڀ توکي پڙٿا

# آزادي جا لوازمات، جسمم بابت اٿندڙ سوال ۽ انهن جا جواب

(آصف جوڻو)

قومي غلامي واري ذلت ڀري زندگي گذارڻ تي مجبور قومون هڪ پاسي پنهنجو قومي تشخص يا سڃاڻپ وڃائي وهنديون آهن تہ ٻئي پاسي حق حاڪميت کان محروم رهنديون آهن، ٽئين پاسي سندن سمورن پيداواري وسيلن جو سامراجي ڌُر ۽ استحصالي قوتن هٿان بيرحماڻو ڦُرلٽ ۽ استحصال ٿيندو آهي تہ چوٿين طرف سامراجي فوج ۽ سيڪيورٽي ادارن پاران اُن قوم تي غير انساني تشدد کي بہ منهن ڏيڻو پوندو آهي ۽ اهڙن غلام داراڻن سماجن ۾ انساني حقن جي لتاڙ بہ وڏي پئماني تي ٿيندي آهي، انهن حالتن ۾ وقت ۽ تاريخ انهن غلام قومن کان هڪ تاريخي گهُر ڪنديون آهن، پوءِ جڏهن ڪا غلام قوم تاريخ جي اُها گهر، تقاضا جو پورائو ڪندي آهي تہ اها قوم پنهنجو تاريخي تشخص برقرار رکي سگهندي آهي، جي نہ تہ اُن قوم جو وجود صفحہِ هستي تان هميشہ جي لاءِ ميسارجي ويندو آهي .

سنڌ ڌرتي پنهنجي هزارها سالن جو تاريخي سفر طئہ ڪندي عروج ۽ زوال جا انيڪ لاها چاڙها ڏسندي تاريخ جي سوڙهي گهٽي ۾ بيٺي آهي ۽ پنجاب سامراج جي تسلط هيٺ غلامي واري ذلت ڀري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي ۽ انهن سڀني مسئلن جي ور چڙهيل ۽ سماجي بيمارين ۾ مبتلا آهي جيڪي هڪ خطرناڪ غلام داراڻي سماج ۾ مبتلا ڪنهن قوم ۾ هجڻ گهرجن. حسبِ فطرت سنڌي قوم کي وقت ۽ تاريخ اها آخري مهلت ڏيندي تاريخي گهرجن جو پورائو ڪرڻ جو آخري موقعو ڏنو آهي.

هر دور ۾ وقت ۾ غلام قوم جي ذهني، طبقاتي يا قومي غلامي مان نجات جي لاءِ جيئن نبي، پيغمبر، رشي، اوتار يا رهبر ايندا رهندا آهن جيڪي اُن غلام قوم جي ذهني، طبقاتي يا قومي غلامي مان قوم جي جان آجي ڪرائڻ جي لاءِ پنهنجو فڪر، فلسفو، نظريو ڏيندا آهن جيڪو ان قوم جي ڇوٽڪاري جو سبب بڻبو آهي. ائين ئي فطرت طرفان سنڌي قوم کي بہ رهبرِسنڌ مفڪرِاعظم سائين جي ايم سيد جي صورت ۾ اُهو آخري موقعو عطا ڪيو ويو آهي جنهن وقت ۽ تاريخ جي اُها گهرج يا تقاضا يا تاريخ جو اُهو سڏ پنهنجي فڪر، فلسفي ۽ نظريي جي صورت ۾ سنڌي قوم کي ڏنو. اسان سنڌي قوم جي بقا وجايل قومي تشخص جي بحالي، قومي تشڪيلِ نو ۽ وطن جي آزادي سائين جي ايم سيد جي فڪر ۽ فلسفي سان مشروط آهي .

رهبر پاران فڪر يا نظريو ڏيڻ آزادي لاءِ پهريون مرحلو هوندو آهي. ٻيو مرحلو هوندو آهي ان فڪر ۽ فلسفي کي قوم تائين پهچائڻ جو ڇو تہ قومي آزادي جي تحريڪن ۾ سموري قوم جو اجتماعي ڪردار ادا ڪرڻ لازم هوندو آهي ۽ قوم تائين اُهو فڪر يا نظريو پهچائڻ جو ڪم يا ذميواري هڪ سياسي يا انقلابي تنظيم جي حوالي هوندي آهي .

جنهن بہ سماج ۾ انقلابي تنظيم نہ هوندي اهو سماج بيمار سماج هوندو آهي جيڪو آهستي آهستي موت يا فنا جو شڪار ٿي ويندو آهي .

انقلابي تنظيم جو هيٺيون ڪردار هئڻ گهرجي

١ .آزادي جو فڪر قوم تائين پهچائڻ

٢ . قوم کي غلام هجڻ جو احساس ڏيارڻ

٣ .قوم جي فردن جي ذهنن ۾ پنهنجي پيداواري وسيلن جي مالڪي جو احساس ڏيارڻ.

٤ .قوم جي فردن جي ذهنن ۾ سامراجي يا استحصالي قوتن خلاف نفرت پيدا ڪرڻ ڇو تہ هر جدوجهد جو بنياد نفرت هوندو آهي. جيسين قوم جي فردن جي ذهنن ۾ استحصالي، ڦورو طبقن خلاف نفرت نہ وڌي ويندي تيسين تائين قوم جو اهو فرد ان جدوجهد ۾ شامل نہ ٿيندو ۽ جيسين ڪنهن بہ جدوجهد ۾ عام ماڻهو شامل نہ ٿيندو تيسين تائين اهو جدوجهد يا تحريڪ ڪامياب نہ ٿيندي.

٥ .قوم جي فردن جي اُها نفرت طاقت ۾ تبديل ڪرڻ ۽ ان طاقت جو صحيح وقت صحيح جاءِ تي استعمال ڪرڻ (جيئن تہ اسان جاگيرداراڻي سماج ۾ گذاري رهيا آهيون جنهن ۾ نہ تنظيم هوندي آهي ۽ نہ ڪو قانون هوندو آهي ۽ جاگيرداراڻي سماج ۾ سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي وحدت يا هم آهنگي جيڪو قوميت جو آخري ۽ اهم فيڪٽر آهي اهو اڻپورو آهي. انقلابي تنظيم کي اهو فيڪٽر پورو ڪري گڏيل قومي وحدت ۽ فڪر

وارو ماحول جوڙڻو پوندو آهي جو نه جڏهن گڏيل قومي وحدت۽فڪر نه جڙندو ته پوءِ وحدت ۽ عمل به گڏيل نه جُڙي سگهندو آهي ۽ ان صورت ۾ اسان جي أها طاقت منتشر ۽ ڇڙوڇڙ هوندي آهي جيڪا گهربل نتيجا نه ڏيئي سگهندي آهي. ڪابه طاقت يا توانائي جڏهن هڪ نقطي يا هڪ مرڪز تي گڏ ٿيندي آهي ته اها سئو ڀيرا وڌيڪ خطرناڪ ۽ طاقتور ٿي ويندي آهي. مثال طور: هن دنيا ۾ ڇِپَر ۽ ڪَکَ پن هر هنڌ موجود هوندا آهن پر سج جي ڪرڻن مان ڪڏهن به ڪنهن ڇِپَر يا ڪَکَ پن کي باه ناهي لڳندي پر جڏهن هڪ مخصوص قسم جو شيشو يا گلاس رکي سج جا ڪرڻا ان گلاس جي هڪ ننڍڙي نڪتي مان يا مرڪز مان گذاريا ويندا آهن ته هينان رکيل ڪک پن کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندا آهن. منتشر ۽ ڇڙوڇڙ طاقت اوهان محترمه بينظير جي شهادت وقت ڏٺي هئي پر أها ڪنهن به مرڪز يا نڪتي تي گڏ ٿيل ڪونه هُئي. انقلابي تنظيم کي أن طاقت کي هڪ نقطي يا هڪ مرڪز سنڌي پنجابي تضاد جي نقطي تي گڏ ڪرڻو آهي.(

٦ .قوم جي فردن کي تاريخ جي گهرجن تقاضائن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ آماده ڪرڻ ۽ هڪ پليٽفارم تي گڏ ڪرڻ.

٧ .تنظيم جو قوم سان مسلسل رابطي ۾ رهڻ، چوته مسلسل رابطو ضابطي کي جنم ڏيندو آهي ۽ ضابطو منظم تنظيم کي جنم ڏيندو آهي ۽ منظم تنظيم، منظم تحريڪ لاءِ ڪردار ادا ڪندي آهي.

٨ .تنظيم انقلابي پاليسيون ناهي قوم ۾ لاهيندي آهي .

٩ .انقلابي تنظيم قوم ۾ قومي آزادي جي ٽئين ۽ آخري مرحلي (ٽڪراءُ، ڪشيدگي، ڇڪتاڻ، جنگ) جو ماحول پيدا ڪندي آهي.

١٠ .انقلابي تنظيم جو هيٺين ڳالهين تي عمل ڪرڻ لازم هوندو آهي.

- ڪارڪن ۽ قوم جي فردن اڳيان مقصد جي وضاحت ۽ تشريح ڪجي ته اسان جو اولين مقصد آخر ڪهڙو آهي؟
- ذميواري جو تعين ۽ وراثت ڪجي، هڪ فرد کي ان جي اهليت، شعبي موجب ذميداري ڏني وڃي پوءِ أهو دانشور هجي، صحافي هجي، سوشل ميڊيا تي ويٺل ورڪر هُجي، سياسي ڪارڪن هُجي، استاد يا ڊاڪٽر هجي وغيره. حاصل مطلب ته هر فرد کي پنهنجي اهليت جي بنياد تي ڪم يا ذميواري ڏيڻ .
- پائيدار نتيجا ڏيندڙ عمل ڪرڻ.
- سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ.
- انفرادي، اجتماعي حوالي سان ڪم کي وڌائڻ، نتيجن تي نظر رکڻ، پنهنجي ڪم جي دائري کي وسيع ڪرڻ.
- اهليت کي وڌائڻ، نوان قومي دوست پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي قومي ڪم لاءِ رضامند ڪرڻ.
- حاصل ڪيل نتيجن کي ڏسندي اڳتي وک وڌائڻ.
- انفراديت پسنديت کي ڇڏي ٽيم ورڪ طور ڪم ڪرڻ جي روايت وجهڻ.
- جاگيرداراڻي سماجي جي اثرن ڪري گڏيل قومي وحدت فڪر نه جڙڻ باعث، سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ مختلف پارٽيون آهن انهن جو انضمام يا اتحاد ڪرڻ لاءِ ماحول جوڙڻ ۽ ويجهڙائي پيدا ڪرڻ.
- جيڪو جتي آهي پنهنجي اهليت کي ايمانداري سان قومي فرض جو حصو بڻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
- اسين سڀ قومي تحريڪ آهيون تاريخ جو سڏ يا گهرجن جو گڏجي پورائو ڪري ٽا سگهون أهو ويساهه ڪرڻ .

١١ .هڪ انقلابي تنظيم جو تنقيد ۽ خود تنقيد جي ترڪيبي عمل مان گذرڻ لازم هوندو آهي اگر ڪابه تنظيم ان ترڪيبي عمل مان گذرڻ بند ڪري ڇڏيندي آهي ته أها تنظيم پاڻ مان بيمار جُزا خارج ڪرڻ ۽ معاشري مان صحتمند جُزا ڪٽڻ جي اهليت وڃائي وهندي آهي ۽ پوءِ أها تنظيم بيمار جُزا خارج نه ڪرڻ جي ڪري سڄي جي سڄي بيمار ٿي پوندي آهي ۽ آهستي آهستي موت جي ور چڙهي تباهه فنا يا ختم ٿي ويندي آهي.

١٢ .آئون مٿي عرض ڪري آهيو آهيان ته زرعي جاگيرداراڻي سماج جي اثرن جي ڪري سنڌ جي قوميت جو پنجون، آخري ۽ اهم جُز (سياسي، اقتصادي مفادن جي وحدت يا هم آهنگي) اڻپورو هجڻ ڪري اسان جي سنڌي سماج ۾ گڏيل وحدتِ فڪر جي سوچ يا مزاج نه جُڙي سگهيو آهي ۽ فطري عمل آهي ته جڏهن وحدتِ فڪر گڏيل نه هوندو ته وحدتِ

عمل بہ گڏيل نہ هوندو، ان صورت ۾ اسان گروهن، قبيلن، ذاتين، پاڙن ۽ مختلف پارٽين ۾ ورهايل رهنداسين انڪري سائين جي ايم جي فڪر ۽ فلسفي هيٺ جدوجهد ڪرڻ جي باوجود سنڌ جي قومي تحريڪ ست اٺ پارٽين ۾ ورهايل آهي ۽ سموريون پارٽيون سنڌو ديش جي آزادي لاءِ سنجيده سياسي انقلابي جدوجهد ڪري رهيون آهي، نہ فقط سنڌو ديش جي آزادي لاءِ بلڪہ قومي تشڪيلِ نو لاءِ بہ ڪوششون ڪري رهيون آهي انهن پارٽين مان جئي سنڌ متحده محاذ (جسمر) بہ هڪ آهي جنهن جو چيئرمين محترم شفيع محمد برفت صاحب آهي. جيئن تہ آئون پاڻ جسمر جو ڪارڪن ۽ تنظيم جو هڪ ذميوار فرد آهيان ۽ جسمر، ان جي بهادر چيئرمين تي مختلف وقتن تي تنقيد ٿيندي رهندي آئي آهي ۽ جسمر ترڪيبي عمل مان گذرندي هر صحتمند تنقيد جي آجيان ڪئي آهي ۽ تنقيد ڪندڙ دوستن کي پنهنجو سڄڻ ۽ گهڻ گهريو سمجهيو آهي. ان..

ان ڪان علاوه جسمر ۽ ان جي بهادر چيئرمين بابت سوال بہ اٿندا رهيا آهن. جن جا جواب ان دوستن کي ڏيندا رهيا آهيون ۽ هن وقت فيسبڪ تي وري سوال اُٿاريا پيا وڃن جن جو جواب ڏيڻ قوم جي ان گهڻ گهُرن ۽ سڄڻن کي اسان پنهنجو فرض ۽ ذميواري ٿا سمجهون

سوال ۱: جسمر جو بنياد مزاحمت جي نقطي تي ٿيو هو، پر هاڻي جسمر ان نقطي تان هٽ ڪٽي چڪي آهي.؟

جواب: (ماڻهن جو رايو آهي تہ سائين جي ايم سيد جي فڪر هيٺ جدوجهد ڪندڙ پارٽين يا ڌرين مان بہ ڌريون: ۱. جسمر ۲. سنڌو ديش لبريشن آرمي تشدد تي يقين رکين ٿيون، جڏهن تہ باقي پارٽيون عدم تشدد جي پاليسي تحت جدوجهد ڪري رهيون آهن ۽ ڪجھ ماڻهن جي خيال ۾جسمر ۽ سنڌو ديش لبريشن آرمي هڪ سمجهيون وڃن ٿيون(.

پهرين اچو تہ تشدد کي سمجهون تہ تشدد آهي ڇا؟

اسڪول ۾ پڙهندڙ معصوم ٻار کي استاد پاران لٺ، ٿڦڙ، چڙٻ ڏيڻ يا سزا طور Revertڪرڻ، ٽانگ مارڻ، جانورن کي لٺ هٽي هڪلڻ، هڪ انسان جو ٻئي انسان کي مارڻ، ڌڪ هڻڻ، دڙڪو ڏيڻ اهي سمورا عمل تشدد جي ضمري ۾ اچن ٿا پر تشدد ۾ هڪڙا معيار جائز ۽ ٻيا معيار ناجائز عمل جي ضمري ۾ اچن ٿا.

۱ .ناجائز معيارن واري تشدد جو عمل:

بي ڏوهيءَ فرد تي بغير سبب جي بي اصولو اڳرائي ڪري اُن سان وڙهڻ، دڙڪو ڏيڻ، ڌڪ هڻڻ، مارڻ کي تشدد چئبو آهي جيڪو صريحاً غلط، غير اخلاقي ۽ غير انساني عمل آهي .

۲ .جائز معيارن وارو ساڳيو عمل پر ان کي تشدد نٿو چئي سگهجي:

دفاع، بچاءُ، تحفظ لاءِ حملاآور تي حملو ڪرڻ، اُن جو حملو روڪڻ، بچاءُ لاءِ وارو ڪر، واور ڪر، جهڙا جملا چئي سڏ ڪري دوستن، همدردن کي گهرائڻ، تشدد واري عمل جي مذمت ڪرڻ، يا دشمن جو اوهان جي نِڙي تي لت ڏيڻ، گهوگهو ڏيڻ مهل ان کي رانپوٽا هڻڻ، ساھ نڪرڻ مهل ڪرڙيون هڻڻ، ڪيڪرات ڪرڻ اها مزاحمت آهي ۽ مزاحمت کي جيڪو بہ تشدد ڪوٺي ٿو يا تہ اُهو اخلاقيات کان اڻ واقف ۽ اڻ ڄاڻ آهي يا وري بد اخلاق آهي چو تہ پنهنجو بچاءُ، تحفظ ۽ حفاظت ڪرڻ انسان جو اخلاقي ۽ انساني حق آهي.

۳ .ڪنهن ڏوهاري کي ڏوھ ثابت ٿيڻ تي سزا ڏيڻ. مثال طور چور کي قيد جي سزا ۽ قاتل کي ڦاهي جي سزا ۾ بہ تشدد شامل آهي پر ان کي تشدد نٿو ڪوٺي سگهجي. ان کي ڏوھ جي سزا جو عمل چئبو آهي، جيڪو جائز عمل آهي.

تشدد، مزاحمت ۽ سزا جي وضاحت جي آڌار تي فڪرِ جي ايم سيد تحت جدوجهد ڪندڙ سموريون ڌُريون، مزاحمت ڪار ليڪبيون چو تہ سموريون ڌريون، ريليون، مظاهرا، ڌرڻا، جلسا ڪن ٿيون جن ۾ هوُ قوم کي سڏ، ڪوُڪ، گهڻ گهرين کي دانهن ۽ دشمن کي چُٽاءُ وغيره ڏين ٿيون. روڊ بلاڪ ڪري رياستي مشينري کي روڪين ٿيون، رياستي ادارن آڏو سر تان سانگو لاهي انهن کي للڪارين ٿيون ان عمل کي مزاحمت، مزاحمت ۽ صرف ۽ صرف مزاحمت چئبو آهي. باقي ڪير لفظن جي غلط معنيٰ، تشريح، وضاحت ڪري ٿو تہ اُها ان جي مرضي آهي. جسمر پهرين ڏينهن کان اڄ تائين سياسي ۽ انقلابي پارٽي رهي آهي. جسمر پنهنجي قيام واري ڏينهن 25 نومبر 2000ع هن وقت تائين هر اُهو سياسي ۽ انقلابي عمل ڪيو آهي جيڪو نج سياسي ضمري ۾ اچي ٿو يعني جلسا جلوس ريليون مظاهرا ڌرڻا ۽ فڪرِ جي ايم سيد جي پرچار ڪرڻ وغيره ۽ جسمر منظم قومي مزاحمت تي يقين رکيو آهي، يقين رکي ٿي ۽ يقين رکندي رهندي. محترم بينظير جي شهادت تي غير منظم، ڇڙواڳ قومي مذاحمت جو عنصر اوهان ڏٺو هو، جنهن کي ليڊ ڪرڻ وارو ڪير بہ نہ هو. جسمر ان قسم جي قومي مزاحمت لاءِ جيڪا منظم قومي مزاحمت هوندي جنهن کي شعوري طور تي جسمر ليڊ ڪندي، جسمر ان تي مڪمل

ايمان به رکي ٿي. پاڪستان جي خارجي ۽ داخلي پاليسين جي ڪري يا سنڌي قوم جي نفسيات کي ڏسندي يا علاقائي زميني حقيقتن کي ڏسندي محسوس ٿئي ٿو ته جڏهن سنڌ جي قومي تحريڪ پنهنجي جوهر ۾ آئي ۽ سنڌي قوم منظم ٿي اُٿي پئي ته آزادي حاصل ٿي پوندي پر اگر جسمم ضرورت محسوس ڪئي ته آزادي جو اُهي لوازمات جيڪي الجزائر، ويٽنام، ڪيوبا ۽ هندوستان ۾ پورا ڪيا ويا هئا يا هن وقت ڪشمير، فلسطين، بلوچستان، اروميا ۾ پورا ڪيا پيا وڃن. جسمم اهي لوازمات پورا ڪرڻ کان نه ڪيٻائيندي باقي هن وقت تائين جسمم هڪ گولي به نه هلائي آهي ۽ پنهنجي جوهر ۾ نج سياسي انقلابي تنظيم آهي، رهي ڳالهه جسمم ۽ سنڌو ديش لبريشن آرمي جو هڪ يا ساڳيون هجڻ بابت افواهه جيئن ته صرف افواهه ئي آهي ۽ ان ۾ ڪابه صداقت نه آهي. جسمم ۽ سنڌو ديش لبريشن آرمي به الڳ ڌريون آهن. البته جسمم سنڌو ديش جي آزادي لاءِ ٿيندڙ هر ان جدوجهد کنڌڙ ڏُر (جيڪا سنجيده هوندي) سياسي ۽ اخلاقي حمايت ڪئي آهي ۽ انهي ساڳئي بنياد تي بين جيان جسمم سنڌو ديش لبريشن آرمي جي سياسي ۽ اخلاقي حمايت ڪندي آئي آهي ۽ ڪندي رهندي باقي رهيو تعلق جسمم ۽ سنڌو ديش لبريشن آرمي جي هڪ هجڻ جو ته اُن جي نفيءَ جو هڪڙو ئي دليل ڪافي آهي، ته ٢٠٠٣ کان وٺي هن وقت تائين جسمم جا هزارين ڪارڪن رياستي ادارن جي ٽارچر سيلن ۽ جيلن ۾ وجي ۽ غير انساني تشدد سهي چڪا آهن پر ايترن سالن ۾ رياست جسمم جو سنڌو ديش آرمي سان ڪوبه تعلق ثابت نه ڪري سگهي آهي نه ئي جسمم جي خلاف ڪو هڪ به دستاويز عدالت يا ميڊيا سامهون آڻي سگهي آهي ۽ نه وري گرفتار ۽ ڪنپيل ڪارڪنن وٽان ڪا هڪ به گوليءَ دستياب ڪري سگهي آهي.

سوال ٢:جسمم جي هر پاليسي قبل از وقت هوندي آهي؟

جواب: انقلاب يا آزادي جي لاءِ مردِ مومن انقلابي ڪارڪن يا اڳواڻ يا انقلابي پارٽيون حالتون پاڻ پيدا ڪنديون آهن يا پاڻ ۾ حالتن کي پنهنجي فيورِ آڻڻ جي اهليت ۽ صلاحيت پيدا ڪري حالتن کي پنهنجي فيور ۾ آڻي وٺنديون آهن نه ڪي خود بخود يا پاڻمرادو ان جي حق ۾ ٿينديون آهن .

رهبرِسنڌ سائين جي ايم سيد جڏهن پنهنجو فڪر يا نظريون ڏنو هئو ان وقت به ماڻهن چيو هئو ته هي وقت کان اڳ ۾ تڪڙو ڪيل فيصلو آهي. پر وقت ۽ تاريخ انهن ماڻهن کي غلط ۽ رهبر سنڌ جي وقتائتي ڏنل فڪر کي صحيح ثابت ڪيو آهي .

جسمم پاران منظم قومي مزاحمت جي نڪتي تي ماڻهن چيو ته هي مارجي ختم ٿي ويندا پر وقت ۽ تاريخ ثابت ڪيو ته جسمم جي پاليسين، حڪمتِ عملين، انقلابي لاڙن، اڳواڻن کا وٺي ڪارڪنن تائين سنجيدگي، بهادري، ايمانداري، سچائيءَ ۽ قرباني جي ڪري جسمم قومي تحريڪ ۾ نئون روح ڦوڪيو ۽قومي ڪارڪنن ۾ هڪ نئين جوت جلائي انهن جو اتساه بحال ڪيو جنهن ڪري جسمم اڄ قومي تحريڪ جي هڪ وڏي ۽ سگهاري ڌُر طور پاڻ مجرائي چُڪي آهي، جسمم پاران جڏهن ٢٠٠٩ ۾ ڏاري آبادڪاري جي خلاف هڙتال جو سڏ ڏنو ويو هئو ته اسان جي معزز دوستن ان وقت چيو ته جسمم وقت کان اڳ ۾ هي سڏ ڏئي پنهنجو پاڻ کي مصيبت ۾ وڌو آهي پر وقت ۽ تاريخ جسمم جي ان سڏ کي به وقتائتو ثابت ڪيو ۽ هن وقت سنڌ جي هر گهڻ گهري ڌُر طرفان ڏاري آبادڪاري خلاف جدوجهد هلي رهي آهي. جسمم توهينِ رسالت کي ڪارو قانون ڪوٺي مظاهرا ڪيا سنڌ اندر فوجي ڇانوڻين خلاف بڪ هڙتالون ڪيون ان وقت به ماڻهون تمام گهڻو خوفزده هئا ۽ چوندا هئا ته هاڻي رياست آڏو جسمم نه بيهي سگهندي پر وقت ۽ تاريخ ثابت ڪيو ته جسمم جو هر فيصلو ۽ پاليسي وقتائتي ۽ قومي تحريڪ جي فائدي ۾ رهي آهي. رياست هر مورچي تي جسمم کان شڪست کاڌي آهي ان جو سڀ کان وڏو دليل هي آهي ته جڏهن جسمم کي قالعدم قرار ڏئي دهشتگرد تنظيم ڪوٺي ان تي پابندي لڳائي وئي ته ڪافي ماڻهن ڳيو ته هاڻي نالو مٽائي ڪم ڪيو پر جسمم ساڳئي نالي سان ڪم ڪري رياست جي پابندين کان انڪار ڪندي پنهنجو ڪم جاري رکيو جنهن عمل جي ڪري رياستي ادارا جسمم تي اڳي کان وڌيڪ ڏمرجي پيا.

سوال3:جسمم ايم ڪيو ايم جي ايجنٽ آهي'?.

جواب:رياست ڪافي عرصي کان ڪوشش ۾ آهي ته هٽرادو لساني تضاد اڀاري سنڌ جي شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي آباديءَ کي پاڻ ۾ ويڙهائجي ۽ اصل تضاد يعني سنڌي پنجابي تضاد لئي مٽي ڪري سگهجي.حالانڪ سنڌ جي رهبر سائين جي ايم سيد، ان ٽائيم جي سمورن پارٽين جي اڳواڻن،اديبن،دانشورن گڏجي اهيو فيصلو ڪيو هو ته سنڌ جي اردو آبادي ورهاڱي وقت پنهنجو سڀ ڪجهہ ڇڏي هتي آيا هئا ان ڪري اردو آبادي هاڻي سنڌ جو اڻٽٽ حصو آهي ۽ 1954 کان پوءِ آيل هر هڪ مهاجر آهي ان ڪري

اسان تي تاريخي ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ قومي تشڪيل نو واري عمل ۾ اردو آبادي کي شامل ڪجي پر ڪجھ سياسي نابالغ ان تاريخي ذميواريءَ کان منهن موڙي رهيا آهن.آئون ان حوالي سان جسمم جي بهادر چيئرمين محترم شفيع محمد برفت جي تازي سينٽرل ڪاميٽيءَ جي اجلاس ۾ ڪيل خطاب مان ڪجھ ستون هيٺ لکان ٿو.

)سنڌ جي اندر سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ سنڌين جي درميان جيڪي اختلافي ۽ نا سمجهي وارا معاملا آهن انهن کي اسين پنهجي گهر جو اندروني معاملو سمجهون ٿا. ڪجھ جڙتو هٽرادو غلط فهمين ۽ اختلافن کي پڻ ڪي ناسمجھ ماڻهون ۽ دشمن قوتون وڌائي وڌ ڪري اسان کي ويڙهائڻ لاءِ گمراهي پيدا ڪري رهيون آهن، جيڪا ڳالھ باشعور سنڌين ۽ سنڌ واسين کي سمجهڻي پوندي. هر معاشري ۽ سماج جي اندر اهڙا جزوي معمولي دليل جي ذريعي حل طلب مسئلا هوندا آهن جن کي ان سماج ۽ معاشري جا باشعور فرد ڳالھ ٻولھ ذريعي ٽيبل تي ويهي حل ڪندا آهن ڇاڪاڻ تہ اهڙا تضاد دوستانہ ۽ هڪ قوم جا اندروني سياسي ۽ معاشي مسئلا هجن ٿا. اهڙن مسئلن کي دشمن تضاد سمجهڻ سياسي نابالغي، ڪوتاھ نظري ۽ ڪم فهمي چئي سگهجي ٿو. سنڌ جي اندر اردو آبادي کي اسان اصولي، سياسي ۽ تاريخي حوالي سان هاڻ سنڌي قوم جو لازمي حصو ۽ جز سمجهون ٿا انهن کي ڌڪار جي نظر سان ڏسندڙ ذهنن کي اسان دشمن جي پروپيگينڊا جو شڪار ٿيل ذهن ٿا سمجهون. قومي تحريڪ اردو ڳالهائيندڙ سنڌين ۾ پنهنجو فڪري، سياسي ۽ وطني سياءَ کي سمجهڻ وارو فرض پورو ڪري ناهي سگهي. ان ڪان سواءِ سنڌ اندر نظرياتي سياسي فقدان ۽ سطحي مفاد پرست سياسي، لساني نسلي، مذهبي ۽ جاگيرداراڻي جمهوري ۽ انڪار وطن ڪابي ڏر جي ڪري سنڌ جي قومي تڪميل نو وارو اهو تاريخي فرض ( اردو ڳالهائيندڙن جو سنڌي قوم ۾ سياسي معاشي وطني تاريخي حوالي سان ضم ٿيڻ وارو عمل ) مڪمل نہ ٿي سگهيو آهي جنهن ڪري هڪ طرف اردو ڳالهائيندڙ نظرياتي فڪري سياسي ميچوئرٽيءَ جي کوٽ سبب لسانيت پسنديءَ ڏانهن ڌڪجي ويا آهن تہ ٻئي طرف سنڌ جي قوم پرست سياست جي نالي ۾ ڪجھ ڌريون وري نسل پرست بنجي اردو آباديءَ جي جڙتو تضاد ۾ سامهون اصل قومي تضاد ۽ سنڌ جي غلاميءَ واري حقيقت جي سمجھ کان عاري ۽ انڪاري بنجي بيٺا آهن جيڪا ڳالھ سنڌ جي وسيع قومي سياسي وطني مفادن جي خلاف هڪ ڪوتاهي آهي. سنڌ جي اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ دانشورن سياسي ڪارڪنن قلم ڏٽين کي هڪ پيرو ٻيهر (سيد کان پوءِ) ويهي سنڌي سماج جي قومي تڪميل نو واري ان مرحلي کي تيز ڪرڻ ۽ سنڌ جي حب الوطنيءَ ۽ تاريخي قوم واري احساس سمجھ ۽ حقيقت کي اردو ڳالهائيندڙ سنڌين ۽ نسل پرست قومپرستن کي مدلل طرح سمجهائڻو پوندو ڇوتہ سنڌ جي مڪمل قومي ڇوٽڪاري ۽ علحده قومي رياست جي تاريخي قيام جي ضرورت جي تقاضا اها آهي تہ اسان لساني ۽ نسلي ناسمجهيءَ کان ٻاهر نڪري قومي حقيقتن کي تسليم ڪريون.جسمم چيئرمين شفيع محمد برفت

سوال4: جسمم هڙ ماڻهو مارائي ڇڏيا؟

جواب:جيئن تہ جنگين ڪٽڻ جو هڪ اهم ذريعو پروپئگنڊا بہ هوندو آهي ۽ اڳ ۾ سائين جي ايم سيد تي بہ اهڙا الزام لڳندا هئي جنهن جو صرف ۽ صرف هڪ ئي سبب هو تہ ماڻهن ۾ خوف پيدا ٿئي تہ جيئن هو قومي تحريڪ کان پري رهن هاڻي اها ساڳي پروپئگنڊا جسمم بابت ڪئي وڃي ٿي تہ جيئن جسمم ۾ تيزيءَ سان ٿيندڙ واڌ ويجھ رڪجي وڃي.ماڻهن جي عجيب و غريب سيچ آهي تہ آزادي بہ ملي وڃي ۽ قرباني بہ نہ ڏجي.مقصد بہ ملي ۽ نا ماڻهو مري نہ رهنڊ اڇي تہ پائرو اوهان احمقن جي جنت ۾ رهو ٿا.قومي آزاديءَ لاءِ قرباني اٽٽر آهي ۽ اسان ان ڳالھ کي سمجهي ورتو آهي تہ قل کي بچائڻ لاءِ جز کي قرباني ڏيڻي پوندي.اسان ٻار ناهيون جو نہ سمجهون.جسمم جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سوچي سمجهي شعوري طور تي قرباني ڏيڻ ۽ سنڌو ديش جي آزاديءَ لاءِ حقيقي انقلابي جمائت جسمم ۾ شموليت ڪئي آهي ۽ شهيدن بہ شعوري طور تي هن رستي جي چونڊ ڪئي هئي.شهيد سرائي قربان کهاوڙ ۽ ان جي دوستن جڏهن جسقم ڇڏي جسمم ۾ شموليت پئي ڪئي تہ صحافين جي پڇڻ تي شهيد ڪين ٻڌايو هو تہ جسمم ۾ شموليت جو مقصد عزت وارو موت حاصل ڪرڻ لاءِ پيا وڃون.

جسمم اجان آزاديءَ جي راھ ۾ 15 سالن ۾ صرف 40 شهيد ڏنا آهن جڏهن تہ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ هڪڙي ڏينهن ۾ هزارين ماڻهو شهيد ٿيا آهن ۽ دنيا ۾ ان جا ڪوڙ مثال موجود آهن.

سوال5: شفيع محمد برفت رياست جو ماڻهو آهي ۽ سندسديوٺي سنڌ جا بهادر ماڻهو مارائڻ آهي؟

جواب: ان الزام جي جواب ۾ آئون صرف هڪ دليل ڏيندس تہ جسمر ڪان اڳ ۾ ڪم هل تہ پڇئين وارو هليو پئي.جسمر نهڻ ڪان پوءِ قومي تحريڪ ۾ سنجيدگي جا لاڙا آيا جنهن جو سچو ڪريڊٽ جسمر جي ڪاتي ۾ آهي.اوهان جي بقول هڪ پل لاءِ ڪٽي سوچيون بہ سهي تہ اوهان جي ڳالہ ممڪن آ سهي هجي پر سوال هي آهي تہ رياست بهادر سنڌين جي مارائڻ لاءِ اهڙي پارٽي نهرائي جنهن جو قيام منظم قومي مزاحمت جي خطرناڪ نقطي تي پوي ۽ تنظيم ۾ سنجيدگي جا اهڙا لاڙا آندا ويا جيڪي اڳ ۾ قومي تحريڪ ۾ موجود نہ هئا قوم تان فنا ٿيڻ جو جزبو نہ هو جيڪو محترم شفيع محمد برفت آندو.هاڻي سوال ٿو ايري تہ موت فطري عمل آهي ۽ جڏهن رياست جو اهو ماٿهو هن دنيا ۾ نٿو رهي تہ جسمر يا ان فرد جيڪا غلامداراڻي سماج ڪي انقلابي تنظيم،منظم قومي مزاحمت جا بج،وطن تان قربان ٿيڻ جو جذبو،سنجيدگي ۽ سچائي اهڙيون شيون آهن جيڪي سياڻي رياست ڪي پنهنجي منطقي انجام تائين پهچائن ۽ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ڪافي آهن ،تہ رياست اهڙي ٻاراڻي ڪيئن ٿي ڪري سگهي؟

اصل ۾ حقيقت هيءَ آهي تہ اهي سڀ سوال رياست جا اٽاريل آهن تہ جيئن محترم شفيع محمد برفت جهڙي عظيم انقلابيءَ ڪي متنازع ڪري پيش ڪجي تہ جيئن جسمر جهڙي انقلابي تنظيم جي خطرناڪ هد تائين ٿيندڙ واڌ ويجھ ڪي روڪي سگهجي.

سوال6: شفيع محمد برفت ظاهر ڇو نٿو ٿئي؟

جواب:آئون سمجهان ٿو تہ جيڪي دوست هي سوال ڪن ٿا اهي سياسي طور تي بالغ نہ آهن.ڇو تہ انقلابي اڳواڻ هينين 3 ڪيفيتن ۾ نظر ايندا تہ سمجهبو تہ واقعي هو رياست مخالف انقلابي ليدر آهي.(1)روپوش(2)دشمن جي قيد ۾(3)جلاوطن

آئون آصف جوٽو دعوي سان چوان ٿو تہ جنهن ڏينهن محترم شفيع محمد برفت صاحب آزاديءَ ڪان اڳ ۾ هتي ظاهر ٿي عام زندگي گزارڻ لڳو ان ڏينهن آئون سمجهندس تہ هاڻي هو اسان جو نہ پر رياست جو ماڻهو آهي.

<u>هڪ وڏو سچ</u>

جسمر تاريخ جو وڏو سچ بنجي چڪي آهي جنهن جي نالي ڪان رياست ڇرڪي ٿي ۽ سمجهي ٿي تہ جسمر ئي اها انقلابي پارٽي آهي جيڪا جي ايم سيد جي فڪر تحت سنڌو ديش آزاد ڪرائيندي جنهن ڪري رياست جسمر تي پابندي هنئي آهي ۽ رياست جي عتاب جو شڪار آهي.

جسمر قوم ۾ هڪ قليل عرصي ۾ راءِ عامہ ناهي چڪي اهي ۽ هر پڙهيل لکيل ۽ سنجيده ورڪر جسمر ڪي اميد جو آخري ڪرڻو سمجهي ٿو.



هيو خود شيردل افضل (وسيم الفت)

رهيو قائم اٽل افضل
هيو خود شيردل افضل

وطن جي سرحدن خاطر
پنهنجي ماروئڙن خاطر
اٿي بينو اول افضل
هيو خود شير دل افضل

پنجابين ۽ پناڻن لاءِ
هيوسنڌہ جي غدارن لاءِ
شروع ڪان ئي ازل افضل
هيو خود شير دل افضل

سرائي نور الله جي
مظفر، صبغت الله جي
ٿيو پيرا عمل افضل
هيو خود شيردل افضل

قبولي مات نہ ڪڏهن پر
قبوليو موت ڪي هر هر
شهزادو منل افضل
هيو خود شير دل افضل

آ سنڌ ساري ٻٽيو افضل
نٿي خوش تون ايڏو قاتل
ڪري هڪڙو قتل افضل
هيو خود شير دل افضل

# شهيد راجا ڏاهر جي نوٽ بوڪ تان ورتل

تنظيم،جدوجهد، مزاحمت، انقلاب هڪ سائنس آهي ۽ ان کي سائنسي سوچ، ڏاهپ، اندازسان ئي سمجهي سگهجي ٿو. سائنس ۾ ڪا به شئي، ڪو به مظهر مڪمل(Perfect,پورو، نج ۽ قطعي(Absolute) ۽ ڪامل نه هوندي. ان جي ابتڙ اسان وٽ غير سائنسي سوچ، رويو، ذهنيت موجود آهي جنهن جي تحت ماڻهو شين، فردن، سرگرمين، جدوجهدن کي به يڪدم، بنا عمل مان گذرڻ جي مڪمل، ڪامل، قطعي صورت ۾ شڪل ۾ ڏسڻ جا ڪائل ٿي ويا آهن ۽ جيڪا شئي، مظهر، عمل، سرگرمي، جدوجهد، تنظيم مڪمل (Perfect)۽ڪامل(Absolute)صورت ۾ نظر نه اچي ان کي رد ڪيو وڃي ٿو. هن قسم جي انداز، روين ۽ سوچ، کي سائنسي ڏاهپ پري، درست، صحيح سوچ نه ٿو چئي سگهجي. چو ته فرد، شيون، سرگرميون، جدوجهدون، عمل (Process) سرگرمي (Activity)دوران مڪمل ٿينديون آهن، نه ڪي ڳالهين ۾.تنظيم لاءِ ٽلهي ليکي چيو ويندو آهي ته "تنظيم زنده جيو وانگر هوندي آهي".هڪ زنده جيو فطري ارتقا ۽ تسلسل (Process) ذريعي واڌ ويجهه ڪندو آهي. دنيا ۾ هن وقت تائين جيڪي به تنظيمون اڀريون آهن ۽ جن به نتيجا ڏنا آهن انهن تنظيمن جا بنياد به چند هڪجهڙن هم خيال فردن وڌا هئا، اهي جدوجهد جي دوران وڌيون ويجهيون ۽ پوءِ ئي دنيا جون ماڊل تنظيمون بنيون آهن. مونکي ياد ٿو پوي ته هر تنظيم کي منظم ٿيڻ ۾ تقريبن 40 کان 50 سال يا ان کان به مٿي عرصولڳوآهي. اهي تنظيمون هزارين رڪاوٽن، تڪليفن، اهنجن، سامراجي جبر، ڏاڍ، تشدد کي منهن ڏئي پوءِ منظم، متحرڪ، طاقتور، سگهاريون تنظيمون بنيون آهن. جيڪڏهن اسان کي انقلابن، آزاديءَ جي جدوجهد جي سائنس کي سمجهڻون آهي ته پوءِ اسان کي سائنسي سوچ ڏارڻي پوندي، دنيا جي انقلابن، آزاديءَ جي جدوجهد جي تجربن مان سکڻو پوندو. ٻي صورت ۾ غير سائنسي ۽ غيرانقلابي سوچ اختيار ڪرڻ سان غلط نتيجا ملندا، جنهن سان فائدي جي بجاءِ نقصان ٿيڻ جو قوي امڪان آهي. جيڪڏهن اسان کي منظم، مضبوط، متحرڪ بهترين انقلابي تنظيم ناهڻي آهي ته پوءِ اسان کي تنظيم سازي ۽ جدوجهد جو سائنسي طريقو اختيار ڪرڻون پوندو. اسان کي به ٻين انقلابي تنظيمن وانگر تڪليفن، جدوجهد، عمل مان گزرڻو پوندو. جنهن جي لاءِ اسان سمورن باشعور، فردن، ڪارڪنن، ڏاهن کي پنهنجي پنهنجي حصي جوڪم ذميواريءَ سان ڪرڻون پوندو. موجوده حالتن ۾ طاقتور ۽ طاقتور تنظيم هڪ معاملوآهي جيڪو صرف ڳالهين، بحثن ۽ تجزين سان حل نه ٿيندو. ان لاءِ اسان سڀني متحرڪ ۽سرگرم ڪردار ادا ڪرڻون پوندو.

******

مظلوم ۽ محڪوم قومن جي مٿان جنهن جاءِ تي جنهن به ملڪ ۾ ڏاڍ ۽ ظلم ٿئي، مظلوم قوم جي حيثيت ۾ اسان کي انهن قومن جو همدرد ۽ حمائتي ٿيڻ گهرجي.اهو ئي اسان جو انقلابي عمل هوندو جيڪو سامراجيت کي شڪست ڏيڻ جي لاءِ اسان دنيا جي ٻين مظلوم قومن جا ساٿاري ۽ مددگار بنجي وڃون.اڄ جسمم پاران اوراميا قوم جي نسل ڪشي ۽ ايٿوپين سامراج جي خلاف احتجاج ان ڳالهه ڏانهن اشارو آهي دنيا ۾ جنهن به جاءِ تي ظلم ۽ ڏاڍ ٿيندو مظلوم ۽ محڪوم قوم جو رت وهندو جسمم مظلوم قوم جو ساٿ ڏيندي.

******

تربت واقعي ۾ ٽيل عام ماڻهن جي قتل کان پوءِ جسمم پاران پڇيل سوالن ۽ اٿاريل اعتراض کان پوءِ جعفرآباد ۾ بلوچ ويڙهاڪن ڪيل ڪارائي بعد موقف جاري ڪيو ويو آهي ته سنڌين،بلوچن ۽ ٻين نسلن جي ماڻهن کي چتاءُ ڏنو ويو، ان مان هڪ ڳالهه ته بلڪل صاف ۽ چٽي آهي ته جعفر آباد ۾ بلوچ ويڙهاڪن جسمم جي موقف کي درست سمجهي پنهنجي طريقي ڪار ۾ تبديلي آندي آهي.

******

اصولي موقف اهو آهي جيڪو قومي آزدي ۽ قومي فڪر جو دفاع ڪري.

******

نفسياتي ويڙهه جنگ ڪٽڻ جو اهم وسيلو آهي.جيڪا به ڌر نفسياتي طور طاقتور ۽ سگهاري هوندي آهي اها ئي سياسي ۽ جنگي ميدان تي وڌيڪ تيزي سان پيش قدمي ڪري سگهندي آهي.ان جو سماج جي مٿان ضابطو به اوترو ئي مضبوط هوندو آهي.هي جنگ ماڻهن جي دلن ۽ دماغن تي ضابطو قائم ڪرڻ واري

خطرناڪ ويڙهه آهي.پنجاب سامراج وڏي اٽڪل،حرفت ڏوڪي سان هي جنگ وڙهي رهيو آهي.هن جنگ جي وسيلي ئي سامراج قومي آزادي جي تحريڪن جي درست،جائز، حقيقي هجڻ کي ڇيهو رسائي رهيو آهي.قومي آزدي جي جدوجهدن جاحقيقي بنيادءِ اخلاقي جواز ختم ٿي وڃن ته پوءِ انهن جي جاري رهڻ جو جوازءِ سبب به ختم ٿي ويندو آهي.ان ڪري اسان جي مٿان فرض آهي ته دشمن جي هنن سازشن،اٽڪلن ءِ حربن کي اٽل ارادن ءِ پختي عزم سان ناڪام بنايون.

******

جيڪي اتحادي سامراج کي اڪيلو ڪرڻ ءِ ان کي شڪست ڏيڻ ۾ سهڪار ڪن انهن جو پرجهلو ٿي بيهڻ گهرجي.

******

ترقي پسند قوتن جو مورال گهٽائڻ سان دشمن قوتن جو مورال وڌندو آهي.

******

قومي آزادي جي جدوجهد جي خلاف ٽيندڙ پرچار جو اٽل ارادن سان جواب ڏيو.

******

سامراج ئي انقلابين جي لاءِ دهشتگرد جو اصطلاح استعمال ڪندو آهي.

******

جدوجهد جي دوران جيڪڏهن ڪنهن کان غلطي ٿئي ته ان جو مقصد اهو قطعي به ناهي ته ان بنياد تي قومي آزادي جي جدوجهد جي خلاف محاذ کولجن،ان سان پنهنجي جدوجهد خلاف مخالفت جا بنياد پوندا.

******

سامراج جڏهن جدوجهد جي ابتدائي ڏاڪي تي انقلاب يا قومي آزادي جي تحريڪ جي ڪچي سلي کي ڇيپاٽي ختم نه ڪري سگهندو آهي ته پوءِ ان جي حڪمت عملي ان انقلابي تحريڪ کي هر صورت ۾ محدود ڪرڻ جي هوندي آهي.جو ته وسيع ءِ ڪشادي سياسي ءِ جنگي ميدان تي ضابطو آڻڻ ان جي وس ۾ نه هوندو آهي.پنجاب سامراج اها ڳالهه سمجهي ورتي آهي ته بلوچن ءِ سنڌين جي قومي آزادي جي جدوجهد اگر افغانستان جي سرحد کان وٺي راجستان جي سرحد تائين وسيع ٿي وئي ته پوءِ ان کي شڪست ڏيڻ ءِ ختم ڪرڻ هن رياست ته ڇا ڪنهن به طاقت جي وس جي ڳالهه نه هوندي. ان ڪري موجوده حالتن ۾ اسان جي اها ئي ڪوشش هجڻ گهرجي ته مظلوم قومن جي آزادي جي تحريڪ وڌيڪ ويسع ٿئي، اها ئي حڪمت عملي ءِ پاليسي اسان جي لاءِ سياسي ءِ جنگي لحاظ کان مفيد هوندي.

******

تنظيم هڪ مڪينزم، هڪ مڪمل نظام جو نالو آهي جنهن ۾ قوم جونصلاحيتون، جرتون، همٿون، قوت، سگهه ءِ ڏاهپ گڏ ٿينديون آهن.

******

سامراج مظلوم قوم کي سياسي،سماجي،معاشي،نفسياتي طور غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيندو آهي.ساڳي طرح غلام قوم جي آزادي جي جدوجهد به انهن عنصرن جي بنياد تي مشتمل هوندي.ڪنهن به انقلابي يا آزادي پسند تحريڪ يا تنظيم جو مقصد به اهو ئي هوندو آهي ته قوم کي سياسي، سماجي، معاشي ءِ نفسياتي بنيادن تي منظم ءِ متحرڪ ڪن.جڏهن قوم پنهنجن قومي مفادن کي سمجهندي آهي تڏهن ئي سامراج سان مزاحمت ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿيندي آهي.ان طريقي ڪار تي عمل ڪندي مظلوم قوم جي آزادي جي تحريڪءِ تنظيم طاقت جو توازن پنهنجي حق ۾ تبديل ڪرڻ جي قابل ٿي سگهندي آهي.

******

پنجاب جي سنڌ مٿان قبضي جي نتيجي ۾ سنڌ ءِ سنڌي قوم سياسي غلامي، سماجي انتشار،بدنظمي، اندروني تضادن،معاشي استحصال،ڦرلٽ،ڏاڍ جبر جو بدترين شڪار رهي آهي.سنڌي قوم جي هزارين سالن جي تاريخي ثقافت جي مٿان هٿ ٺوڪي پنجاب جي ثقافت مڙهي وئي آهي.نفسياتي طور تي سنڌي قوم جي حوصلي، همت ءِ اعتماد کي منظم طريقي سان ختم ڪيو ويو آهي.اهڙين حالتن ۾ اسان جي مٿان اها ذميواري عائد ٿئي ٿي ته پنهنجي قوم ءِ وطن جي دفاع لاءِ اڳيان اچون.

******

هر جنگ جو بنياد نفسياتي ويڙهه ءِ ڏوڪي تي رکيل هوندو آهي.

******

هن وقت دماغن ءِ تخليقي صلاحيتن جي جنگ هلي رهي آهي، جيڪو پنهنجن ذهنن،صلاحيتن، اهليتن کي بهتر طريقي سان استعمال ڪندو اهو ئي هن ويڙهه ۾ ڪامياب ٿيندو.

******

جيڪو سامراج جي سازشي ذهنيت کي سمجهي ويندو اهو ان جي حڪمت عملين کي سمجهڻ ۾ ڏوڪو نه کائيندو.

******

اسان جي هن وقت اها ئي اهم ذميواري آهي ته قومي تضاد کي ڪنهن به صورت ۾ ڏندلو ٿيڻ نه ڏيون.دشمن هزارين هربا هلائي ءِ اٽڪلون ڪري، اسان پنهنجي موقف ۾ واضع ءِ چٽا هجون.اها اسان جي

وڏي فتح هونديءَدشمن جي شڪست هوندي.

******

ڪنهن ڪي اها ڄاڻ آهي ته دشمن جو مورال وڌائڻ آزادي پسندن جي لاءِ ڪيترو خطرناڪ ثابت ٿيندو؟ڇو ته دشمن جي جنگ ڪٽڻ جو اهم سبب اهو مورال ئي هوندو آهي. ڪنهن کي اها خبر به آهي الائي نه ته سڀ کان اول دشمن جو حوصلو، همت،جرت، ڪردار ۽ معيار ڪرندو آهي ته ان کي نفسياتي شڪست اچي ويندي آهي.اها نفسياتي شڪست سامراج جي تباهي جو اهم سبب بڻجندي آهي.جڏهن دشمن جو مورال وڌندو آهي ته ترقي پسند قوتن جي لاءِ وڏو خطرو پيدا ٿي پوندو آهي.

******

مستقبل ۾ سنڌ جي اندر سامراج جيڪو وڏو آپريشن ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو آهي ان لاءِ اول ڪين ان ڳالهه جي ضرورت محسوس ٿي ته سنڌي قوم،فوج ۽ ان جي ٻين سفاڪ ادارن کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان سڄڻ ۽ دوست محسوس ڪري ته جيئن ان راءِ جي تحت دشمن آسانيءَ سان خود سنڌ جي قوم پرستن کي ڪچلي سگهي ۽ ڪير به ان ڪڌي عمل جي خلاف آواز اٿاري نه سگهي.جنهن کي قوم دوست سمجهندي ان جو هر عمل به سنڌ دوستي وارو سمجهڻ لڳندي پوءِ تباهي ئي تباهي هوندي هر ڪو تماشو ويهي ڏسندو.

******

سامراج جو ڪو به عمل، اٽڪل،حرفت،ڏوڪي، فريب ۽ سازش کان خالي نه هوندو آهي.سامراج جيڪي به قدم کڻندو آهي، ان جي پٺيان ان جي سوچ،رٿابندي ضرور هوندي آهي.ان لاءِلازمي آهي ته سامراج جي هر قدم جي پويان ان جي پس پرده سوچ،رٿابندي کي ذهن ۾ ضرور رکون.بس اهو ياد رکون ته سامراج هر صورت ۾ سامراج ئي هوندو آهي، مظلوم قومن جي لاءِ اهو ڪنهن به صورت ۾ معتبر نه ٿو ٿي سگهي.

******

اڪ اُلٽي ڏار! عام فردن جي خيالن، سوچ، عملن، روين، طور طريقن، رستن جي ابتڙ پنهنجا الڳ خيال، سوچون، رويا، طور طريقا ۽ رستا جوڙيو.

******

ويڙهه وڙهڻ جي همت ۽ جرت هجي ته جنگ وڙهڻ جو فن سکي سگهجي ٿو، پر جيڪڏهن ڪنهن ۾ وڙهڻ جو جرت ناهي ته پوءِ جنگي فن ۾ مهارت به ڪا معني نٿي رکي.

******

غلامي جي حالت ۾ جڏهن ڪا قوم سامراج سان ٽڪراءُ ۾ ايندي آهي تڏهن ئي ان جو نئون جنم ٿيندو آهي.

******

قوم هنگامي ۽ جنگي حالت ۾ تمام جلد منظم ٿيڻ شروع ٿيندي آهي.

******

جيڪڏهن اسان خود ئي قوم ۽ ڪارڪنن ۾ خوف پيدا ڪيون ته اهو ڊپ سامراج جي پيدا ڪيل ڊپ کان وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿيندو. حقيقت ۾ اها اسان جي پنهنجي وجود خلاف پاڻ طرفان شروع ڪيل جنگ هوندي.

******

پلي جو ڪي فرد سامراج سان اسان جي مزاحمت کي خودڪشي سمجهن. پر سيني کي اهو سمجهڻ گهرجي ته هن ننڍڙي جنگ ۾ وسيع جنگ جا عنصر موجود آهن ۽ اهي ئي سيڪڙات سپاٽي جا ماهر جنرل بڻبا.

******

67 سالن کان وني اسان جي وڏن مصلحتون ۽ سمجهوتا ڪيا آهن. ائين ڇوڻ دراصل ٿيندو ته غلامي اسان کي وراثت ۾ ڏني وئي آهي. جيڪڏهن ابتدا کان سامراج خلاف جدوجهد ڪئي وڃي ها ته حالتون ڪجهه ٻيون هجن ها.

******

شروع ۾ طاقت جو سمورو توازن سامراج طرف هوندو آهي، ان ڪري ابتدائي ڏاڪي ۾ انقلابين جو وڌيڪ نقصان ٿيندو آهي. هٿياربند ويڙهه طاقت جي توازن جي تبديلي جو اهم ذريعو هوندي آهي.

******

رواجي جنگ ٻن برابر قوتن جي وچ ۾ هوندي آهي، پر هٿياربند ويڙهه ٻن غيرمتوازن قوتن جي وچ ۾ وڙهي ويندي آهي. هڪ پاسي طاقتور سامراج ته ٻي طرف مظلوم ۽ هيٺي قوم هوندي آهي.

******

جسمم ڪارڪن پنهنجون خوبصورت جوانيون ارپي وطن سان ڪيل وچن نڀائي رهيا آهن. اسان قوم جي آزادي پنهنجين زندگين کان وڌيڪ عظيم سمجهون ٿا.

******

فرانز فينين جو چوڻ آهي ته انقلابين جي قدمن جي هيٺيان رت جون نديون وهنديون آهن. اسان کي به اهو نه وسارڻ گهرجي ته سوڀ برابر سسيون توريا تا نه ترن

******

قوم جي اهڙي ورهاست (Compartmentalization) خاڪو (Design)

سامراجين پنهنجن سامراجي مفادن جي پوراءَ لاءِ ترتيب ڏنو آهي.جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي قوم جي مفادن،بڻدي،يڪجهتي،ايڪيءِاتحاد کي وڏو نقصان پهتو آهي.ان صورتحال ۾ جڏهن سماجي بيهڪ ٽٽل هجي،قوم بدنظمي،ٽوڙڦوڙ،انتشار، نفاق جي ورچڙهيل هجي ته پوءِ قوم جي باشعور،پڙهيل لکيل فردن،قومي ڪارڪنن جي مٿان اها ذميواري عائد ٿئي ٿي ته اهي هن ڳنڀير صورتحال ۾ پنهنجو قومي ڪردار ادا ڪن.هنن حالتن ۾ سياسي سرگرمي،آزاديءَ جي جدوجهدءِ سامراجي قوتن خلاف قومي مزاحمت هڪ خاص اهميت رکن ٿا.وطن جي آزاديءَ جي جدوجهد کي وڌيڪ سگهارو،طاقتور،منظم،مستحڪم، سنجيدا بنائڻ ۾ مثبت ڪردار ادا ڪيون.

******

هڪ اصول: منظم تنظيم، سگهاري جدوجهد، يقيني فتح

******

قومي تحريڪ جي ڳاڙهي جهنڊي جا ٻه رنگ آهن(1)ڳاڙهو(2)اڇو.اڇي رنگ جي اندر ڪاري رنگ جي ڪهاڙي آهي.اهي ٽئي رنگ الڳ الڳ علامتن کي ظاهر ٿا ڪن.(1)ڳاڙهو رنگ انقلاب ۽ رت جي علامت آهي.دنيا جي سمورين انقلابي تنظيمن جي جهندن ۾ ڳاڙهي رنگ کي انهن علامتن لاءِ استعمال ڪيو آهي. (2)ڪهاڙي سنڌ جي ثقافتي سجاڳ آهي، جنهن کي عام طور تي ته پورهئي لاءِ به استعمال ڪيو ويندو آهي ته ان سان گڏوگڏ اها ئي ڪهاڙي سنڌي ماڻهو اڄ به پنهنجي حفاظت لاءِ استعمال ڪندا آهن.دنيا جي مختلف ملڪن جي تنظيمن ويڙه جي لاءِ مختلف علامتن جو استعمال ڪيو آهي. سوشلسٽن جهنڊي ۾ڏاتو ۽ هٿوڑو استعمال ٿيل آهي،جيڪي به ٻنهي معنيٰ واري علامت آهي.(3)جهنڊي ۾ ڏنل اڇو رنگ امن جي علامت کي ظاهر ٿو ڪري.......ڳالهه صاف ۽ سڌي آهي ته وطن جي آزاديءَ لاءِ اول ويڙهه ٿيندي،رت وهندو ۽ آزديءَ کان پوءِ ئي حقيقي معنيٰ ۾ امن قائم ٿيندو.اهو ئي اسان جي لاءِ امن،سک،شانتي وارو دور هوندو جڏهن اسان آزاد ٿينداسين.

******

ڪجهه ڏينهن کان اهو بحث وڏي زور سان هلي رهيو آهي، ته آزادي جي ڳاڙهي جهنڊي ۾ ڪهاڙي پورهئي جي علامت آهي يا مزاحمت جي. ڪهاڙي واورجهنڊو نه صرف اسان جي آزادي جي جدوجهد جي علامت آهي پر ان سان گڏوگڏ آزاد سنڌوديش جو جهنڊو به هوندو.سمورين تنظيمن جي آئينن ۾ ڏنل ڪهاڙيءَ بابت وصفءِتشريح جي ابتڙ رڳو اهو ٿو چيو وڃي ته جهنڊي ۾ ڏنل ڪهاڙي صرف ءِصرف پورهئي جي علامت آهي.جڏهن ته آئين ۾ اهو صاف صاف لکيل آهي ته ڪهاڙي قومي مزاحمت جي پڻ نشاني آهي. موڪي افسوس اهو چوڻو ٿو پوي ته جهنڊي ۾ انقلاب ۽ رت جي علامت طور ڏنل ڳاڙهي رنگ بابت به هاڻي ڪا مختلف وضاحت سامهون ايندي.ايئن ئي اڳتي هلي ننڍين ننڍين ترميمن کان پوءِ سائين جي ايم سيد جي فڪر ۾ ترميم ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿي ويندو.اهو وساريندي ته فڪر ۾ ترميم پسندي انتهائي خطرناڪ ۽ ڀيانڪ عمل آهي،جيڪا تحريڪن کي اوجهڙ ۾ اڇلائندي آهي،ان قسم جي ترميم جيڪا قومي تحريڪ جي بنيادن کي لوڏي، ان کي ڊيٽريڪ ڪري،جيڪا تحريڪ جي نظرياتي بنيادن کي ڇيهو رسائي ان قسم جي ترميم ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪرڻ جوڳو نه آهي.

******

ڪا به انقلابي ڌر اگر سامراج جي خلاف حقيقي انقلابي جدوجهد جا بنياد وجهندي آهي ته نه اها صرف سامراج جي طرفان ٽڪساٽ وسيلي پيدا ٿيل سماجي جمود،ماٺار خاموشيءَ کي ٽوڙيندي آهي پر ان سان گڏوگڏ سالن جي جدوجهدڪان پوءِ به پيش قدمي ڪري نه سگهندڙ تنظيمنءِانهن جي قيادت لاءِ به سوال پيدا ڪنديون آهن.جسمر جي طرفان شروع ڪيل جدوجهد،وطن عزيز جي دفاع جي لاءِ مزاحمت دوران سامراج سان سينون ساهڻ، باهه جي آڙاهه ۾ ڪڏي پوڻ،وطن جي دفاع خاطر ڪسجڻ ڪري قومي تحريڪ جي تنظيمن،انهن جي حڪمت عملين،ڍنگ ۽ طريقي ڪار جي لاءِ به هزارين سوالن کي جنم ڏنو آهي. جسمر جي جدوجهد سنڌ جي تاريخ جي ڪردارن راجا ڏاهر،دودي سومري، مخدوم بلاول،دولهه دريا خان، شهيد شاهه عنايت، هوشو شيدي، روپلو ڪولهي، هيمون ڪالاڻي، سورهيه شاهه بادشاهه جهڙن مزاحمتي ڪردارن کي وري جنم ڏنو آهي،نه صرف انهن ڪردارن کي وري اڀاريو آهي پر ان سان گڏوڏ انهن جي روايت سان به خوب نڀايو آهي. اهو جسمر جو ئي آفاقي ڪم آهي جو جسمر سنڌ جي ماضيءَ جي تاريخءِان جي عظيم ڪردارن کي تاريخي تسلسل ڏنو آهي.جسمر جي تاريخي،اصولي ءِسائين جي ايم سيد جي نظرياتي ۽ فڪري بنيادن سان نهڪندڙ مزاحمتي موقف جو سائين عطامحمد ڀنڀري چٽوءِواضع اظهار ڪيو آهي.ان سان اختلاف ءِمخالفت ڪندڙڌر يا فرد تاريخ، تهذيب ۽ آزاديءَ جاانڪاري آهن.مستقبل ۾ انهن ڌرين جا

رڍانقلابي ثابت ٿيڻ جا چٽاءِواضع آثار نظر اچي رهيا آهن.جسمم جي مزاحمتي موقف،عمل،ڪردارءِ پنيري صاحب جي مزاحمتي لائين تاريخي ۽ انقلابي اصولن جي عين مطابق ثابت ٿي رهي آهي ان ڪي رد ڪرڻ وطن،ڌرتيءِقوم جي بقا،سيد جي فڪر تان بزدل ۽ پاڙيو ٿي هٿ ڪڻڻ جي برابر آهي.

******

سواتي،وانا ۽ وزيرستانن جي ايندڙ لوڌن خلاف ڪجھ سال اڳ ۾ جسمم جدوجهد جا بنياد وڌا هئا ان وقت جسقم آريسر ڪان سواءِ سيني اسان کي دهشت گرد قرار ڏنو هو، ڪجھ ڌرين وري ڌارين جي لوڌن کي روڪڻ ۾ پنهنجو نالو چمڪائڻ جي ڀرپور ڪوشش به ڪئي هئي. اڄ جڏهن هڪ دفعو ٻيهر اهي وانا،وزيرستاني ۽ سواتي پناڻ سنڌ جو رخ ڪري رهيا آهن ته قومي تحريڪ جون مختلف تنظيمون هڪ دفعو ٻيهر ان ڪوشش ۾ رڌل آهن ته جسمم کي هن اهم گهڙيءَ ۾ اهم معاملن کان پري ۽ اڪيلو ڪيئن ڪجي.اهو ممڪن نه آهي ته سنڌ جي ان ڌر ۽ تنظيم کي اڪيلو ڪجي جيڪا وطن جي آزاديءَ ۽ سنڌي قوم جي بقا لاءِ پنهنجاسر ۽ جانن جا نظرانا ڏيڻ جي لاءِ هر وقت تيار هجي.

******

جسمم جو ڪو به ڪارڪن،همدرد،دشمن جي طرفان ملندڙ تڪليفن،عذيتن، تشدد،ڦاهين،گولين،شهادتن ۽ پنهنجن جي طرفان ڌڪارڻ،الڳ ڪرڻ،ڌڪي ڌار ڪرڻ تي نه پريشان ٿئي ۽ نه ئي گهبرائي، چو ته جڏهن به سنڌ جي جديد تاريخ لکي ويندي ته جسمم جي پنهنجي وطن،ماتر ڀومي سنڌ جي آزاديءَ،قومي تشخص جي بحاليءَ لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ ان جدوجهد جي دوران ڏنل قربانين جو ذڪر سڀ کان اول ۽مٿانهون هوندو. اسان وٽ قومي آزادي جي معاملي تي هڪ سيڪڙو به شڪ جي گنجائش نه آهي نه ئي اسان جي ذهنن ۾ ناممڪن جهڙن لفظن جو وجود آهي.اسان وٽ رڳو هڪ ڳالهه طئي آهي ته پنجاب سامراج کي شڪست ڏيڻي آهي جيڪا تاريخ ۾ اسان جي سمورين شڪستن جو پلاند هوندي.

******

ها اسان باغي آهيون! وحشي،سفاڪ،جابر،فاشي پنجاب سامراج ۽ ان جا اتحادي پناڻ ظلمءِڏاڍ،جي ڪک مان پيدا ٿيا آهنءِ تشدد جي فضا ۾ وڏيا ويجها آهن.اهي سامراجي جبر ۽ ڏاڍ جا پالڻهار آهن.اهي ئي مظلوم قومن جي حقن جي ڳالهه ڪندڙن جي لاءِ فاشي ۽ انڌا قانون جوڙيندا آهن،اهي سامراجي سنڌين ۽ بلوچن جي رت تي پلجن ٿا.اهي ئي سنڌين ۽ بلوچن جي تاريخي وجود جا ويريءِانڪاري آهن.اسان سنڌي ۽ بلوچ سامراج جي هن غلامي جي نظام جا باغي آهيون ها باغي آهيون پلي ان بغاوت جي نتيجي ۾ اسان جي مٿان ڪيترو به تشدد ڪيو وڃي،پلي ماريو وڃي، پلي ڦاهيءَ چاڙهيو وڃي. ها اسان باغي آهيون، ها اسان باغي آهيون، ها اسان باغي آهيون

******

سائين جي ايم سيد جاهي جملا بلڪل درست ثابت ٿيا آهن حاڪم جي قلم جي هڪ نوڪ محڪوم جي سمورين ڪوششن تي پاڻي ڦيرڻ لاءِ ڪافي ٿئي ٿي. (سائين جي ايم سيد) ون يونٽ کان پوءِ وارو سنڌ جو ادب ۽ سنڌ جو اديب ۽ دانشور پٺي ۽ رياست جي دٻ جي اڳيان نه بيهي سگهيو .

******

سنڌ ۽ سنڌي قوم تاريخ جي انتهائي نازڪ،فيصلا ڪن موڙ تي اچي بيٺي آهي.جتي اڄ جون حالتون اسان کان انتهائي اهم فيصلن،سنجيدگي، سرگرم، متحرڪ ڪردار جون تقاضا ڪري رهيون آهن.ان صورتحال ۾ ٻڌتر،ٽال مٽول،اگر مگر چونڪي چناچي جي ڪابہ گنجائش موجود نه آهي.چو ته ان قسم جي سوچ ۽ رويا سنڌ ۽ سنڌي قوم جي وجود جي لاءِ انتهائي خطرناڪ ۽ نقصانڪار ثابت ٿيندا. اگر ڪو به پڙهيل لکيل، ساڃاه وند فرد، اديب دانشور پنهنجو حقيقي ڪردار ادا نه ٿو ڪري ته پوءِ اسان کي هڪ انقلابي، وطن دوست،قومي ڪارڪن جي حيثيت ۾ ليکو ڪيڏڻ گهرجي، انهن اديبن دانشورن کي غير انقلابي فردن،غير سنجيدا ڪارڪنن کي الڳ ڪري بيهارڻ گهرجي،انهن جي ڪردار کي واضع ۽ چٽو ڪجي پوءِ پلي پنيور کي باه چو نه لڳي وڃي. پلي سنڌ جا مهان ڏاها،غير سنجيدا فردڪاوڙجن چڙن،پلي اهي اسان کي تنقيد جو نشانون بنائن.اهو اسان جو تاريخي فرض آهي جيڪواسان کي هر حال۾ ۽ هر صورت ۾ ادا ڪرڻو آهي.

******

غير جانبدار رهندڙ فرد،دانشور، اديب قوم کان الڳ رهي ان جي نمائندگيءَ جي ڳالهه ڪندا آهن،ايئن چئجي ته اهڙا فرد وطن ۽ قوم جي لاءِ ڌارئي جي مثل هوندا.ان ڪري ته الڳ ۽ غير جانبدار رهي قوم جي نمائندگي ڪرڻ جي ڳالهه ڪندا آهن. تاريخ ۾ اهڙن فردن جو ڪوبہ ڪردار نه هوندو آهي.

******

نفسياتي جنگ، پرچار، افواهن، الزام تراشين، قيادت کي نشانو بڻائڻ جو مقصد آخر آهي ڪهڙو؟

رياست طرفان جسمر خلاف نفسياتي جنگ وڙهڻ جو مقصد اهو آهي ته جيئن همدردن، ڪارڪنن، حمائتين، فردن، ماڻهن جي قدرن، روين خيالن، سوچن، شعور،فهم،جذبن، ويساه کي تبديل ڪجي نتيجي ۾ جسمر جي همدرديون، حمائتون، قوم جون محبتون ختم ٿي وڃن ۽ جسمر اکيلي ٿي وڃي.ان رٽا تي هن طريقي سان ڪم ڪيو پيو وڃي:

(1) سڀ کان اول قيادت کي نشانو بنايو پيو وڃي.
(2) پوءِجسمر کي نشانون بنايو پيو وڃي.
(3) پاليسين کي غلط ثابت ڪيو پيو وڃي.
(4) قومي مزاحمت جي اهميت ختم ڪيو.
(5) افواه ڦهلايا پيا وڃن.
(6) غليظ پرچارڪرڻ.

ڏگهي وقت کان ايجنسين جي اها ئي ڪوشش رهي آهي ته ڪنهن به طريقي سان جسمر جي سياسي ساک، شهرت کي نقصان رسائجي، قيادت،ڪارڪنن جي همت ۽ حوصلي کي ڪمزور ڪجي،تنظيم کي نيست ونابوت ۽ ڪمزور ڪجي، مايوسي ۽ نااميدي پيدا ڪجي،تنظيم ۾ انتشارءِٽوڙ ڦوڙ لاءِ جيڪو ڪجهه انهن جي وس ۾ هو ايجنسين ڪيو پيئي.هن وقت هڪ منظم رٽا بنديءَتحت جسمر جي خلاف نفسياتي جنگ ۽ منفي پرچار جو محاذ کوليو ويو آهي.اهو سامراج آهي جيڪو جسمر تي پابندي به هٽي ٿوته ان جي قيادت ۽ ڪارڪنن کي قتل به ڪري ٽوپرپوءِ به جسمر تي ضابطو آڻڻ ان جي وس ۾ ناهي رهيو.

******

جسمر خلاف جاري نفسياتي جنگ:جڏهن به انقلابن ۽ گوريلن سامراج مٿان حملو ڪيو آهي ته "سامراجي چوندا آهن ته نه لڳو،گسي ويو،ڪجهه به نه ٿيو،صفا ڪجهه ٿيو ئي نه"پلي جوانهن حملن رياست کي پريشان ڪري ڇڏيوهجي،ننڊون حرام ٿي ويون هجنن،سيڪيورٽي جو نظام تباه ٿي ويو هجي،نفسياتي طور پريشان هجن،فيصلن ڪرڻ جي صلاحيت ختم ٿي وئي هجين، پر انهن جي ٻولي اهائي هوندي آهي.پر جڏهن ان "ڪجهه نه ٿيڻ" جي ردِ عمل ۾ رياست ڪارڪنن کي قتل ٿي ڪري ته وڏي واڪي پرچارڪ ڪندا ته بابا "تباه ڪري ڇڏيوسين ،ڇٽي ڇڏيوسين، ختم ڪري ڇڏياسين، ڪجهه بچيو ئي ناهي، مزاحمت ختم ٿي وئي، هاڻي ڪير مزاحمت جو نالو ئي نه ڪٽندو".رياست جيڪو ڪجهه اظهاري ٿي ته وري منافق ته انهن کان به اڳيرا.....سامراج جا به مقصد ساڳيا ته جسمر کي ڪنهن به طريقي سان ڪمزور ڪجي.....ڪارڪنن جي همت ۽ حوصلو ختم ڪجي....تنظيم کي ٽوڙجي....قيادت کي بدنام ڪجي.رياست ۽منافقن ۽ چاڙتن جي ٻوليءَ ۾ ڪوئي فرق نه....بنهي جي نشاني تي جسمر...قيادت....پاليسي ...نقطي نظر.....ويڙه....ڪارڪن! نفسياتي جنگ، پرچارڪ، افواهن، الزام تراشين، مايوسي پيدا ڪرڻ،قيادت کي نشانو بڻائڻ جو مقصد آخر آهي ڪهڙو؟ رياست طرفان جسمر خلاف نفسياتي جنگ وڙهڻ جو مقصد اهو آهي ته جيئن همدردن،ڪارڪنن،حمائتين،فردن،ماڻهن جي قدرن، روين خيالن، سوچن، شعور،فهم،جذبن،ويساه کي تبديل ڪجي،نتيجي ۾ جسمر جي همدرديون،حمائتون،قوم جون محبتون ختم ٿي وڃن ۽ جسمر اکيلي ٿي وڃي.ان رٽا تي هن طريقي سان ڪم ڪيو پيو وڃي:

(1) سڀ کان اول قيادت کي نشانو بنايو پيو وڃي.
(2) پوءِجسمر کي نشانون بنايو پيو وڃي.
(3) پاليسين کي غلط ثابت ڪيو پيو وڃي.
(4) قومي مزاحمت جي اهميت ختم ڪيو.
(5) افواه ڦهلايا پيا وڃن.
(6) غليظ پرچارڪرڻ.

ڏگهي وقت کان ايجنسين جي اها ئي ڪوشش رهي آهي ته ڪنهن به طريقي سان جسمر جي سياسي ساک، شهرت کي نقصان رسائجي، قيادت،ڪارڪنن جي همت ۽ حوصلي کي ڪمزور ڪجي،تنظيم کي نيستونابوت ۽ ڪمزور ڪجي،مايوسي ۽نا اميدي پيدا ڪجي،تنظيم ۾ انتشارءِٽوڙ ڦوڙ لاءِ جيڪو ڪجهه انهن جي وس ۾ هو ايجنسين ڪيو پيئي.هن وقت هڪ منظم رٽا بنديءَتحت جسمر جي خلاف نفسياتي جنگ ۽ منفي پرچار جو محاذ کوليو ويو آهي.اهو سامراج آهي جيڪو جسمر تي پابندي به هٽي ٿو ته ان جي قيادت ۽ ڪارڪنن کي قتل به ڪري ٿو. ٻئي پاسي وري اهي ماڻهو آهن جيڪي، موقعي جي تلاش ۾ آهن،اهي به ويس مٽائي،نالا تبديل ڪري ساڳي ئي ڪٽي ڪرت سان لڳل آهن.اهي به ڪات ڪهاڙا ڪٽي،وڏي مڪاري ۽ بيبائيءَ سان جسمر جي خلاف پرچارڪ جي ڪم سان لڳي ويا آهن.انهن جو به ڪم ساڳي نوعيت جو آهي .الزام تراشيون،بهتان بازيون.افواه ن جا ته اصل ۾ ڍڳ لڳائي ڇڏيا اٿن.انهن جي به مرضي اها آهي ته

ڪنهن به طرح ،ڪهڙي به صورت ۾جسمم جي قيادت کي داغدار ڪجي،ڪارڪنن ۾ شڪ شبها پيدا ڪجن، انهن جا ذهن خراب ڪجن، همدردن ۽ حمائتن کي جسمم کان پري ڪجي. جسمم خلاف ڪو به موقعو،محل هٿان وڃڻ نه ڏجي.انهن جي مخالفت جو مرڪز سامراج ناهي جيڪو سنڌ جا گهوٽ پٽ ٿو قتل ڪري،نه سامراج جون سنڌ دشمن پاليسيون آهن، انهن جي مخالفت جو محور آهي ته صرف ئي صرفجسمم۽ جسمم چيئرمين شفيع محمد برفت،جسمم جون سامراج دشمن پاليسيون۽قومي مزاحمت.
ان سڀني ماحول کي نظر ۾ رکندي جسمم ڪارڪنن،همدردن،محبِ وطنن،مٿان اها ذميواري ٿي عائد ٿئي ته اهي صحيح ۽ غلط جي وچ ۾ فرق کي سمجهن، اصولي موقف ۽ قومي مزاحمت جو دليلن سان پرپوردفاع ڪن.

******

سامراجي قوتن جي هميشه اها ئي ڪوشش هوندي آهي ته انقلابي ۽ قومي آزاديءَ جي ويڙه کي "ڪچي ۾ ئي چيپاٽي" ڇڏجي.سامراج ان ڪري پهرئين ڏاڪي تي ئي انقلابين جي خلاف وحشياڻيو ڪاروايون ڪندو آهي.قيادت ۽ ڪارڪن کي قتل ڪيو ويندو آهي ته جيئن انقلابي تحريڪ اڳتي نه وڌي سگهي.ان جي ابتڙ انقلابي ۽ وطن دوست هر صورت ۾ ان "ڪچي سلي" کي بچائڻ جا جتن ڪنديون آهن، جو ته جدوجهد جيئن جيئن سگهاري ٿيندي ويندي آهي سامراج اوتر ئي ڪمزور ٿيندو ويندو آهي.سنڌ جي قومي آزادي جي تحريڪ لاءِ ته معاملو ئي ٻيو آهي.هڪڙي پاسي سامراج آزاديءَ جي تحريڪ کي مڪمل طور ختم ڪرڻ جي تيارين ۾ آهي ته ٻئي طرف اسان جا نادان دوست وري ايئن ٿا ڪن ته جي سامراج هٿان "ڪچو سلو" ختم نٿو ٿئي ته اسان خود ايتري گرمائش ۽ تپش پيدا ڪيون جو اهو انقلاب۽ آزاديءَ جو "ڪچو سلو"ان تپش ۽ گرمائش ۾ لوساڻجي ختم ٿي وڃي.

******

جيڪڏهن اسان تبديلي چاهيون ٿا ته پوءِ سڪٽي خواهش کي ڇڏي جستجون ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن آزادي جي خوابن جي تعبير حاصل ڪرڻي آهي ته پو جدوجهد به ڪرڻي پوندي، جي جدوجهد ڪنداسين ته پوءِ جان به گهورڻي پوندي. سنڌ جي آزادي جي ڏنڏلي ٿي ويل رستي کي "ويهن واٽن مان" ڳولهي لڌو آهي،ان رستي تي اٽل ۽ مضبوط ٿي بيهڻون پوندو،جي اڄ اسان اهو رستو وڃايوسين ته پوءِ اسان جا ايندڙ نسل صدين تائين اهورستو لڀي نه سگندا.ان ڪري نه ڪنهن کي اهو رستو ڏنڏلو ڪرڻ ڏيڻون آهي،نه ئي ان رستي تا هٽنداسين.

وطن جي آزادي جي جنگ آهي،هي ويڙه ڊگهي به ٿي سگهي ٿي ان ڪري وڏي همت ۽ حوصلي سان، وڏي صبر۽ تحمل سان، عقل۽ فهم سان اسان کي هي جنگ وڙهڻي آهي.جيڪو به پاڻ گهاءَ ڪائڻ ۽ دشمن کي گهاءَ ڏيڻ ڄاڻي،جيڪو مرڻ ۽ مارڻ ڄاڻي،جيڪو انتهائي درجي جي سختين،مشڪلاتن کي منهن ڏئي سگهي هي جنگ جو ميدان انهن سرويچن جو آهي. ڳالهه بلڪل چٽي آ ته "جنهن کي جان پياري آ مقتل ۾ سو آيو ڇو".لطيف سرڪار چيو آته:

وندر جي وجن،سي مر ٻڌن سندرا،
ٻيون ڪوه ٻڌن چوڙي جي ڇڏينديون.

اسان سان هن قومي جنگ ۾ گڏ اهو هلي جيڪو پنهنجي جان مقصدن کان وڌيڪ پياري نه سمجهي.سڏون ڪنڌڙن،خواهشون رکندڙن جي هن ويڙه ۾ جڳهه نه آهي. هي ڏاڍو ڏکيو پنڌ آ، ڏاڍو اٽانگو سفر آ.هن پنڌ تي هلڻ،هن راه تي سفر ڪرڻ هر ڪنهن جي وس ۾ ناهي.
سڏائتي سڀ ڪا ، ٻڪ نه ٻاسي ڪا،
جيهيءَ تيهيءَ ذات جي،جنبش ناهي جا،
مون سين هلي سا،جا جيءُ مٿو نه ڪري.

******

# جسمم جو سياسي ۽ مزاحمتي سفر: حفيظ سنڌي

17.01.2015ع تي سن ۾ سائين جي ايم سيد جي سالگره جي موقعي تي سن بائي پاس کان جسمم جي مرڪزي اڳواڻن جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي جي صورت ۾ سائين جي ايم سيد جي مزار تي حاضري ڏيڻ ۽ قومي ترانو پڙهڻ کان پوءِ شهيدن جي مزار تي حاضري ڀري ۽ قومي ترانو پڙهيو ان کان پوءِ جسمم جي پنڊال ۾ داخل ٿيا.جتي اسٽيج تي پهچڻ کان پوءِ سنڌ جو قومي ترانو پڙهيو ويو ۽ ان کان پوءِ جسمم جي مرڪزي اڳواڻن ۽ شهيدن جي والدي مختلف قومي اڳواڻن سائين جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو.ان کان پوءِ سائين جي ايم سيد جي سنڌ لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ سنڌو ديش جو نظريو ڏيڻ جي پاداش ۾ قيد و بند جون صعوبتون برداشت ڪرڻ ۽ مستقل مزاجيءَ سان سنڌي قوم جي رهبري ڪرڻ تي ڪيس قومي سلام پيش ڪيو ويو ۽ وچن ڪيو ويو ته ساهه جي آخري هڏڪيءَ تائين سنڌو ديش جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي .پروگرام جي آخر ۾ جسمم جي چيئرمين محترم شفيع محمد برفت جي پيغام نشر ٿيڻ کان اڳ ۾ سڄو پنڊال مرڪزي اڳواڻن سميت اٿي بيهي پنهنجي بهادر چيئرمين جي آجيان ڪئي ۽ پوءِ ويهي سڪون سان خطاب ٻڌو .

05.03.2015 تي شهيد سميع الله ڪلهوڙو ۽ شهيد ذوالفقار ڪولاچي جي ورسي جي موقعي تي جسمم جي مرڪزي اڳواڻن ۽ قومي ورڪرن مزارن تي حاضري ڏني ۽ گلن جون چادرون چاڙهيون.

08.04.2015 تي معدني وسيلن جي ڦرلٽ خلاف سڄيءَ سنڌ ۾ جسمم جي مرڪزي سڏ تي احتجاج ڪيا ويا.

17.04.2015 تي اوروميا قوم جي يڪجهتيءَ لاءِ ۽ ان تي ٿيندڙ ظلم خلاف سڄي سنڌ ۾ احتجاج ڪيو ويو.

21.04.2015 تي شهيد سرائي قربان کهاوڙ،شهيد نورالله تنيو، ۽ شهيد نادر بگٽي جي مزارن تي شهداد ڪوٽ ۾ مرڪزي اڳواڻن ۽ قومي ڪارڪنن حاضري ڏني ۽ گلن جون چادرون چاڙهيون

25.04.2015 .تي سن ۾ سائين جي ايم سيد جي ورسي ملهائي وئي،روايت موجب انڊس هائي وي کان مزار تائين مرڪزي قيادت سينيئر وائيس چيئرمين لالا اسلم پٺاڻ،وائيس چيئرمين ڊاڪٽر زين پٿو،شبير ملاح،راجا ڏاهر پنيرو،حفيظ پيرزادو جي اڳواڻيءَ ۾ هزارين ڪارڪنن سميت پنڊ ريلي جي صورت ۾ سائين جي مزار تي حاضري ڏيڻ،گلن جون چادرون چاڙهڻ،۽ قومي ترانو پڙهڻ کان پوءِ شهيدن جي مزارن تي گلن جون چادرون چاڙهيون ۽ قومي ترانو پڙهي ڪين سلامي ڏني وئي پوءِ پنڊال ۾ جلسي جي ڪاروائي شروع ٿي.جلسي گاهه کان شهيدن جي مزارن تائين هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو موجود هئا.جن مڪمل طرح سڪون سان باوجود سخت گرميءَ جي عورتن ۽ ٻارن سميت اڳواڻن جون تقريرون ٻڌيون.جن سائين جي ايم سيد جي فڪر تحت سنڌو ديش جي آزاديءَ لاءِ وچن ورجايو.آخر ۾ جڏهن جسمم جي بهادر چيئرمين محترم شفيع محمد برفت جي پيغام نشر ٿيڻ جو اعلان ڪيو ويو ته هزارين ماڻهن اٿي بيهي چيئرمين صاحب جي اعلان جي آجيان ڪئي ۽ انائونسمينٽ ٻڌڻ کان پوءِ قومي تحريڪ جي ٻين جلسن مان ڪيترائي قومي ورڪر پنهنجي محبوب اڳواڻ جي تقرير ٻڌڻ جي لاءِ جسمم جي پنڊال ڏانهن ڊوڙندا آيا ۽ چيئرمين جي خطاب کي احترام ۽ سڪون سان ٻڌو.ان کان پوءِ جلسو اختتام پذير ٿيو،جسمم جا ورڪر سن مان اتساهه وني نئي ازم ۽ حصلي سان پنهنجن پنهنجن علائقن ڏانهن واپس وريا ۽ پرجوش ۽ ولولي سان مزاحمتي ۽ سياسي سفر کي جاري رکيو پيا اچن.ان کان سواءِ جسمم جي طرفان سنڌ جي قومي شهيدن شهيد پريم ديوان،شهيد منير خان چولياڻي،سائين ضامن شاهه،شڪيل ڪونهارو،جي ورسين تي جلسا ڪيا ويا.جڏهن ته شهيد مظفر ڀٽو،شهيد افضل پنهور،شهيد سجاد مرڪند،شهيد عامر ڪهاوڙ،آصف پنهور،انيس سومرو،راجا فتاح ڏاهري،صوبل ڏهر،يامين چاچڙ،روپلو چولياڻي،سائين پريل شاهه،شهيد صاحب خان گهوٽو ۽ ٻين جي مزارن تيمرڪزي اڳواڻن حاضريون ڀريون،گلن جون چادرون چاڙهيون ۽ قومي ترانو پڙهي سلامي ڏني .قومي تحريڪ جي سينيئر اڳواڻ ،جسقم جي چيئرمين محترم عبدالواحد آريسر صاحب جي وڇوڙي جي ڏک دائڪ خبر مليسندس مڙه کي ڪراچي کان سنڌس ڳوٺ انڙ آباد نيو ويوجنهن

جي جنازي جي نماز ۾ جسمر جي مرڪزي اڳواڻن شرڪت ڪئي ۽ ٽي ڏينهن سندس تڏي تي موجود رهيا ۽ ٽيجهي جي تقريب ۾ شرڪت ڪئي.ان ڪان علاوه سندس چاليهي جي جلسي ۾ به جسمر جي مرڪزي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي . اسماعيلي فرقي جي بس تي ڪراچيءَ ۾ ٽيل حملي خلاف جسمر سجي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا

05.07.2015 .آئي ايس آئي ۽ رينجرس گڏيل ڪاروائي ڪري راجا ڏاهر پنيرو جي ڳوٺ تي ڪڙو چاڙهي ڳوٺ جي تلاشي ورتي ۽ راجا ڏاهر کي ڪنيپي گم ڪري ڇڏيو،سندس ڪنيجڻ خلاف هنگورجا حيدرآباد ڪانسواءِ سجي سنڌ ۾ جسمر جي طرفان احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا، ۽ دنيا جي عالمي ضمير کي اپيلون ڪيون ويون ته سنڌي قوم جي ٻچن کي بيجا تشدد ڪان بچايو وڃي ۽ هن مذهبي انتها پسند ۽ دهشتگرد رياست ڪان سنڌي قوم کي ڇٽڪارو ڏياريو وڃي .اِهي احتجاج اڃا جاري هئا ته

2015-07-22 تي خبر ملي ته پريا لنڪ روڊ تان جسمر جي اڳواڻ فقير علي راڄپر کي ڪنيپيو ويو آهي، جسمر جي مرڪز طرفان ٻنهي ورڪرن جي ڪنيجڻ خلاف مظاهرن کي تيز ڪيو ويو جنهن ۾ هر مڪتبِ فڪر جي ماڻهن وڪيلن صحافين ۽ سول سوسائٽيءَ سان گڏ راجا ڏاهر جي فيملي ۽ والدين پڻ روڊن تي احتجاج ڪيو پر

5012-07-26 تي شهيد راجا ڏاهر جي شهادت جي خبر پئي جنهن کي ڪجهه ڏينهن اڳ ڪنيڻ ڪان پوءِ رمضان ۾ شهيد ڪري نامعلوم ڄاڻائي اِيڌيءَ وارن جي حوالي ڪيو ويو جنهن سندس مڙهه کي لاوارث ڄاڻائي دفنائي ڇڏيو. جيئن ان ڳالهه جي خبر شهيد جي ڀاءُ عبدالحق پنيرو کي پئي ته جسمر جا ورڪر ۽ ساڄاهه وند قومي اڳواڻ تحرڪ ۾ اچي ويا اِيڌيءَ وارن سان ان سلسلي ۾ رابطو ڪيو ته ايڌيءَ وارن اِهو چئي قبر کُشائي ڪرڻ ڪان روڪي ڇڏيو ته ڪورٽ جي ليٽر ڪانسوءِ اجازت نه ٿا ڏئي سگهون جيئن ته اهو ڏينهن آچر جو هو تنهنڪري ٻئي ڏينهن وارثن طرفان درخواست داخل ڪئي وئي ۽ اجازت ملڻ ڪانپوءِ جج جي نگرانيءَ ۾ قبر کُشائي ٿي ۽ شهيد راجا ڏاهر جو مڙهه ڪڍيو ويو جنهن کي پهريان ئي قاسم آباد واري علائقي ۾ گهر نسيم نگر ۾ آندو ويو ۽ بعد ۾ اتان نيشنل هاءِ وي ذريعي سندس ڳوٺ ڏانهن نيو ويو .حيدرآباد ڪان هنگورجا تائين شهيد جي مڙهه جو شاندار نموني نه ڪيي نه ڪيي پاڪستان نه ڪيي، تنهنجو ديش منهنجو ديش سنڌو ديش سنڌوديش جي نعرن سان استقبال ڪيو ويو ۽ گلن جي ورڪا ڪئي وئي .جنازي نماز ۾ جسمر ، جسقمر جي ٻنهي پارٽين جست جي مرڪزي اڳواڻن سميت قومي ورڪرن اديبن دانشورن صحافين ۽ هزارن جي تعداد ۾ سنڌ دوست ماڻهن شرڪت ڪئي .شهيد کي دفنائڻ ڪان پوءِ اتي ڳوٺ ۾ سندس ڀائرن عزيزن تڏو وڇايو ويو، سنڌ جي وجهڙ واري تاريخ ۾ پهريون دفعو حيرت انگيز ڳالهه ٿي ته بلوچ قومي اڳواڻ نواب خير بخش مريءَ وانگر عطا محمد پنيرو پنهنجي پٽ جي شهادت تي تعزيت وصول ڪرڻ بدران مبارڪون وصول ڪندو رهيو ۽ تڏو نه وڇايو .سنڌ جي قومي اڳواڻن، اديبن، ورڪرن ساڻس ملاقات ڪئي ته اِهي سڀ ورڪر جيڪي راجا جي شهادت تي ڪجهه ملول نظر آيا ٿي پر سائين عطا محمد جو حوصلو ۽ همت ڏسي اتساهه وني موٽيا ٿي.جتي سائين عطا محمد ورڪر جي همت وڌائيندو ۽ سنڌ جي تاريخ ٻڌائيندو رهيو ته سنڌ جي بهادرن گهوڙي تان ڪڏهن هنو (سنج) نه لاٿو آهي ۽ هر وقت سنڌي قوم پنهنجي ڌرتيءَ جي عظمت ۽ ننگن جي دنگن جي حفاظت لاءِ حالت جنگ ۾ رهي آهي ۽ هينئر به ساڳي حالت ۾ آهي .وڙهڻ ڪانسواءِ سنڌ وٽ ڪو به بچاءَ جو رستو نه بچيو آهي. ان ڪري وڙهٽو پوندو گوريلا وار فيئر ڪرڻي پوندي. آئون به پنهنجي وٽ ۽ وس آهر هر محاذ تي وڙهندس. اهي ڳالهيون ٻڌي نوجوان ته نوجوان پر جهونن کي ڇڻ نئون رت ۽ آڪسيجن ملي وئي هئي. هو انهن ڳالهين مان پڻ سرهائي نظر آئي. شهيدن جي مزار تان سنڌ جي آزادي تي وڏيڪ پختي ايمان سان واپس وريا جسمر مرڪزي قيادت پڻ سائين عطا محمد سان ملاقاتون ڪندي رهي ۽ قومي ورڪرن سنڌ دوست ڌرين قومي اڳواڻن سان سنڌ جا سور شيئر ڪيا ۽ قومي اڳواڻن کي سائين جي ايم سيد جي سالگرهه ۽ ورسي جي موقعي تي گڏجي ويهڻ لاءِ پڻ اپيل ڪئي. شهيد جي ٽيجهي جي موقعي تي شهيد جي مزار تي جسمر جي مرڪزي قيادت شهيد جي فيملي جي ميمبرن ۽ ٻين قومي قيادت سان گڏجي گلن جي ورڪا ڪئي ۽ قومي ترانو پڙهيو اتي جسمر جي اڳواڻ خطاب ڪندي چيو ته "سنڌ جي شهيدن جو رت اسان ڪان اها تقاضا ڪري ٿو ته سنڌ جي آزادي جي جدوجهد لاءِ گڏجي سوچيون ۽ سائين جي پروگرامن ۾ سن اندر هڪ گڏيل جلسون ڪريون ته جيئن سنڌ جي ماڻهن کي وڏيڪ حوصلو ملي سگهي. ان ڪانپوءِ محترم علي راڄپر جي بازيابي لاءِ ۽ الله وڌايو مهر جنهن کي پڻ هڪ سال اڳ ۾

# قومي تحريڪ جو وچايل ويساھ بحال ڪندڙ جسمم :

## حاجي الھ جڙيو

انقلاب شھيدن جي رت سان برپا ٿيندا آھن، دنيا جو ڪوبہ اھڙو قومي انقلاب ناھي جيڪو رت وھائڻ ڪانسواءِ آيو ھجي. اڄ سنڌ ماتا کي جنھن جھونجھار ڪن پٽن جي ضرورت آھي، اُھي ميدان ۾ لھڻ شروع ٿي ويا آھن، ھي آزادي پسند انقلابي مزاحمتي جدوجھد جي شروعات آھي، جنھن ۾ رياست سنڌ جي انھن سنجيده انقلابي ڪردارن کي پنھنجي نشاني تي آڻي شڪار ڪيو آھي، جيڪي پنھنجي فرض شناسيءَ ڪان بخوبي واقف آھن، شھيد سميع الله ڪلھوڙو جسمم جي مرڪزي سينيئر وائيس چيئرمين جي عھدي تي ھوندي پنھنجي سنجيدگي ۽ سچائيءَ سان ڪردار ادا ڪرڻ واري انجام ڪان پليءَ پت واقف ھئو. چاڪاڻ تہ شھيد سميع الله کي اھا چڱيءَ طرح پروڙ ھئي تہ انقلاب جي شروعات قربانين سان ئي ٿيندي آھي. انڪري شھيد پنھنجي موت کان اڳ ۾ ئي اھا ڳالھ ڄاڻي ٿي تہ جسمم جو پھريون شھيد آءُ ھوندس، شھيد سميع الله جيتوڻيڪ گوريلا تربيت حاصل ڪيل ڪانہ ھئو،ھو نجو پجو نظرياتي، سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن ھئو، ھن جنھن ايمانداريءَ سان آزاديءَ ۽ قومي انقلاب لاءِ جيڪو ڪردار ادا ڪيو اھو نھايت اھم ھئو.

جنھن وقت سنڌ جي قومي انقلابي سياست جي نالي ۾ پيتا خوري ۽ پلاٽن تي قبضاگيري ٿيندي ھجي ۽ جي ايم سيد جي پيروڪارن کي قوم پيتاخور ۽ قبضاگير ۽ علائقائي بدمعاش تصور ڪندي ھجي، يا جيئي سنڌ جي ورڪرن جي ليڊرن سميت موالي، ڦورو، اغوا ڪار، تعليم دشمن ۽ سماجي ناسور سمجھيو ويندو ھجي ان دؤر ۾ جسمم جو ميدان تي اچي اِھو ثابت ڪرڻ تہ سيئي آزادي پسند انقلابي ڪريلڪردار ناھن ۽ جن کي قوم ڪامريڊ جي نالي ۾ سماجي ناسور سمجھندي ھئي، اڄ اھا قوم جيئي سنڌ جي نالي ۾ سياست ڪندڙ جي ايم سيد جي نظرياتي پيروڪارن ۽ آزادي پسندانقلابين کي قومي تحفظ، جياپي ۽ آزادي جو ذريعو ۽ اتساھ سمجھي ٿي جن ساھ ڏيئي قوم جو ويساھ بحال ڪيوآھي. شھيد سميع الله کي اھا ڳالھ ان وقت بہ معلوم ھئي جنھن وقت ھُن کي مرڪزي سينئر وائيس چيئرمين چونڊيو ويو ھو. ھن برملا اھو چئي ڏنو ھئو تہ سڀ کان پھريون پارٽيءَ جو شھيد آءُ ئي ھوندس، چو تہ شھيد کي اھا چڱي طرح ڄاڻ ھئي تہ رياست جسمم کي ان ڪري ڪريش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي جو جسمم حقيقي انقلاب جو ڏڳُ اختيار ڪيو آھي، ان ڪري اھڙين انقلابي پارٽين جي مقدر ۾ ئي شھيد ھوندا آھن. شھادتن جي شعوري شروعات شھيد سميع الله ڪان ئي ٿي چڪي ھئي ان ڪانپوءِ بہ رياستي سفاڪ ايجنسيون ھن وقت تائين جسمم جا چاليھن کان مٿي اڳواڻ شھيد ڪري چڪيون آھن ۽ آزاديءَ تائين الائجي ڪيترا اجان بہ شھيد ٿيڻا آھن، جيڪي لکن ۾ نہ تہ بہ ھزارن جي تعداد ۾ ضرور ٿي سگھن ٿا. جڏھن قومون آزاديءَ لاءِ جدوجھد ڪنديون آھن تہ غلام قوم جو جدوجھد ۾ شامل ٿيڻ ڪان پھرين ھڪ منظم انقلابي پارٽي نھڻ تائين بہ ڪيترائي انقلابي ورڪر ۽ اڳواڻ شھيد ٿي چڪا ھوندا آھن.

ڪن دوستن کي اھا ڳالھ سمجھ ۾ نٿي اچي تہ رياست آزادي پسند قومپرست پارٽين جي سنجيده قومي ورڪرن جسمم جي اگواڻن۽ڪارڪنن کي چو ماري رھي آھي. اھو انڪري تہ جنھن وقت جسمم پنھنجي انقلابي جدوجھد جي شروعات ڪئي ھئي تہ ان وقت ان جا ميمبر فقط بہ ادائي درجن جي لڳ ڀڳ ھئا،۽ ٽن سالن جي عرصي ۾ رياست طرفان آپريشن شروع ڪيو ويو جنھن جي شروعات شھيد سميع الله ڪان ڪئي وئي،رياستي ايجنسين طرفان ڪيترائي

اڳواڻ ۽ورڪر گم ڪري ٽارچر سيلن ۾ واڙيا وياءِ عذاب ڀوڳيندا رهيا. انهن جا جسم پروڻ ڪري انهن جي سرد لاشن کي روڊ تي اڇلايو ويو، ڪن کي ماري ته ڪي اڌ مئل حالت ۾ ظاهر ڪيا ويا ۽ جيلن ۾ واڙيا ويا. جڏهن شهيد مظفر ڀٽو، اصغر شاهه، شبير ملاح، سڪندر سومرو، محرم ملاح، احمد خان سميت اڳواڻ۽ ڪارڪن گم ۽ جيلن ۾ هئا، ته جڻ ان وقت جسمم ختم ٿي ويل پئي لڳي پر ان وقت جيئي سنڌ جي بين ڌڙن ۾ موجود سنجيده۽ نظرياتي ورڪرن جڏهن محسوس ڪيو ته جسمم جو هجڻ سنڌ جي قومي انقلاب لاءِ ضروري آهي ڇاڪاڻ ته ان وقت سڄي قومي تحريڪ رياستي يرغماليت جو شڪار بڻجي چڪي هئي، پنهنجي ليڊرن جي بزدلاڻي ڪردار ۽ بداخلاقين جي ڪري پنهنجي قوم جي اندر اهميت ۽ ساک وڃائي چڪي هئي، ان سڄي قومي جدوجهد کي رائگان ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ جسمم جو ڪردار تاريخ ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو.

اهي سائينءَ سنواريا جيڪي جسمم تي تنقيد ڪرڻ جي جرئت ڪن ٿا انهن کي سڀ کان پهرين سنڌ جون تاريخي حالتون ۽ دنيا جي اندر برپا ٿيندڙ انقلابن کي به نظر ۾ رکڻ گهرجي ۽ پوءِ انهن کي سنڌ جي تاريخي حالتن سان ڀيٽي ڏسن ته ضرور انهن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي ته جسمم موجوده وقت ۾ قومي انقلاب لاءِ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري رهي آهي؟ جيڪڏهن تنقيد آهي ئي بد نيتي تي ٻڌل ته پوءِ انهن کي هزارين دليلن سان به مطمئن نه ڪري سگهجي. پر تاريخ انهن کي ضرور مجرم نهرائيندي جيڪي تنقيد جي نالي ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ کان ڪيٻائين ٿا ۽ اهو ڪردار جنهن جيانقلاب کي تاريخ جي هر دؤر ۾ ضرورت هوندي آهي.

اڄ تاريخ سنڌ جي انهن جهونجهارن کي چؤواٽي تي بيهي پڪاري ٿي جيڪي فتحن ۽ شڪستن جا حساب ڪتاب ڪرڻ کان بغير پتنگ ۽ پروانا بڻجي لوئي جي لڄ بچائڻ خاطرمادرِوطن جي آزادي تان سِرُ گهور ڪرڻ لاءِ تيار آهن. عاشق ڪڏهن به حساب ڪتاب ناهن ڪندا، سنڌ جي آزادي،جن سنڌ جي عاشقن کي پياري آهي اُهي سِرَ گهور ڪرڻ وقت ڪنهن به لالچ۽ ڊرپ جو شڪار ڪين ٿيندا.

جسمم اڄ رياست لاءِ اوتروئي ناقابلِ برداشت آهي جيترو ڪالهه ”جيئي سنڌو ديش“ جو نعرو ۽ آزادي جو نظريو هئو. اهو نعرو ۽ نظريو رياست جي هزار تاويلن ۽ تدبيرن هلائڻ ۽سختين جي باوجود به محترم سائين جي ايم سيد هن رياست کي هضم ڪرائي ويو. جنهن ڪانپوءِ رياستي ايجنسين پنهنجي سازشي حڪمت عملين کي ناڪام ٿيندو ڏسي هڪ نئين حڪمت عملي اختيار ڪئي جنهن جو مقصد قومي انقلابي جدوجهد کي سبوتاز ڪرڻ لاءِ ڪرپٽ ليڊر شپ کي پيدا ڪري چوٽ ڏني وئي ۽ سنجيده قومي ورڪرن کي هيسايو، ماريو يا واڙيو ٿي ويو، ڪرپٽ ليڊرشپ جي ڪري پارٽين جو ڪلچر انتهائي غليظ ٿي ويو،قوم پرست سياست ڪندڙن کي سنڌي قوم نڳ، پٽي خور، پلاٽ مافيا، قبضاگير، موالي ۽ خبر ناهي ڪهڙن ڪهڙن لقبن سان نوازيو ٿي نتيجي ۾ سنجيده قومي ڪارڪنن جي پويان ايجنسين جي پيداڪيل مافيا مٿي ۾ اچي لڳي. جنهن ڪري سنجيده ورڪرن ۾ وڏيڪ بيچيني پيدا ٿي وئي، اهو ئي سبب آهي جو جسمم ۾ شهيد سرائي قربان کهاوڙ،شهيد،شهيد ذوالفقار ڪولاچي، شهيد روپلو چولياڻي، شهيد نورالله تنيو، شهيد صاحب خان گهوٽو،شهيدضامن شاهه،شهيد سوڀل ڏهر،شڪيل ڪنهارو،شهيدآصف پنهور،شهيدپريم ديوان برڪت چانديو، پريل شاهه،سرويچ پيرزادو،افضل پنهور شهيدمُنيرخان سميت ڪيترائي قومي تحريڪ جا سياسي، نظرياتي ڪارڪن ۽ اڳواڻ داخل ٿيا ۽ جسمم جي انقلابي سفر کي پنهنجي قربانين سان جاري ۽ ساري رکيو، جسمم جي وڌندڙ قوت کي ڏسي سنڌ دشمن دهلجي ويا. دشمن قوم جي ايجنسين کي اها چڱي طرح خبر آهي ته جسمم منظم قومي انقلابي پارٽيءَ جي نهڻ واري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي ان کان اڳ ۾ جو جسمم عوامي روپ اختيار ڪري قوم ۽ عوام جي دلين ۾ جڳهه وٺي وڃي. ان کي عوام جي دلين ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ روڪڻ جي ڪوشش نه ڪئي وئي ته پوءِ پنجاب سامراج جا سنڌ تي قبضي ۽ ڦُرلُٽ

تي ٻڌل استحصالي مفاد محفوظ نہ رھندا ان ڪري پنجاب سامراج جي ايجنسين جي اھا ڪوشش آھي تہ جسمم کي سنڌي قوم کان پري رکيو وڃي، اھو ئي سبب آھي جو قومي انقلابي ورڪرن ۽ اڳواڻن کي شھيد ڪيو پيو وڃي تہ جيئن عوامي رابطو منقطع ۽ ماڻھن ۾ خوف پيدا ڪري سگھجي. جسمم ۽ ان جي انقلابي قيادت محترم شفيع محمد برفت جي اڳواڻي ۾ جيڪا قومي ذميداري ۽ فرض ادا ڪري رھيا آھن ان جو سِلو سنڌي قوم کي ھڪ ڏينھن آزاديءَ جي صورت ۾ ضرور ملڻو آھي. پارٽي چيئرمين محترم شفيع محمد برفت ھن وقت جيڪو ڪردار ادا ڪري رھيو آھي، اھڙي تاريخي ڪردار جي سنڌ کي ضرورت آھي، ان کان اڳ ۾ سائين جي ايم سيد کان سواءِ ڪير آھي جيڪو يگاني انداز ۾ قيد و بند جي پرواھ ڪرڻ کان بغير ڪردار ادا ڪيو ھجي، محترم چيئرمين جي روپوشيءَ کي بہ لڳ ڀڳ 30 سال ٿي چڪا آھن خبر ناھي تہ ھن جي ذاتي زندگي ڪيئن ٿي گذري. پر روپوشي بہ ھڪ بندش ۽ جلاوطني آھي جيڪا ھُن پنھنجي سنڌي قوم خاطر پنھنجي مٿان ڪنئي آھي. جيترو وقت ھو رياستي ايجنسين جي چَنبن کان بچيل رھيو آھي، اوترو وقت دشمن جون پاڙون کوٽڻ ۾ مشغول رھيو آھي، نڪي پلاٽ ۽ ملڪيتون وڌائڻ ۾ مشغول آھي. اھو ئي سبب آھي جو جسمم جي انقلابي جدوجھد جي صورت ۾ پنجاب سامراج ۽ ڏيھي دلال سنڌ ۾ پنھنجون پاڙون کوکليون ٿينديون محسوس ڪيون تہ جسمم تي پابندي مڙھي ڇڏي.

اُھي ورڪرءِاڳواڻجن کي تاريخي سچ کان منھن موڙڻءِ پڄڻ لاءِ رستو گھرجيءِ پنھنجي بزدليءِءِپاڙياپ کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ ابتا سبتا دليل گھڙي الزام تراشي تي لھي آيا آھن. اُھي تاريخ جي فيصلن کان اڻ واقف آھن انھن کي شايد اھا خبر ھجي تہ اَڄُ آزاديءَ لاءِ ڏنل جانين جا نظرانا قوم ۾ مايوسي نہ بلڪہ دشمن جو خوف ختم ڪري قوم ۾ اتساھ پيدا ڪري رھيا آھن.

اُھي دانشورءِ اڳواڻ جيڪي تاريخ جو سَڌُ ٿَنا وَرِنائِڻُ چاھين ٿَھانھن کي گذارش آھي تہ اوھان جي بيوقتائتي تنقيد جي ڪري تاريخ اوھان کي مجرمن جي ڪٽھڙي ۾ نہ آڻي بيھاري.

اڄ اھي تنقيد ڪندڙ اھا ڳالھہ سمجھي ڇڏين تہ تاريخ اسان کان تاوان گھُري رھي آھي ۽ اھو بہ وياج سميت پوءِ اھو اسان تي آھي تہ اسين ڪنھن ذاتي جھيڙي، حادثي، ڪنھن وبائي بيماري يا خودڪشي جي موت جي صورت ۾ غلامن وارو موتُمري پرڻُ چاھيون ٿا؟ يا وطن جي آزاديءَ لاءِ سِرُ گھورڪرڻ جي صورت ۾ پَرڻ چاھيون ٿا؟ سنڌي قوم جي اڪثريت جو موت حادثن، وبائن، ڌاڙن، ڦرن، خودڪشين ۽ بُک وگھي ٿي رھيو آھي ۽ اھڙي بيخبري جي موت مرڻ لاءِ اسين ھر وقت تيار بہ آھيون پر اھڙي موت کي روڪڻ جي ڪائي تدبير بہ نہ ڪيون تہ يقيناً ھڪ ڏينھن ھيءَ قوم نيست و نابود ٿي ويندي ۽ اھا حالت سنڌ جي قومي غلامي يعني سياسي ۽ معاشي ڦرلٽءِ استحصال جي ڪري آھي ۽ اھڙين حالتن کي ختم ڪرڻ لاءِ قومي آزادي حاصل ڪرڻ انتھائي ضروري آھي.قومي آزادي جي معنیٰ آھي سامراجي قوم جو سياسي استحصال،معاشي اقتصادي وسيلن جي ڦرلٽ ۽ ھرقسم جو جبرءِاستحصال ختم. يقيناً آزادي جي جدوجھد ۾ اُھي ئي شامل ٿيندا جيڪي آزاديءَ جا پتنگ ۽ پروانا بڻجي پنھنجي وطن ۽ قوم جا خادمءِ محافظ بڻجي قومي انقلاب برپا ڪندا،

پنجاب سامراج پنھنجي سامراجيڦرلٽ ۽ استحصال کي قائم رکڻ لاءِ ءِمھذب دنيا کي بليڪميل ڪرڻ لاءِ طالبانيت کي فروغ ڏئي رھيو آھي.جيڪي مذھب اسلام جي نالي تي ظلم، ذيادتي، ناانصافي، ڦرلٽ ۽ استحصال کي قائم رکڻ لاءِ معصوم انسانن تي خودڪش حملا ڪري رھيا آھن. تہ ڇا اسين سچ، انصاف، برابري، امن، آزادي، انساني پائيچاري ۽ قومي وجود جي بقا لاءِ پنھنجي سِرَن جا نظرانا نہ ٿا ڏئي سگھون؟ تہ پوءِ تاريخ اسان کان جيئڻ جو حق کسي وٺندي ۽اسين فرعونيتءِ شيطان کي ئي اڳتي وڌڻ جو موقعو.صاف ۽ سھنجو رستو ڏيئي رھيا آھيون.

اوهان کي پنهنجي حصي جو ڪردار جيڪڏهن ادا ناهي ڪرڻو تہ اوهان کي اِهو نہ جڳائي تہ شهيدن جي مقدس رت جو استعمال ڪري قوم جي تاريخي ارادي کي ڪمزور ڪرڻ جو گناهہ ڪيو. توهان کي تہ خوشيون ڪرڻ گهرجن تہ شهيد سميع الله جي ڇڏيل جاءِ خالي ناهي ٿي ۽ اوهان کي اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ قومي انقلابن جي شروعات شعوري طرح قبول ڪيل شهادتن سان ئي ٿيندي آهي، جنهن تي آخرڪار غلام قوم هلڻ شروع ڪندي آهي. اسين پنهنجي سِرَن جا نظرانا پنهنجو تاريخي فرض سمجهي ڏئي رهيا آهيون ان ڪري اِها ڳالهہ اوهان کي بہ سمجهڻ گهرجي تہ شهادتون غلام قوم مان دشمن جو خوف ختم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون آهن ڇو تہ سامراج جڏهن قوم جي بهادر سپوتن کي جهڪائي ۽ خريد ڪري نہ سگهندو آهي تہ ان ڪانپوءِ انهن کي شهيد ڪندو آهي.

اهڙي طرح آزادي خاطر موت قبولڻ جي هڪ عرصي ڪانپوءِرسمِ روايت قائم ٿي چڪي هوندي آهي ورنہ سنڌ ڌرتي تي قوم جي نسل ڪشي ڪيئن ٿي رهي آهي اوهان اخبارن ۾ لڳندڙ حادثاتي خبرن، قبائلي جهڳڙن، ڦرن، ڌاڙن، بيمارين، خودڪشين، بکن جي ڪري سنڌ جا ڪيئي ڪونڌر پُٽَ ۽ ناريون روز قتل ٿيندي ڏسي رهيا آهيو. سنڌي قوم جو اهڙو قتلِ عام جنهن جو عالمي طور تي ڪوبہ ليکو چوکو ڪونہ ٿو نهي.

ساڳي جاءِ تي جسمر جي پليٽ فارم تان شهيد ٿيندڙ سنڌ جي سورهيہ سپوتن،سرويچن، اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جو هاڻي عالمي سطح تي آواز اُٿي رهيو آهي. جسمر سنڌ اندر دشمن لاءِ اهڙو محاذ ڪڙو ڪيو آهي جنهن سان دشمن جي پَتِ واڪئي ٿي پئي آهي ۽ سنڌي قوم کي دنيا مان اخلاقي سپورٽ ملي رهي آهي.

هونءَ بہ سنڌ ۾ ڪيئي ماڻهو مفلسيءَ ۽ معاشي دٻاءَ جي ڪري ڊپريشن جو شڪار ٿي بيمارين جي ور چڙهي ويا آهن، جنهن ڪري وقت کان پهرين انساني موت ٿيڻ عام ڳالهہ ٿي وئي آهي.

اهڙي بيخبري جو موت مرڻ لاءِ جيڪي ماڻهو هر وقت تيار آهن اهي پلي انقلابي پارٽين جو ساٿ نہ ڏين ۽ جن کي اهڙي بيخبريءَ جي مرڻ کان بهتر آزادي ۽ قومي انقلاب لاءِ شهيد ٿيڻ ۾ فخر محسوس ٿئي ٿو تہ اهي پلي جسمر جي انقلابي جدوجهد واري قافلي ۾ شامل ٿين.

انقلابي جدوجهد کان لنوائيندڙن۽تاريخي ڪردار اداڪرڻ کان پڄندڙن کي شيخ اياز جي لفظن ۾ ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ:

اي ڪاش! اهو تون ڄاڻين ها،
آزاد هوا ڇا ٿيندي آ؟
اي ڪاش! اهو تون ڄاڻين ها،
پرواهہ بنا پر ڪيئن هوندا؟
آزاد فضا ڇا ٿيندي آ؟
اي ڪاش! اهو تون ڳائين ها،
ڪالهہ پکڻ سنگهہ ڦاهيءَ تي،
جو گيت اڏورو ڳاتو هو!
اي ڪاش! اهو تون پائين ها،
جو هار هوائن ۾ لڏندي،
ڪالهہ تانتيا ٽوپي پاتو هو!
تاريخ جي خوني ڳلين مان،
هر وقت سدا ڪا ايندي آ!
هر وقت لَهوءَ جي لاڙن ڏي،
ڪا توکي ڇڪَ ڇڪيندي آ،
جڻ "او ڊائر" جي ڪا گولي،
اڄ تائين توکي تاڙي ٿي!
۽ تنهنجا تنهنجي مقتل ڏي،
جڻ پير اڇانڪ لاڙي ٿي.
تاريخ بکايل چيتي جيئن،
چوواٽي تي چنگاڙي ٿي،
اي ڪاش! اهو تون ڄاڻين ها،
ڇا تن جي قيمت ٿيندي آ!
جنهن آزاديءَ جا گيت چيئہ،
اي ڪاش! اهو تون ڄاڻين ها،
سا آزادي ڪِٿ نيندي آ!
اي ڪاش! اهو تون ڄاڻين ها،
سا آزادي ڪيئن ايندي آ!
"شيخ اياز"

**جڏهن ملڪ غلام ٿيندا آهن تہ ان وقت اتان جي رياست بيضمير ۽ بيغرت فردن کي اقتدار جو لالچ ڏيئي ان ملڪ ۽ قوم جي خلاف فيصلا ڪرائيندا آهن. سيد**

# آزاديءَ جو پنڌ : روحيل

هوندن تہ هر ماڻهون جي پنهنجي آدرش ۽ نظرئي تي ڄمي بيهڻ جي ڪسوٽي، ان جو عمل آهي پر پنهنجي تجربن کي بين محب وطن انقلابي آزادي پسند ڪارڪنن تائين منتقل ڪرڻ جي قومي فرض کي ضروري سمجهندي پنهنجي گذريل وارتا کي هنن حالتن هيٺ بيان ڪرڻ جي سگهہ کي سارينديءَ قلم هٿ ۾ کنيو اٿم .قصو مختصر تہ 7 اپريل 2014 جي صبح جو ننڊ مان اٿيس ۽ 25 اپريل سنڌ جي رهبر سائين جي ايم سيد جي ورسي جا ڏينهن بہ ويجها هئا ۽ مارچ مهيني ۾ سنڌ جي ٻن ڪونڌرن مقصود احمد قريشي ۽ سلمان وڌو جي شهادت ڪانپوءِ سنڌ جي مڙني شهيدن جي ۽ سنڌوديش جي آزادي جي ڪيس کي اقوامِ عالم تائين اجاگر ڪرڻ لاءِ 9 اپريل تي پارٽي طرفان هڙتال جو سڏ ڏنل هو، ڪافي ذميوارين جيڪري تڪڙو تيار ٿي، پارٽي چيئرمين سائين شفيع محمد برفت جو ڪاهوڙي ۾ لڳل سنڌ ڪيس تي مضمون" دهشتگردي جو عالمي سلطان پاڪستان هاڻي ٽٽڻ گهرجي؟ " جنهن کي مون انگريزي ترجمو ڪيو هو ان کي ساڻ ڪٽي ان نيت سان گهران نڪتس تہ ان ۾ ڪي غلطيون هجن تہ انهن جي درستگي لاءِ سائين عطا محمد پنيرو کان صلاح ڪيان چو تہ سائين عطا محمد موجوده وقت ۾ نہ فقط ترجمن پر سنڌ جي قومي تحريڪ متعلق بہ اٿارٽي آهي اها تسليم شده ڳالهہ آهي، سو اهو سوچيندي تہ سنڌ جي آزادي لاءِ قومي مزاحمت ۽ ويڙهاند جا نوان سبق بہ سکان تہ جيئن پنهنجي جدوجهد کي وڌيڪ تکو ڪري سگهجي .سائين عطا محمد سان جڏهن بہ ملندو آهيان پاڻ کي فڪري حوالي سان وڌيڪ تازو توانو محسوس ڪندو آهيان ۽ ان جو مثال راجا ڏاهر جي عظيم قرباني آهي جنهن جي تربيت سائين عطا محمد جي ڪيل آهي ۽ سائين جي ڪمٽمينٽ اها تہ ان ماڻهون تڏي جي بجاءِ پٽ جي شهادت جو مبارڪون پئي وصول ڪيون .پر ان ڏينهن غلطي سان منهنجو موبائل فون ڪليل هو، آئون گهران نڪري پنڌ پنڌ پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيس ذهن ۾ ڪوڙ خيال ۽ سنڌ جي آزاديءَ بابت سوچون ۽ سنڌين جي مستقبل بابت گهڻا سوال جيڪي مونکي يقين هو تہ سائين عطا محمد وٽ انهن جو حل يقيني ملندو، پر الفلاح پيٽرول پمپ وٽ پهتس ۽ روڊ ڪراس ڪيم ئي پئي تہ منهنجي ٻانهن ۾ هٿ پيو سٽ ڏئي ٻانهن کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪيم تہ ڏٺم تہ آئون سامراجي چاڙتن سادن ڪپڙن ڀهريل پناٺن ۽ پنجابين جي گهيري ۾ هئس اهڙي صورتحال لاءِ اڳواٽ ئي تيار هئس، چو تہ پارٽي تي مسلسل آپريشن دوستن جي گمشدگين ۽ شهادتن جي خبرن ٻڌڻ جي جڻ تہ هير پيل هئي انڪري پاڻ کي اهڙي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رکندو هئس، اتي پرپاسي ۾ آبادي هئي ۽ ٿي وڏيون هوٽلون هيون جن تي هر هڪ تي تقريبن سئو سوا سئو کن ماڻهون عام طور تي ويٺل هوندا آهن سو انهن سان هٿين پوڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي آزاديءَ جا نعرا پڻ هڻڻ لڳس تہ جيئن ماڻهون سمجهي سگهن تہ هڪڙو محب وطن آزادي پسند، ڌارئي سامراجي دشمن جي پڪڙ ۾ آهي ۽ من انهن کي احساس ٿئي ۽ منهنجي اتان نڪرڻ ۾ مدد بہ ٿي پئي چو تہ اڪثر ڪري سنڌ جي ڀهراڙين ۾ سنڌي ماڻهن جي مزاحمت جي ڪري ڪافي ڪارڪن انهن وحشي درندن کان پهنجي جان ڇڏائڻ ۾ ڪامياب ويا آهن پر مسلسل پاڪستان جي نالي ۾ پنجاب جي سامراجي غلامي ۾ جڪڙيل سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن کي پنهنجي ڌرتي تي اوپرو ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ ڌارئي کي آباد ڪرڻ جي سامراجي سازش تي عمل ٿي رهيو آهي ان جي نتيجي ۾ سنڌ جا وڏا شهر خاص طور تي ڪراچي ۽ حيدرآباد جڻ تہ سنڌي ماڻهن کان اوپرا ٿيندا پيا وڃن ۽ نيشنل هائي وي اقتصادي لنگهہ هجڻ جي ڪري رياستي سرپرستي ۾ آباد ڪيل ڌارين جي موجودگي ٻنهي طرفن کان جڻ تہ پنجاب ۽ خيبر پختونخواهہ جو ڪو علائقو لڳندو آهي، انڪري پنجن ڏهن منٽن جي مسلسل جهڙپن باوجود بہ شهر خاموش تماشائي بڻيل رهيو ۽ مونکي بيحال ڪري هٿڪڙيون هٽي ٻوٽاڙو چاڙهي ڪٽي پنهنجي ويگو گاڏين ۾ روانا ٿيا ۽

پنج ڪان ڏھ منٽ جي سفر ڪانپوءِ مون کي وجي هڪ جڳهہ تي لاٿن گاڏي هلڻ ۽ بيهڻ مان سمجهي ويس تہ هي ڳجهو هنڌ فوجي ڇانوڻي منجهہ آهي، جتي پاڻ وٽ سنڌي ۾ چوندا آهن تہ وڏيرو تہ وڏيرو پر وڏيري جو ڪمدار بہ اجان گهٽي ڳالهہ سو مونکي ڪٽي تفتيشي ڪمري ۾ پهتا ۽ اتي پنجابي آقائن کي وڌيڪ پنهنجون مارڪون وڌائڻ لاءِ هڪڙي سنڌي دلال وڌيڪ ڏيڙ ڏئونس ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي ۽ پنهنجي آقائن کي خوش پئي ڪيائين" اس ڪو مارو يہ سالا سندهوديش بنائي گا ."وطن جي عشق ۾ الائي تہ ڇا آهي جو آئون ان وقت خوش لڳو پيو هئس تہ گهٽ ۾ گهٽ جنهن آدرش پويان رندا روڙيون پيا ان لاءِ صحيح دڳ ورتو اٿم ۽ انڪانپوءِ هڪڙو سلسلو شروع ٿيو منهنجي امتحان جو، سوين سوال، سوين جواب ۽ مسلسل مارڪٽ پر انسان ۾ نظرياتي پختگي ۽ فڪرِ سيد الائي تہ ڪهڙو رُوح ٿو ڦوڪي جو ڪنهن اصول تي بيهي تہ پوءِ اياز جي انهن سٽن مثل ٿي ويندو آهي" جيئن لڪ لڳي، تيئن رڪ ٿيا ."جيترو عذيتن ۽ عذابن جو سلسلو وڌندو ويو اوترو عشق ۾ اضافو پئي ٿيو .شفيع برفت ڪٿي آهي؟ اسلم پناڻ ڪٿي آهي؟ ڪيئن ٿا هلن؟ تون را جو ايجنٽ آهين؟ توڪانسواءِ حيدرآباد ۾ را لاءِ بيا ڪهڙا ڪهڙا ڇوڪرا ڪم ڪندا آهن؟ توهان جو رهبر جي ايم سيد بہ را جو ايجنٽ هو؟ اهو پوڙهو عطا محمد ڀنيرو بہ را جو ايجنٽ آهي ماڻهن کي پاڪستان خلاف ورغلائي ٿو ۽ دهشتگردي لاءِ اڪسائي ٿو؟ منهنجو هڪ ئي جواب هوندو هو تہ اسان را جا ايجنٽ يا دهشتگرد ناهيون ۽ وطن جا عاشق آهيون پنهنجي ڌرتي کي پنهنجي پالڻهار بہ سمجهون ٿا ۽ جيڪڏهن اهو ڏوهہ آهي ۽ جسمر ڪو ڏوهہ ٿي ڪري تہ اهي سڀ اوهان جا الزام آئون قبول ٿو ڪيان منهنجي اڪين تہ اهي الزام پر اوهان جي ناهيل قانونن مطابق عدالتن ۾ وني هلي مون تي مقدمو هلايو آئون پنهنجي وطن جي آزادي جي ڪيس جو اتي دفاع ڪندس پوءِ پلي مونکي ڦاهي ڏيو اهو سلسلو هلندو رهيو .اڪيلائي، قيدِ تنهائي ۾ هڪڙي حوالي سان مونکي نئون تجربو بہ ٿيو ۽ ٻاهر جيڪا بہ جدوجهد ڪئي پئي، جيئن حالتن کي سمجهو پئي ۽ فڪر، نظرئي ۽ آدرش بابت جيڪو پڙهيم ان بابت ڀيهر سوچڻ جو موقعو مليو جهڙي طرح اڳ ۾ شين کي ڏسندو هئس ان تي بار بار سوچڻ ويچارڻ ڪانپوءِ نہ رڳو پنهنجي پارٽي جو حالتون دوستن جو قربانيون ۽ شهادتون سامهون هونديون هيون پر سهولت جي اٽاٽ ۽ قومي غلامي ۽ حالتن جي سنگيني باوجود دنيا جي انقلابي تحريڪن بابت جيڪا معلومات مشاهدي ۾ اڳ ۾ آيل هئي ان کي نظر ۾ رکندي پارٽي چيئرمين محترم شفيع محمد برفت توڙي مرڪزي قيادت محترم لالا اسلم پناڻ، زين پٽو، سجاد شر، شبير ملاح ۽ عمران لغاري تہ جڻ هڪڙي قسم جا ديومالائي ڪردار پئي لڳا تہ هي درويش صفت ماڻهون پنهنجي دوستن جي قربانين ڪانپوءِ ائين مستقل مزاجي سان پنهنجي مقصد سان سلهاڙجي پنهنجي آدرش سان نڀائيندا پيا اچن .اجان بہ وطن جي آزاديءَ ۾ ايمان پختو ٿيندو ويو .ان دوران ڪنهن بہ مضبوط حواس رکندڙ ماڻهون جي حوصلہ شڪني لاءِ جيڪي بہ طريقا ٿيندا آهن انهن سڀني جو استعمال ڪيو ويو، جن ۾ ٽيلي پيٿي بہ شامل آهي، جنهن سان انسان جو سوچون پڙهيون ويندڀون آهن ۽ ان جي ذهن ۾ طرح طرح جي خرافات کي بہ منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي پر هڪڙي ڳالهہ آئون هتي لکندو هلان تہ انسان وڏي ڳالهہ آهي انسان جو ارادو مضبوط هجي تہ انسان لاءِ اهي سيئي ٽڪساٽ ڪا معنيٰ نہ ٿا رکن، اتي آئون ان نسبت سان اها ڳالهہ بہ عرض ڪندو هلان نہ رڳو اهو پر ان ٽيلي پيٿي کي بنيادپرست مذهبي انتهاپسند دهشتگرد ناهڻ لاءِ پڻ هنن جي ڇانوڻين ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪو عام ماڻهون انهن کي هٿ لڳندو آهي ان کي هڪڙي مخصوص پيرائي ۾ عجيب و غريب مرحلن مان گذاري مذهبي دهشتگرد ناهيو ٿو وڃي . اتي ان جي تربيت ڪئي ٿي وڃي .هي بنيادپرست رياست اهو خود پاڻ ڪرائي ٿي ٽيلي پيٿي يا نيورو لنگئسٽڪ پروگرامنگ (NLP) يعني دماغ جي ٻولي پڙهڻ جي ٽيڪنالاجي ذريعي، جنهن کي سٽريل دنيا انسان جي ترقي ۽ ترويج لاءِ استعمال ڪندي آهي، هي بنيادپرست رياست پاڪستان ان کي خودڪش بمبار Suicide Bomber پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندي آهي يعني انسانذات جي تنزل لاءِ هي تاريخ جي عجيب و غريب ڇريائپ آهي جيڪا اڳتي هلي دنيا کي امڪاني تباهي ڏانهن وٺي ويندي، بهتر آهي تہ ان ڪان اڳ سموري دنيا جي

روشن خيال عالمي قوتن کي سنڌين ۽ بلوچن سان گڏجي پاڪستان جي قصي کي ختم ڪرڻ گهرجي.

جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويا، تيئن تيئن اڪيلائي ۾ سوچڻ جو موقعو بہ وڌيڪ پئي مليو ۽ پنهنجي جدوجهد ۾ ويساهہ وڌيڪ پختو ٿيندو ويو، ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ ڪولڙي مان ڪڍي وري تفتيشي ڪمري ۾ وٺي ويا جتي ساڳئي سلسلي سان گڏوگڏ مونکي نفسياتي طور ڪمزور ڪرڻ لاءِ هڪ خراب خبر بہ ٻڌائي وئي تي،" منير خان کو هم ني مار ديا "!اتي مونکي فلسطين جي تحريڪ آزادي جو اپاهج اڳواڻ شيخ ياسين ياد اچي ويو، جنهن جي جلسن ۽ احتجاجن تي اتي جا اسرائيلي غاصب ۽ حاڪم بمباري ڪرائيندا هئا ۽ ڪيس مسجدالاقصيٰ جي اڳڻ ۾ ئي هڪ ڊرون اٽيڪ ۾ شهيد ڪيو ويو هئو .بهرحال منير خان جو افسوس بہ ٿيو پئي، يادگيريون ورائي ويون تہ ان کي فقط جلسن ۾ ٻڌندو هئس، دل ۾ حسرت هئي تہ ان ماڻهون سان ڪڏهن ملاقات ڪبي پر ان جي شهادت جي ڏک جي تاثير بہ عجيب هئي جيڪا وئي روح کي تازو توانو ڪندي ۽ خيالن ۾ ساهہ وجهندي .

انهن ئي ڏينهن ۾ شهيد آصف پنهور جي گرفتاري عمل ۾ آئي، ان کي جنهن مهل انهن ڪوٺين ڏانهن وٺي پئي آيا تہ مونکي تفتيشي ڪمري ۾ هئڻ ڪري ان جي سڄي مايوسي کي ٽوڙيندڙ آواز ٻڌڻ ۾ آيو، دشمن جڏهن مٿس تشدد ڪندا هئا تہ هن جا نعرا ٻڌبا هئا، جيئي سنڌوديش ! جيئي سنڌوديش !وطن جي آزادي جي جي عاشق جي نعرن جي گونج ٿيندي ٻڌبي هئي تہ جڻ آزادي ويجهي لڳندي هئي ۽ ائين محسوس ٿيندو هو تہ اسان جڻ تہ نوجوانن جو سنڌ جي آزادي لاءِ نئون گيت لکي رهيا آهيون ۽ ڳايون پيا، ڪوشش ڪري شهيد کي پنهنجي موجودگي جو احساس بہ ڏياري ويس . شهيد آصف پنهور جيڪو اسان کي ٽارچر سيل اندر همتون ۽ حوصلا ڏيڻ جو جڻ تہ هڪ بي بها خزانو ثابت ٿيو . شهيد آصف جيترو ٻاهر مانيٺي مزاج جو هو اندر اوترو ئي بردبار ۽ پنهنجي آدرش ۽ اصول جو پڪو پختو ديش ڀڳت ثابت ٿيو .اها ڳالهہ مون ٽارچر سيلن ۾ ساٿس گڏ گهاريل گهڙين ۾ محسوس ڪئي ۽ اسان مٿان نافذ رياستي درندن کي بہ اسان جي هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ جي خبر پئجي وئي ان ڪانپوءِ اسان کي هڪٻئي کان پري وارين ڪوٺين ۾ وڌو ويو .ائين گرمين جا ڏينهن گذريا ۽ سيارو آيو جڏهن سڄڻ ياد پوندا آهن ان وقت ۾ منشي جو گيت" ڪٽيون ڪيئي قيد ۾ گذريون، چڱو چيٽن ۾ ملنداسين "!ذهن تي تري ايندو هو، پر ڪجهہ وقت ۾ يادگيرين جي مند وطن تان قربان ٿيڻ جي مند ۾ تبديل ٿي ويندي هئي پر بند ڪوٺي ۾ هجڻ ڪري خبر ڪانہ پئي تہ آصف کي ڪڏهن ٻاهر ڪڍي ويا ۽ شهيد ڪري ڇڏيائونس .پر 4 ڊسمبر جي ڏينهن آيا ۽ چين" يہ پڙها لکا بندا هي اس کو اخبار دو يہ اخبار پڙهي گا "!ڪاوش اخبار هٿن ۾ ڏئي هليا ويا مونکي شڪ ٿيو تہ هي ايترا مهربان ڪڏهن کان ٿيا آهن جو اسان پارن کي اخبار ملي، سو بہ ايتري عرصي ڪانپوءِ . اخبار ڏيڻ دراصل ٽورو ڪونہ هيو پر عذيتن ۽ پيڙائن جو سازوسامان هو جنهن ۾ سنڌ جي عاشقن جون پنهنجي وطن تان قربان ٿيڻ جون خبرون لڳل هيون .پر هنن رياستي پگهاردار چاڙتن کي ڪهڙي خبر تہ وطن تان قربان ٿيڻ اسان لاءِ ڇا آهي؟ ڪهڙي معني ٿو رکي !ان ڪانپوءِ آئون مسلسل پنهنجي موت جي انتظار ۾ رهندو هئس تہ ڪڏهن منهنجي موت جي پرواني تي دستخط ٿيندي ۽ پنهنجي ماتر ڀومي جي ڪنهن ڪارج جو ٿيندس پر تاريخ کي اجان ڪجهہ ٻيو منظور هيو نيٺ هڪ ڏينهن مونکي ڪوٺي مان ڪڍين ۽ چين تہ تو هي سڄو لقاءُ پنهنجي اڪين سان ڏٺو آهي ٻاهر وڃين جي جسمر جي سياست ڪندين تہ مظفر ڀٽو، قربان ڪهاوڙ، آصف پنهور ۽ ٻيا ياد رکجان !تنهنجو بہ حشر بہ اهو ئي ٿيندو . پر دل ۾ پڪو پختو عزم ڪيم تہ انهن ماڻهن جن جا نالا آءِ ايس آءِ جي وحشي ڪاردن ڪنيا آئون انهن جهڙو تہ نہ آهيان، ۽ نہ ئي ٿي سگهندس پر پنهنجي وطن جي آزادي لاءِ انهن جي نقش قدم تي هلڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪندس .مون کي يقين آهي اسان سنڌوديش جي آزادي حاصل ڪنداسين يا ان رستي ۾ ضرور انهن شهيدن جي صفن ۾ پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي آزادي جي اڙانگي پنڌ کي پنهنجي منزل جي ويجهو ڪرڻ ۾ مددگار ضرور ثابت ٿينداسين.

> **جيڪا ڳالهہ زوري مڙهي ويندي آهي اها پائيدار نہ هوندي آهي. سيد**




# جسمم طرفان مذھبي انتھا پسنديءَ دھشت گرديءَ جي مذمت، مخالفت جو

مذھب جي نالي ۾ انسان ذات ڪي انڌيرن ۾ ڌڪڻ جي ھر محاذ تي مخالفت ڪنداسين.انساني عقل کي عقيدن جا تالاھٽي مذھبي جنونيت ۽ جارحيت ذريعي آدم جي اولاد کي رت ۾ وھنجاريو پيو وڃي ڌرتيءَ جي گولي کي انتھاپسندي ۽ دھشتگرديءَ جي باھ ۾ ساڙڻ واري جھالت کي ھر قيمت تي مھذب دنيا کي روڪڻو پوندو چاڪاڻ تہ انسان ذات جي گڏيل بقا لاءِ اھو عمل اڻٽر آھي پئرس ۾ ٿيل بي گناھ معصوم ماڻھن جو اسلامي انتھا پسنديءَ ۽ جنونيت پري دھشتگرديءَ ۽ داعش ھٿان ڪيل رتوڇاڻ جي ڏک، غم ۽ صدمي ۾ اسان دنيا يورپ فرانس ۽ پيرس جي عوام ۽ رھواسين سان گڏ آھيون مذھب جي نالي ۾ ٿيل دھشتگردي ۽ رتو ڇاڻ دنيا جي ڪنھن بہ ملڪ ۽ ڪنڊ ۾ ٿيندي ھجي اسان ان کي انسان ذات جي خلاف ڏوھ سفاڪي ۽ جارحيت تصور ڪيون ٿا ڌرتيءَ جي گولي تي مذھبي عقيدن جي نالي ۾ ڪٿي بہ ڪنھن بہ معصوم جو رت وھايو ويو تہ اسين سمجھندا سين تہ اھو اسان جو رت وھايو پيو وڃي، جنونين طرفان پيرس ڪي جنھن بي درديءَ سفاڪيءَ ۽ وحشي پڻي سان رت ۾ وھنجاريو ويو آھي ان جي جيتري بہ مذمت ۽ ننڌا ڪجي اھا گھٽ آھي جسمم سنڌي قوم جي نمائندگي ڪندي ان ڏک ۽ غم جي گھڙي ۾ دنيا سان شامل آھي دنيا کي اڄ جيتري اتحاد انساني امن عالم ترقي بني آدم جي ضرورت آھي اھا اڳ ڪڏھن بہ ناھي رھي، اھڙن خيالن جو اظھارجسمم چيئرمين شفيع محمد برفت فرانس جي گادي واري شھر پئرس ۾ مذھبي انتھا پسند جنونين طرفان ڪيل بي گناھ انسانن جي قتل ۽ رتو ڇاڻ خلاف جسمم طرفان ڪيل احتجاجي مظاھري ۾ موڪليل پنھجي پيغام ۾ ڪيو آھي ھن وڌيڪ چيو تہ دنيا ھڪ طرف انسان ذات جي ترقي طرف تيزي سان قدم اڳتي وڌائي رھي آھي تہ تاريخ جون ڪي ناڪاري قوتون وري ان کي اونداھي غارن ۾ ڌڪڻ جي جھالت ۽ جنونيت کي ھوا ڏيئي انساني ترقي ۽ فطري سفر جي ڪوشش کي روڪڻ ۽ لتاڙڻ جي سازش ڪري رھيون آھن.ھن چيو تہ يورپ جيڪو جرمني جي اڳواڻي ۾ ترقي ڪندي جمھوريت معاشي طاقت ۽ عالمي امن ۽ پائيچاري لاءِ مھذب رستي تي ھلندي ماڻھپي لاءِ جيڪي ڪوششون ڪري رھيو آھي دھشتگرد انتھا پسندي جي جھالت ۽ جنونيت ذريعي انکي روڪڻ چاھين ٿا.ھن وڌيڪ چيو تہ دنيا جڏھن ٻن بلاڪن ۾ ورھايل ھئي ان وقت روس آمريڪا پنھنجي رياستي مفادن لاءِ ڌرتي جي گولي تي رھندڙ انسانن جي اھنجن تي سوچڻ بجاءِ پنھجي رياستي مفادن جي پوراءُ لاءِ انسان ذات جي مجموعي مفادن قومن جي حقيقي آزادين انساني حقن ۽ ڌرتيءَ جي پائيدار امن کي پنِي ڏيئي دنيا کي جنگين جي ور چاڙھي ڇڏيو.اڄ جڏھن يورپ انساني قدرن جي پوئواري ڪندي انساني حقن معاشي سياسي آزادين لاءِ ھڪ آٽت تي ايري رھيو آھي ان وقت پئرس ۾ ٿيندڙ ھي حملا نہ صرف ڪن جنونين طرفان انسانيت خلاف ھڪ ڏوھ آھن پر انھن جي پويان ڪجھ عالمي قوتن جا سازشي ھٿ ۽ ارادا لڪل محسوس ٿين ٿا جيڪي يورپي يونين جي ايندڙ عالمي انسان دوست ڪردار کان خائف ۽ چرڪيل آھن ۽ جن جو مقصد يورپي يونين خصوصن جرمني جي ايندڙ وقت جي عالمي سياسي ڪردار معاشي استحڪام ڌرتيءَ جي گولي تي قومن جي آزاديءَ جمھوريت جي بحالي سيڪيلرزم ۽ معاشي اڀيرائي وارين ڪوشش اڳيان رڪاوٽون وجھڻ آھي جئين يورپ جي عالمي ڪردار کي سوڙھو ۽ محدود ڪري سگھجي.اسان پنھنجو اصولي ۽ سياسي موقف دھرائيندي ھڪ ڀيرو ٻيھر اھو واضع ٿا ڪريون تہ اسان دھشتگردي ۽ انتھا پسندي جي خلاف ھن جنگ ۾ سموري مھذب جمھوري دنيا سان گڏ آھيون اسان کي اھا پڻ اميد آھي تہ دنيا جا جمھوري ملڪ عالمي دھشتگرديءَ ۽ انتھا پسندي خلاف انساني ماڻھپي رواداريءَ ۽ جمھوريت جي قدرن جي تحفظ سان گڏ غلام قومن جي آزادي جي ايجنڊا کي پڻ پنھجي ترجيع ۾ رکندا.ھن وڌيڪ چيو تہ پئرس جي سوڳوار خاندانن ۽ فرينچ ماڻھن جي ڏک کي سنڌي قوم پنھجو ڏک ۽ درد سمجھي ٿي ۽ اسان ھن ڏک ۽ صدمي جي گھڙيءَ ۾ اقوام عالم ۽ انسان دوست قوتن يورپ ۽ پيرس وارن سان گڏ آھيون